ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) سومر 15 جون 2026ع 29 ذوالحج 1447ھ صفحا 06 - ملھ 30 ويھ شمارو (299)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Monday 15th June 2026

حڪومت عوام کي رليف ڏيڻ تي ٻڌل بجيٽ ڏني آهي، عالمي ادارا پاڪستان ۾ سڌارن جي حمايت ڪن پيا: عطاالله تارڙ

بجيٽ ۾ پگهاردار طبقي، مزدور، هاري، ايڪسپورٽرز، عورتن ۽ وچولي طبقي سميت هر شعبي جي لاءِ مالي گنجائش پيدا ڪئي وئي، مهانگائي سنگل ڊجيٽ تي اچي وئي آهي

متاسنا جي ناڻي جا ذخيرا 17.2 ارب ڊالر پوريهيتن پاران پرڏيهه مان موڪليل ناڻو 33.9 ارب ڊالرن ۽ آءِ ٽي روانگي واپار 3.8 ارب ڊالرن جي سطح تي پهچي چڪو آهي

ماضي ۾ ملڪ جي بقالت ٿيڻ جا شرط لڳليا ويندا هئا، شهباز شريف رياست جي بقا لاءِ پنهنجي سياست جي قرباني ڏيندي، نعرو لڳايو ته رياست کي بچائيندس، سياست جي پرواهه ناهي

پوري دنيا وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي امن ڪوششن کي ساراهي پئي معاشي استحڪام کان پوءِ پاڪستان ترقي ۽ خوشحالي جي نئين منزل طرف وڌي رهيو آهي

اسان جڏهن مخالف ڌر جي بئنچن تي هئاسين تڏهن به ميثاق معيشت ۽ ميثاق جمهوريت جي ڳالهه ڪئي، اڄ حڪومت ۾ هئڻ باوجود به اهو ئي موقف برقرار آهي

عالمي ادارا پاڪستان ۾ سڌارن جي حمايت ڪري رهيا آهن. حڪومت مختلف عالمي حصيدارن سان پاڪستان جي نظام جي بهتري لاءِ تعاون حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري پئي

اسلام آباد (اي پي پي) سنڌ سماء واري وفاقي وزير عطاالله تارڙ چيو آهي ته حڪومت معيشت کي استحڪام جي راهه تي گامزن ڪندي عوام کي رليف تي ٻڌل بجيٽ ڏني آهي پگهاردار طبقي، مزدور، هاري، ايڪسپورٽرز عورتن ۽ وچولي طبقي سميت هر شعبي جي لاءِ مالي گنجائش پيدا ڪئي وئي مهانگائي سنگل ڊجيٽ تي اچي وئي آهي پاليسي ريٽ 22 سيڪڙو کان گهٽ ٿي 11 سيڪڙو تي اچي ويو آهي متاسنا جي ناڻي جا ذخيرا 17.2 ارب ڊالر جڏهن ته پوريهيتن پاران پرڏيهه مان موڪليل ناڻو 33.9 ارب ڊالرن جي سطح تي پهچي چڪو آهي آءِ ٽي روانگي واپار 3.8 ارب ڊالرن ٿائين وڃي پهتي جنهن ۾ فري لانسرز جو 995 ملين ڊالرن جو حصو به

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

قومي اسيمبلي ۾ پارٽ پاران درياهن تي آبي ذخيرا ناهي پاڻي روڪڻ خلاف احتجاج، ڏکڻ پنجاب لاءِ الڳ صوبو ڏنو وڃي: ميمبر

وفاقي بجيٽ ۾ اشرافيه کي رليف ڏنو ويو آهي، بزنس ڪلاس ۽ ڊيبٽ ڪارڊ تي فائدو عام ماڻهو کي نه ٿيندو 8483 روپيا ڪمائيندڙ تي ٽيڪس مڙهڻ واري فيصلي تي نظرثاني ڪئي وڃي: شرميلا فاروقي

اسان جو دشمن ڀارت درياهن تي آبي ذخيرا ناهي پيو، داسو، مهمند، ڀاشا ڊيم لاءِ رکيل فنڊ ناڪافي آهن، ڏکڻ پنجاب جي احساس محرومي ختم ڪرڻ لاءِ الڳ صوبو ڏنو وڃي: مخالف ڌر ميمبر عامر ڊوگر

زراعت جي ترقي لاءِ بجيٽ ۾ ڪجهه به ناهي، صنعت جي بندش سان بيروزگاري ۾ اضافو ٿيو پيو، سياسي استحڪام ۽ امن امان سان معاشي استحڪام ايندو ۽ سيڙپڪاري ٿيندي آهي

وفاقي بجيٽ کي مجموعي طور هڪ مثبت ۽ عوام دوست اڳڀرائي آهي، حڪومت جي معاشي استحڪام ۽ عوامي رليف لاءِ کنيل قدمن جي آجيان ڪريون ٿا: ميان خان بگٽي

گئس جا قدرتي ذخيرا نڪرڻ وارن ضلعن جي مقامي رهواسين کي پهرين گئس ڏني وڃي، بجيٽ جا مثبت ثمر بلوچستان جي ڏورانهن علائقن تائين پهچائڻ لاءِ وفاق ۽ صوبا گڏجي ڪم ڪندا

وزيراعظم، هٿياربند فوج امن استحڪام لاءِ مخلصاڻو ۽ تاريخي ڪردار ادا ڪيو آهي، خطي ۾ امن جي مثبت ماحول سيڙپڪاري ۽ اقتصادي ترقي لاءِ انتهائي سازگار آهي: ميمبر

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي ۾ ميمبرن چيو آهي ته درياهن تي آبي ذخيرا ناهي پارٽ اسان جي حصي جو پاڻي روڪڻ جي سازش ڪري رهيو آهي بجيٽ ۾ آبي ذخيرن لاءِ رکيل رقم ۾ اضافو ڪيو وڃي، ڏکڻ پنجاب جو احساس محرومي ختم ڪرڻ لاءِ الڳ صوبو ڏنو وڃي، پيٽروليم ليوي کي گهٽ ڪيو وڃي. اڄهر تي قومي اسيمبلي ۾ بجيٽ تي بحث ۾

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

قومي اسيمبلي ۾ وفاقي بجيٽ تي عام بحث جاري، حڪومتي ميمبرن جي ساراهه، مخالف ڌر پاران تنقيد

بلوچستان ۾ امن امان کي ترجيح ڏني وڃي، اتي جا ماڻهو امن چاهين ٿا، تفتان بارڊر کي کوليو وڃي: جمال خان ڪاڪڙ

ملڪ ۾ مهانگائي جي ٻوڙ آهي، بجيٽ ۾ وچولي طبقي جي استعمال جون شيون مهانگيون ٿيون آهن: شاهد خٽڪ

پاڪستان انڊين فالس فليگ جو منهن ٽوڙ جواب ڏنو، اسان پاڪ فوج سان گڏ بيٺل آهيون: ميمبر

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي ۾ ايندڙ مالي سال 27-2026ع جي وفاقي بجيٽ تي عام بحث اڄهر تي به جاري رهيو ان دوران حڪومتي ميمبرن بجيٽ کي عام ماڻهو لاءِ سٺي ڪوشش قرار

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

لاهور: هائير ايجوڪيشن ڪميشن جو چيئرمين نياز اختر هڪ اسٽال جو معائنو ڪري رهيو آهي

ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم گرم ۽ خشڪ رهڻ جو امڪان

اسلام آباد (اي پي پي) ملڪ جي اڪثر

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

مولانا فضل الرحمان سان مشعال حسين ملڪ جي ملاقات، آزاد ڪشمير جي موجوده صورتحال تي ڳالهيون

اسلام آباد (اي پي پي) جمون ڪشمير

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

سياسي ۽ عسڪري قيادت ۾ پاڪستان جو عالمي سطح تي امن لاءِ موثر ڪردار فخر جوڳو آهي: جمال رئيساڻي

ڳالهيون، سفارتڪاري ۽ علائقائي ۽ عالمي استحڪام کي هٿي وٺائڻ لاءِ پاڪستان جي مستقل عزم جي عڪاسي آهي

وزيراعظم شهباز شريف، چيف آف آرمي اسٽاف ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي انٿڪ محنت ساراهه جوڳي آهي

پاڪستان مستقبل ۾ به امن، استحڪام ۽ عالمي تعاون کي هٿي ڏيڻ ۾ پنهنجو مثبت ڪردار جاري رکندو

ڪوئيٽا (اي پي پي) قومي اسيمبلي جي ميمبر نوابزاده جمال رئيساڻي چيو آهي ته عالمي سطح تي امن جي قيام لاءِ پاڪستان جو هڪ اعتماد جوڳو ۽ ٽياڪڙ طور اڀرڻ پوري قوم لاءِ فخر جوڳو آهي هي ڪاميابي ڳالهيون سفارتڪاري ۽ علائقائي ۽ عالمي استحڪام کي هٿي وٺائڻ لاءِ پاڪستان جي مستقل عزم جي

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

ون يونٽ دور ۾ حيدر بخش جتوئي جو ڪردار اهم هو ترقي پسند تحريڪ کي منظم ڪرڻو پوندو: سجاڻ ڏرين

سنڌي ڏاهن ابراهيم جويو، جي ايم سيد ۽ قاضي فيض محمد تي سيمينار ڪرڻ گهرجن: پروفيسر اعجاز قريشي

حيدر بخش هارين جي خراب حالتن کي ڏسي سرڪاري نوڪري تان استعيفا ڏئي جدوجهد ڪئي: ڊاڪٽر جعفر احمد

نوجوانن کي تعليم ڏيڻ ۽ ترقي پسند تحريڪ کي منظم ڪرڻ جي ضرورت آهي: سهيل سانگي / تاج مري ۽ ٻين جو خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي نامور دانشورن ۽ مفڪرن چيو آهي ته سنڌ جنهن ڏکئي دور مان هن وقت گذري رهي آهي ان ۾ حيدر بخش جتوئي جهڙن عالمن شاعرن ۽ جدوجهد ڪندڙن جي ضرورت آهي

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي ياد ۾ منعقد ڪيل تقريب ۾ پروفيسر اعجاز قريشي ۽ ٻيا اسٽيج تي ويٺل آهن

وڏي وزير سکر بئراج جي بحالي ۽ جديدڪاري منصوبي جي ڪامياب تڪميل جو افتتاح ڪيو

سنڌ حڪومت 23.436 ارب رپين جي رقم کي تيزي سان مڪمل ڪري آبپاشي نظام کي محفوظ بڻايو آهي: مراد علي شاهه

سنڌو درياهه اندر موجود سڀئي 44 بئراج گيٽ ۽ انهن جا هوسٽنگ سسٽم جديد ترين ڊيزائن مطابق تبديل ڪيا ويا آهن

اٽڪل هڪ صدي ڪانپوءِ پهريون ڀيرو بئراج جي فرش ۽ لاڳاپيل انفراسٽرڪچر جي جامع بحالي ڪئي وئي آهي

سکر (رپورٽ خالد ڀانبڻ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سکر بئراج جي بحالي ۽ جديدڪاري کي "سنڌ جي آبي تحفظ ۽ زرعي مستقبل لاءِ هڪ اهم سنگ ميل" قرار ڏيندي چيو آهي ته سنڌ حڪومت 23.436 ارب رپين جي هن وڏي رقم کي تيزي سان مڪمل ڪري ڏکڻ ايشيا جي اهم ترين آبپاشي نظامن مان هڪ کي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

سکر: وڏو وزير مراد علي شاهه، خورشيد شاهه، ناصر شاهه، اويس قادر شاهه ۽ جام خان شورو "سکر بئراج جي بحالي واري ڪم" جو افتتاح ڪري رهيا آهن

ڪي فور منصوبو ڊسمبر تائين مڪمل ٿيندو، سکر حيدرآباد موٽروي تي ڪم ٻيهر شروع ڪيو ويو آهي: احسن اقبال

وفاقي حڪومت ڪراچي جي پاڻي جي مسئلي جي حل ۽ صوبي ۾ مواصلاتي نظام بهتر بڻائڻ لاءِ سمورا وسيلا ڪتب آڻي پئي

واپڊا وفاق کي خاطري ڪرائي آهي ته ڊسمبر تائين پاڻي هر صورت ڪراچي جي مقرره پوائنٽ تائين پهچايو ويندو

موٽر وي منصوبو ايندڙ 3 کان 4 سال اندر مڪمل ڪيو ويندو جنهن سان سڄي سنڌ ۾ سفر انتهائي آسان ٿي ويندو

اسلام آباد (اي پي پي) رٿا بندي، ترقي ۽ خصوصي قدمن واري وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال چيو آهي ته سنڌ ۽ خاص طور ڪراچي لاءِ ڪن وڏن ترقياتي منصوبن تي ڪم جاري آهي وفاقي حڪومت ڪراچي جي پاڻي جي پراڻي مسئلي کي حل ڪرڻ ۽ صوبي ۾ مواصلاتي نظام کي بهتر بڻائڻ لاءِ سمورا وسيلا ڪتب آڻي رهي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ رت جي عطئي جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان سميت

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

سعودي حج ۽ عمره واري وزارت پاران خراب ڪارڪردگي ۽ ضابطن جي ڀڃڪڙي تي 21 عمره ڪمپنيون معطل ڪرڻ جو اعلان

رياض (اي پي پي) سعودي حج ۽ عمره واري وزارت ضابطن جي ڀڃڪڙي ۽

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي راڄڌاني ۾ انڊرپاس جو ڪم ٿي رهيو آهي

شامي فوج جي لبنان ۾ داخل ٿيڻ جون افواهون بلڪل بي بنياد آهن: احمد الشرع

جيستائين سرحدون مقرر ڪرڻ جو تعلق آهي ته اهي موجوده وقت ۾ ترجيح نه آهن

جاري بحرانن ۽ اندروني لڏپلاڻ جو اندازو اٽڪل ڏيڍ ملين ماڻهن جو لڳايو ويو آهي

دمشق (اي پي پي) شام جي صدر احمد الشرع شام جي فوج جي لبنان ۾ داخل ٿيڻ جي امڪان بابت گردش ڪندڙ افواهن

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۾ چوپائي مال جي شعبي ۾ اهم ڪاميابي، روسي ريڪسين جي فراهمي بحال

جانورن ۾ منهن ۽ کر جي بيمارين سبب لکين جانور متاثر ٿيا پيداوار ۽ روانگي واپار کي نقصان پهتو

ريڪسين جي فراهمي سان سان چوپايو مال جي بيمارين کان بچاءُ جو نظام بهتر ٿيندو

اسلام آباد (اي پي پي) چوپائي مال جي شعبي (لائيو اسٽاڪ) ۾ اهم ڪاميابي تحت روسي ريڪسين جي فراهمي بحال ٿي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

اسان پي ٽي آءِ جي دور جي فسطائيت ۽ جمهوريت جو چهرو ڏٺو آهي: احسن اقبال

ان دور ۾ اسان اپوزيشن جي گرفتار ميمبرن جي پروڊڪشن آرڊر جاري ڪرڻ لاءِ اسپيڪر کي منٿون ڪندا هئاسين

هڪ شخص تحريڪ التوا جو فيصلو ڪندو هو. آرڊر آف دي ڊي به ان جي مرضي سان ناهيو ويندو هو

اسلام آباد (اي پي پي) رٿابندي، ترقي ۽ سڌارن واري وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال چيو آهي ته اسان پي ٽي آءِ جي دور جي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

سکر: گرمي وڌڻ سبب قائم ڪيل هيٽ اسٽروڪ ڪيمپ تي ماڻهن کي ميئر سکر ارسلان شيخ شربت پياري رهيو آهي

ڪراچي ۾ نئين تعمير ڪيل عظيم پورا فلاءِ ٽريفڪ لاءِ کوليو ويو، وڏي وزير افتتاح ڪيو

مڪاني ادارن واري کاتي جي مالي سهڪار سان کي ايم سي پاران مقرر مدي کان اڳ رٿا کي مڪمل ڪيو

منصوبو شاهراهه ڀٽو کان شاهراهه فيصل ۽ جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ تائين سڌو سنئون رابطو فراهم ڪندو

سنڌ حڪومت ڪراچي ۽ صوبي جي ٻين علائقن ۾ انفراسٽرڪچر جي ترقي جو عمل تيز ڪيو آهي: مراد علي شاهه

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه نئين تعمير ٿيل عظيم پورا فلاءِ اوور جو افتتاح ڪري چيو هي اهم شهري انفراسٽرڪچر رٿا شاهراهه ڀٽو، شاهه فيصل ڪالوني، شاهراهه فيصل ۽ جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ جي وچ ۾

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ڊاڪٽر فياض عالم جي شخصيت ۽ خدمتون نئين نسل لاءِ مشعل راهه آهن: گورنر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گورنر سيد محمد نهال هاشمي نالي واري سماجي ڪارڪن ڊاڪٽر فياض عالم جي ڪتاب

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

رضاڪارانه ۽ بنا معاوضي رت عطيو ڪندڙ انسانيت جا حقيقي محسن آهن: گيانچند ايسراڻي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير جي صلاحڪار براءِ بحالي کاتو گيانچند ايسراڻي عالمي رت عطيو ڏينهن جي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏو وزير مراد علي شاهه عظيم پورا فلاءِ اوور جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار جو مصر ۽ ترڪي جي پرڏيهي وزيرن سان گڏيل رابطن تي اتفاق

ٽيليفونڪ رابطي ۾ آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ گڏيل مفاهمت طرف ٿيندڙ اڳڀرائي تي ڳالهيون ٿيون

پرڏيهي پاران وزيرن ايندڙ اڳڀرائي جي حوالي سان گڏيل رابطن ۾ رهڻ تي پڻ اتفاق ڪيو

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ڇنڇر ۽ آچر جي وچ واري رات مصر جي پرڏيهي وزير ڊاڪٽر بدر عبدالعاطي سان ٽيليفونڪ ڳالهه ٻولهه ڪئي ٻنهي اڳواڻن

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد ۾ نجي اداري پاران اسڪول نه ويندڙ 4000 ٻارن کي داخلائون ڏيڻ جو اعلان

وفاقي سيڪريٽري تعليم جي ڪوشش سان "ڪو به ٻار پوئتي نه رهجي وڃي" مهم شروع ڪئي وئي

پيرا جي چيئرمين ڊاڪٽر غلام علي ملاح پاران نجي تعليمي ادارن کي خراج تحسين پيش

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي تعليم ۽ پيشيوارانه تربيت واري وزارت جي وفاقي سيڪريٽري جي بصيرت واري قيادت ۽ حصيدارن جي گڏيل ڪوشش جي نتيجي ۾ "ڪو به ٻار پوئتي نه رهجي وڃي" مهم

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

بلديه ٽائون سانحي ڪيس مان بري ٿيڻ تي مبارڪباد پيش ڪريان ٿو: مصطفيٰ ڪمال

واقعي ۾ شهيدن جي وارثن کي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا، جن عدالتي فيصلي کي قبول ڪيو

ايم ڪيو ايم جي باني يا ڪنهن ٻئي سان اسان جي ذاتي دشمني ناهي: پريس ڪانفرنس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وفاقي وزير ۽ ايم ڪيو ايم پاڪستان جي سينيئر اڳواڻ مصطفيٰ ڪمال چيو آهي ته ڪجهه ڏينهن

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪراچي گهر اندر فائرنگ سبب نوجوان قتل مختلف واقعن ۾ ٽي ڄڻا فوت

بن قاسم ۾ گهر ۾ جهيڙي جي دوران فائرنگ ۾ نوجوان بيدار علي قتل ٿي ويو

مختلف علائقن ۾ ڇت ڪرڻ، ڪرنٽ لڳڻ ۽ باهه ۾ سڙڻ سبب 3 ڄڻا فوت ٿي ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) بن قاسم ٿاڻي جي حد اسٽيل مل روڊ جي ويجهو مسرور ڳوٺ جي لڳ گهر ۾ جهيڙي جي دوران فائرنگ

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ڪنهن جماعت جي جاگير نه پر ملڪ جو معاشي مرڪز ۽ سنڌ جي گاديءَ وارو شهر آهي: شرجيل ميمڻ

ايم ڪيو ايم کان اڳ وارو ڪراچي پتي خوري، ڪلن لاءِ قتل، بورين ۾ بند لاش ۽ لساني تعصب کان پاڪ هو

عوام چڱيءَ ريت ڄاڻي ٿو ته شهر کي امن ڪنهن ڏنو ۽ شهر کي بورين ۾ بند لاش ڪنهن ڏنا

سنڌ حڪومت شهر ۾ وڏي پيماني تي ترقياتي منصوبا شروع ڪيا آهن. مسئلا نڀلهن نعرن سان حل ناهن ٿيندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ايم ڪيو ايم جي اڳواڻ خالد مقبول صديقي جي بيان تي ردعمل ڏيندي چيو آهي ته ڪراچي ڪنهن هڪ جماعت جي جاگير ناهي، پر ملڪ جو معاشي مرڪز ۽

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

خيرپور ناٿن شاهه ۾ قائم ڪيل وفا ناٿن شاهي پبلڪ لائبريري جي افتتاحي تقريب

صوبائي وزير ذوالفقار علي شاهه ۽ زبير احمد جوڻيجو گڏيل طور لائبريريءَ جو افتتاح ڪيو

لائبريري خيرپور ناٿن شاهه واسين لاءِ وڏو تحفو آهي، گورڪ کي سنڀاليندي مونکي به سال ٿيا آهن: ذوالفقار شاهه

وفا ناٿن شاهي پبلڪ لائبريري جي قيام سان علائقي ۾ علمي، ادبي ۽ تحقيقي سرگرمين کي نئين هٿي ملندي: زبير جوڻيجو

خيرپور ناٿن شاهه/ڪڪڙ (نمائندن وٽان) خيرپور ناٿن شاهه ۾ علم ادب ۽ مطالعي جي واڌاري لاءِ قائم ڪيل وفا ناٿن شاهي پبلڪ لائبريري جو باقاعده افتتاح هڪ پروقار تقريب ۾ ڪيو ويو افتتاحي تقريب

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

کي اين شاهه: صوبائي وزير ذوالفقار شاهه لائبريري جو افتتاح ڪري رهيو آهي

ليفٽيننٽ جنرل ڏيرج سيٺ ڀارتي فوج جو ايندڙ سربراهه مقرر ٿي ويو

نئين دهلي (اي پي پي) ليفٽيننٽ جنرل

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ايئرپورٽ تي ڊرائيونگ لائسنس تي سعودي عرب وڃڻ جي ڪوشش ڪندڙ مسافر سوگهو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايف آءِ اي اميگريشن جي وڏي ڪارروائي: جعلي

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

وزير پنهنجي گهرن جا گئس ۽ بجلي جا يوٽيليٽي بل پاڻ ادا ڪندا آهن: سينيٽر اعظم نذير تارڙ

بجيٽ قدمن تحت وزيرن کي ملندڙ 400 ليٽر پيٽرول مان گهٽ ڪري 200 ليٽر ڪيو ويو آهي

اسلام آباد (اي پي پي) قانون ۽ انصاف واري وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ چيو آهي ته وزير پنهنجي گهرن جا گئس ۽ بجلي جا يوٽيليٽي بل پاڻ ڀريندا آهن. کين ملندڙ 400 ليٽر پيٽرول ۾ گهٽتائي ڪري 200 ليٽر ڪيو ويو آهي قومي اسيمبلي ۾ وضاحت ڪندي هن چيو ته

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

ٽنڊو محمد خان: محرم الحرام ويجهو ايندي ئي علم پاڪ سينگارڻ جون تياريون تيز

ميرجي پڙ ۽ نظر محمد دولهه سميت مختلف هنڌن تي علم پاڪ سوار ڪرڻ جو سلسلو جاري

ٽنڊو محمد خان (د ر) ٽنڊو محمد خان ۾ محرام الحرام ويجهو ايندي ئي علم پاڪ سينگارڻ ۽ سوار ڪرڻ جون تياريون زور شور سان جاري آهن شهر ۽ ڀرپاسي جي علائقن سميت هر طرف علم پاڪ سينگاريا پيا وڃن ۽ شهر جي مرڪزي ميرجي پڙ، نظر محمد دولهه جو علم پاڪ سينگارڻ بعد

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

لاهور: هڪ زخمي پورهيت پنهنجي سائيڪل تي خالي ڏٻا کڻي وڃي رهيو آهي

صوبائي گهرو وزير فائرنگ جي واقعن جو سخت نوٽيس ورتو، ايڊيشنل آءِ جي کان رپورٽ طلب

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ فائرنگ سبب 3 ڄڻا قتل، عورتن ۽ ٻارن سميت 15 زخمي

اورنگي ٽائون ۾ اڻڄاتل هنڌان ايندڙ گولي لڳڻ سبب نوجوان شڪيل ۽ هٿياربندن هٿان ياسين قتل ٿي ويا

صفوران لڳ فائرنگ جي واقعي ۾ سيوهڻ واسي 45 ورهين جو شاهد پٽ سهيل سولنگي حياتي وڃائي ويٺو

مختلف علائقن ۾ اڻڄاتل رخ کان آيل گولين لڳڻ سبب عورتن ۽ ٻارن سميت 15 زخمي ٿي پيا

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ فائرنگ ۽ هوائي فائرنگ سبب 3 ڄڻا قتل ٿي ويا ۽ عورتن ۽ ننڍڙن ٻارن سميت 15 ڄڻا زخمي ٿي پيا. صوبائي گهرو وزير ضياءَ الحسن لنجار فائرنگ ۾

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: پروفيسر ڊاڪٽر انيس الدين ڀٽي ۽ ڪلب فوٽ جي بيماري ۾ مبتلا ٻارڙو

پاڪستان ۾ ڪلب فوٽ جي علاج بابت پروفيسر انيس الدين ڀٽي عالمي سطح تي مڃتا ماڻي

گذريل 30 سالن دوران ملڪ ۾ ڄمڻ وقت ٻيرن جي ٽيڙائپ جي علاج بابت تحقيق ڪئي وئي

هي تحقيق ٻارن جي ٻيرن جي پيدائشي بيمارين جي بهتر علاج لاءِ اهم قدم آهي: آرٿوپيڊڪ ايسوسيئيشن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان آرٿوپيڊڪ ايسوسيئيشن (POA) ضياءَ الدين ميڊيڪل يونيورسٽي اسپتال ڪراچي جي نامور

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

ڀارت سرحد تي بي ايس ايف جي فائرنگ، هڪ بنگلاديشي شهري فوت

اگرتله (اي پي پي) رياست تريپوره ۾ بنگلاديش سان لڳندڙ سرحد تي ڀارتي پيرا

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

ڀارتي رياست آسام ۾ بي ايس ايف اهلڪار اڳهات ڪري ڇڏيو

نئين دهلي (اي پي پي) ڀارتي رياست آسام جي ضلعي سري ڀومي ۾ عالمي

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

جامشورو ۾ منشيات جي سرعام وڪري خلاف احتجاج

رهواسين حاڪم چانڊيو، عامر جانوري، مختيار ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

جهن هفتن کان احتجاج ڪري رهيا آهيون پر انتظاميا ڪوبه نوٽيس ناهي ورتو

جامشورو (د ر) جامشورو شهر مان شراب جي گٽڪي سوڌو منشيات جي سرعام وڪري خلاف بنيادي مسئلن جي حل لاءِ جامشورو جي شهرين پاران هفتيوار احتجاج جي سلسلي ۾ اڄ سٿين آچر تي وڏي انگ

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: هڪ ٻارڙو گرمي سبب واهه ۾ وهنجي رهيو آهي

حيدرآباد: نئين پل تي ماڻهن گرمي سبب لسي پي رهيا آهن

زرداري برادري هميشه پيپلز پارٽي جي وفادار ساٿي رهي آهي: طالب حسين زرداري

پر افسوس ڳوٺ جام زرداري کي ترقياتي منصوبن ۽ سهولتن جي فراهمي ۾ نظرانداز ڪيو ويو آهي

جيڪڏهن جائز مطالبن تي سنجيدگي سان غور نه ڪيو ويو ته زرداري برادري پنهنجو لائحه عمل جو اعلان ڪندي

ميهڙ (ن ع) ميهڙ راڄڻ پريسان ڳوٺ جام زرداري ۾ زرداري اتحاد سنڌ پاڪستان ضلع دادو جي صدر ۽ ڳوٺ جي چڪي سڙس

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

متيارين ضلعي ۾ دل جي مريضن ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو ٿي رهيو آهي: گلفام ڪاظمي

هالا ۾ جيسٽ پين يونٽ کولڻ جي تمام گهڻي ضرورت آهي ته جيئن مريض جو بروقت علاج ڪري زندگيون بچائي سگهجن

منصوبي لاءِ حڪومتن ۽ ڊونرز سان رابطن جو فيصلو مختلف شهرن ۾ ڪانفرنسون ڪرائڻ جو اعلان

هالا (ت ر) هالا ۾ سول سوسائٽي آف سنڌ جي بورڊ آف ڊائريڪٽرس جي اهم گڏجاڻي چيئرمين سيد گلفام ڪاظمي جي صدارت

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ محرم الحرام دوران فول پروف سيڪيورٽي لاءِ جامع ۽ اثرائتا قدم کڻڻ جو حڪم

گهرو وزير ضياءَ الحسن لنجار جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ امن امان جي قيام بابت کنيل قدم تي غور ويچار

عوام جي جان و مال جو تحفظ سنڌ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي، ڪابه ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي

شرپسند عناصرن، ڪالعدم تنظيمن ۽ شڪي ماڻهن جي سخت نگراني کي يقيني بڻائڻ جي هدايت

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ جي گهرو وزير ضياءَ الحسن لنجار محرم الحرام 2026ع دوران امن امان جي قيام عوام جي جان و مال جي تحفظ ۽ مجلس توڙي جلوسن جي فول پروف سيڪيورٽي کي يقيني بڻائڻ لاءِ لاڳاپيل اختيارين کي جامع ۽ اثرائتا قدم کڻڻ جون هدايتون جاري ڪري ڇڏيون آهن سنڌ جي گهرو وزير چيو آهي ته محرم الحرام دوران سيڪيورٽي انتظامن لاءِ فوري طور تي جامع ڪنٽيجنسي ۽ ڪميونيڪيشن پلان جوڙيو

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

راولپنڊي: هڪ اسڪوٽي تي ناريون پنهنجي منزل ڏانهن وڃي رهيون آهن

لاڙڪاڻي واسي جو ايس ايڇ او ڪنڊيارو جي زيادتين خلاف احتجاج

ايس ايڇ او معذور پٽ بابر کي گرفتار ڪري گهر ڪري ڇڏيو آهي: نثار سيال

بلاجواز ڪنهن گهر ڪيل جي آزادي لاءِ ايس ايڇ او 3 لک رپيا گهري رهيو آهي، انصاف ڪيو وڃي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي الهه آباد پاڙي جي رهواسي نثار احمد سيال پنهنجي پٽ نصيب سيال سان گڏجي لاڙڪاڻو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته اسين اصل تعلقي ڪنڊيارو جي ڳوٺ محمد علي سيال جا رهواسي آهيون 5 سال اڳ ٻارن جي تعليم جي سلسلي ۾ لڏپلاڻ ڪري لاڙڪاڻي شهر جي الهه آباد پاڙي ۾ رهائش اختيار ڪئي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

منهنجي کاتي ۾ 20 ارب جي ڪرپشن جا ڪيس آهن، وزارت بچائڻ لاءِ ضمير جو سودو نه ڪندس: سعيد غني

اسان اهو تسليم ڪرڻ گهرجي ته اسان جو معاشرو ايترو مهذب ناهي جيترو ٻين ملڪن جو آهي

سنڌ پاڪستان جو پهريون صوبو آهي جنهن هوم بيسڊ ورڪرز کي قانوني حيثيت ڏني آهي

عورتن کي مردن سان گڏ ڪم ڪندي ڏسي خوشي ٿئي ٿي، پر اسان کي سماجي حقيقتن جو به احساس رکڻ گهرجي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي محنت، افرادي قوت ۽ سماجي تحفظ واري وزير سعيد غني چيو آهي ته اسان کي اهو تسليم ڪرڻ گهرجي ته اسان جو معاشرو اڃا ايترو مهذب ناهي جيترو ٻين ملڪن جو

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني جسٽس سرفراز ڈوگر جي پٽ جي وليمي ۾ شريڪ آهي

بقايا 1 ميمبر

حصو وٺندي شرميلا فاروقي چيو ته بجيٽ ۾ اشرافيه کي رليف ڏنو ويو آهي. بزنس ڪلاس ۽ ڊيبٽ ڪارڊ تي فائدو عام ماڻهو کي نه ٿيندو. هلندڙ مالي سال ۾ 850 ارب رپين جي ٽيڪس پگهاردار طبقي کان جمع ڪئي وئي. ٿرڊ شيڊول کي سگهه ڏيڻ سان 21 ڪيٽگريز وڌايون ويون آهن انهن ۾ روزمره جي استعمال جون شيون شامل آهن. هن چيو ته 8483 روپيا ڪمائيندڙ جي تعريف ڪئي وئي آهي ته هو غريب ناهي، ان تي نظرثاني ڪئي وڃي. مخالف ڌر جي ميمبر عامر ڏوگر چيو ته پيٽروليم ليوي کي گهٽ ڪيو وڃي. داسو، مهمند، ڀاشا ڊيم لاءِ رکيل فنڊ ناڪافي آهن. اسان جو دشمن ڀارت اسان جي درياهن تي آبي ذخيرا ٺاهي رهيو آهي. صنعت جي بندش سان بيروزگاري ۾ اضافو ٿي رهيو آهي. سياسي استحڪام ۽ امن امان سان معاشي استحڪام ايندو آهي. سيڙپڪاري ٿيندي آهي. زراعت جي ترقي لاءِ هن بجيٽ ۾ ڪجهه به ناهي. ڏکڻ پنجاب جو احساس محرومي ختم ڪرڻ لاءِ انهن کي الڳ صوبو ڏنو وڃي. ملتان سکر موٽر وي ٺهي رهيو آهي اهڙي طرح سکر حيدرآباد موٽر وي لاءِ هن بجيٽ ۾ پيسا رکيا ويا آهن ان کي جلد شروع ڪيو وڃي. ملتان بهاولپور ڊبل روڊ منصوبو مڪمل نه ٿي سگهيو. ملتان کان ڊيره غازي خان ۽ ايم ايم منصوبو مڪمل ڪيو وڃي. هن چيو ته بجيٽ ۾ ڏکڻ پنجاب جي ضلعن کي نظرانداز ڪيو ويو آهي. پاڪستان مسلم ليگ (ن) بلوچستان جي قومي اسيمبلي جي ميمبر ميان خان بگٽي وفاقي بجيٽ کي مجموعي طور هڪ مثبت ۽ عوام دوست اڳڀرائي قرار ڏيندي حڪومت جي معاشي رخ کي ساراهيو. قومي اسيمبلي جي بجيٽ اجلاس ۾ حصو وٺندي هن معاشي استحڪام ۽ عوامي رليف لاءِ کنيل قدمن جي آجيان ڪئي ۽ ان عزم جو اظهار ڪيو ته هن بجيٽ جا مثبت ثمر بلوچستان جي ڏورانهن علائقن تائين پهچائڻ لاءِ وفاق ۽ صوبا گڏجي ڪم ڪندا. بجيٽ جي مختلف پاسن تي ڳالهائيندي هن چيو ته ملڪي ۽ عالمي سطح تي پاڪستان جي معتبر سڃاڻپ کي به اجاگر ڪيو. هن چيو ته وزيراعظم، هٿياربند فوج امن استحڪام لاءِ جيڪو مخلصاڻو ۽ تاريخي ڪردار ادا ڪيو آهي اڄ پوري دنيا ان کي ساراهي رهي آهي. هن خطي ۾ امن جي مثبت ماحول کي سيڙپڪاري ۽ اقتصادي ترقي لاءِ انتهائي سازگار قرارڏنو. پنهنجي تڪ جي پنجن ضلعن خاص ڪري ڊيره بگٽي ۽ سبي جي ترقي تي فوڪس ڪندي مسلم ليگ (ن) جي ميمبر هڪ اهم ۽ تعميري مطالبو ايوان سامهون پيش ڪيو. هن چيو ته هي بجيٽ جو هڪ بهترين ۽ مثبت اصول هئڻ گهرجي ته جن ضلعن ۾ گئس جهڙا قدرتي ذخيرا نڪرن ٿا، اتي جي مقامي رهواسين کي سڀ کان پهرين گئس جي سهولت فراهم ڪئي وڃي ته جيئن اتي جو عام ماڻهو سڌي ريت ملڪي ترقي جي ان سفر ۾ شامل ٿي سگهي. ميان خان بگٽي خاص طور تي سوئي ۽ پير ڪوهه جهڙن علائقن ۾ پيئڻ جي صاف پاڻي جي فراهمي جي منصوبن کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ جي ضرورت تي پڻ زور ڀريو. هن اميد ظاهر ڪئي ته موجوده عوام دوست بجيٽ تحت بلوچستان جي انفراسٽرڪچر ۽ بنيادي سهولتن تي خاص ڌيان ڏنو ويندو، جنهن سان صوبي جي عوام جي زندگي جو معيار بلند ٿيندو ۽ خوشحالي جي نئين دور جي شروعات ٿيندي.

بقايا 2 افتتاح ڪيو

محفوظ بڻايو آهي سنڌ بئراجز امپروومينٽ پراجيڪٽ (ايس بي آءِ پي) تحت 2025-26ع جي ورڪنگ سيزن جي ڪامياب تڪميل واري افتتاحي تقريب کان اڳ سيد مراد علي شاهه بئراج جي بحال ڪيل حصن جو معائنو ڪيو. گذريل هڪ سال دوران مڪمل ڪيل جديدڪاري جي ڪمن جو جائزو ورتو. هن چيو ته اپ گريڊ ٿيل سکر بئراج ٻوڏ جي خطرن کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت ۾ واڌ، آبپاشي نظام جي بهتري ۽ صوبي جي لکين آبادگار خاندانن جي روزگار جي تحفظ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو. وڏي وزير سکر بئراج جي بحالي ۽ جديدڪاري منصوبي تحت 2025-26ع جي سيزن جي ڪامياب تڪميل جو افتتاح ڪيو. هيءَ رٿا سنڌ بئراجز امپروومينٽ پراجيڪٽ جو هڪ اهم حصو آهي. جنهن جو مقصد پاڪستان جي سڀ کان اهم آبپاشي ڍانچن مان هڪ جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ آهي. پنهنجي دوري دوران هن تاريخي سکر بئراج جي مختلف بحال ڪيل حصن جو معائنو ڪيو. رٿا جي مختلف جزن تي ٿيندڙ اڳڀرائي جو جائزو ورتو ۽ گذريل سال مڪمل ڪيل وسيع پيماني جي جديدڪاري جي ڪمن جو مشاهدو ڪيو. ان موقعي تي وزير آبپاشي جام خان شورو، وزير بلديات ناصر حسين شاهه، سنڌ اسيمبليءَ جي اسپيڪر اويس قادر شاهه، سيڪريٽري آبپاشي ظريف کيڙو، آبپاشي کاتي جا سينيئر آفيسر، پراجيڪٽ مئنيجمينٽ ٽيم، صلاحڪار ۽ انجنيئر پڻ موجود هئا. وڏي وزير چيو ته جون 2024ع ۾ بئراج جي گيٽ نمبر 44 ۽ 47 ۾ خرابي اچڻ ڪانپوءِ سنڌ حڪومت بحالي جي ٻن سيزنن جو ڪم هڪ ئي سيزن ۾ مڪمل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ ان مقصد لاءِ هڪ وڏو عارضي ڪوفر ڊيم تعمير ڪيو ويو. هن چيو ته هن حڪمت عملي سان وڌيڪ گيٽن جي ناڪامي جا خطرا گهٽ ٿيا ۽ منصوبي جي تڪميل ۾ تيزي آئي. هن ٻڌايو ته گڊو بئراج بحالي منصوبو 9.585 ارب رپين جي لاڳت سان ڪاميابيءَ سان مڪمل ٿي چڪو آهي. جڏهن ته سکر بئراج منصوبو 23.436 ارب رپين جي مجموعي سيڙپڪاري سان جاري آهي. سيد مراد علي شاهه چيو ته سنڌ حڪومت رٿا جي اصل هدفن کان به وڌيڪ ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن. جتي 32 گيٽن جي تبديلي جو هدف مقرر هو، اتي 44 گيٽ تبديل ڪيا ويا آهن. جيڪو سنڌ جي آبي ڍانچي جي تحفظ لاءِ اسان جي سنجيده ڪوشش جو ثبوت آهي. سيڪريٽري آبپاشي ظريف کيڙو بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته سنڌو درياهه اندر موجود سڀئي 44 بئراج گيٽ ۽ انهن جا هوسٽنگ سسٽم جديد ترين ڊيزائن مطابق تبديل ڪيا ويا آهن ۽ هاڻي مڪمل طور فعال آهن. سڀني 44 بئراج خانن (Bays) ۾ سول مرمت جو ڪم مڪمل ٿي چڪو آهي. جڏهن ته 27 واهن جي گيٽن ۽ لاڳاپيل ڍانچن جي بحالي به ڪئي وئي آهي. هن وڌيڪ ٻڌايو ته ڪينالن ۽ واهن ۾ پاڻي جي صحيح ماپ لاءِ ڇهه گيج ويلز تعمير ڪيا ويا آهن. جڏهن ته بئراج مٿان گڏ ٿيل واري ۽ مٽي ڪڍڻ (ڊريجنگ) جي ڪم سان پاڻي جي وهڪري ۾ نمايان بهتري آئي آهي. وڏي وزير چيو ته هن سيزن جي ڪامياب تڪميل سکر بئراج جي جديدڪاري ۾ هڪ تاريخي ڪاميابي آهي. اٽڪل هڪ صدي ڪانپوءِ پهريون ڀيرو بئراج جي فرش ۽ لاڳاپيل انفراسٽرڪچر جي جامع بحالي ڪئي وئي آهي. جنهن سان سنڌ جي آبپاشي نظام تي ڀاڙيندڙ لکين ماڻهن لاءِ هن اهم آبي ڍانچي جي حفاظت ۽ پائيداري يقيني بڻائي وئي آهي. هن چيو ته سنڌ حڪومت اهم آبي ڍانچن جي تحفظ ۽ جديدڪاري لاءِ مڪمل طور پرعزم آهي. سکر بئراج جي بحالي سان ٻوڏ جي پاڻي جي گذرڻ جي صلاحيت بهتر ٿيندي، آپريشنل ڪارڪردگي ۾ اضافو ٿيندو ۽ ايندڙ نسلن لاءِ آبپاشي جي پاڻي جي فراهمي وڌيڪ مستحڪم ٿيندي. سيد مراد علي شاهه نشاندهي ڪئي ته سنڌ جي لڳ ڀڳ 60 سيڪڙو آبادي ٻهراڙي وارن علائقن ۾ رهي ٿي ۽ سڌي يا اڻ سڌي طرح بئراج نظام وسيلي فراهم ٿيندڙ آبپاشي جي پاڻي تي ڀاڙي ٿي. هن چيو ته 6 لک کان وڌيڪ آبادگار خاندانن جو روزگار ۽ پاڪستان جي غذائي تحفظ جو وڏو حصو سکر بئراج مان فراهم ٿيندڙ پاڻي سان لاڳاپيل آهي. وڏي وزير آبپاشي کاتي کي هدايت ڪئي ته رٿا جي باقي ڀاڱن ۾ معيار، حفاظت ۽ شفافيت جي اعليٰ ترين اصولن کي برقرار رکيو وڃي ۽ جون 2027ع تائين رٿا جي بروقت تڪميل کي يقيني بڻايو وڃي. هن نگراني ۽ سار سنڀال جي نظام کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ جي به هدايت ڪئي ته جيئن بحالي جي ڪمن جا ڊگهي مدي وارا فائدا حاصل ڪري سگهجن. سيد مراد علي شاهه سنڌ بئراجز امپروومينٽ پراجيڪٽ جي اڳوڻي پراجيڪٽ ڊائريڪٽر پريتم داس کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته هن پيچيده فني چئلينجن کي منهن ڏيڻ ۽ رٿا کي ڪاميابي سان مڪمل ڪرڻ ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو. هن چيو ته سنڌ حڪومت جي طرفان آئون پريتم داس جي قيمتي خدمتن ۽ سنڌ جي عوام لاءِ سندس انتهائي اهم ڪردار ادا ڪرڻ تي دلي ٿورا مڃان ٿو. صوبائي وزير رٿابندي، ترقي ۽ آبپاشي جام خان شورو هن رٿا کي سنڌ جي جديد تاريخ جي اهم ترين انفراسٽرڪچر رٿائن مان هڪ قرار ڏيندي چيو ته ان سان آبي انتظام، آبپاشي جي ڪارڪردگي ۽ لکين هارين جي روزگار جي تحفظ کي وڌيڪ هٿي ملندي. سيڪريٽري آبپاشي ظريف کيڙو چيو ته رٿا جي هن اهم مرحلي جي ڪامياب تڪميل انجنيئرن، فني ماهرن، صلاحڪارن ۽ پراجيڪٽ ٽيمن جي بي لوث محنت ۽ پيشه ورانه صلاحيتن جو نتيجو آهي. هن ٻڌايو ته رٿا مقرر ڪيل شيڊول مطابق جاري آهي ۽ جون 2027ع تائين باقي سڀئي ڪينال گيٽ پڻ تبديل ڪيا ويندا. هن وڌيڪ ٻڌايو ته پراڻن اسٽوني رولر گيٽن ۽ ڪائونٽر ويٽ سسٽم کي جديد فڪسڊ ويل گيٽن ۽ خودڪار هوسٽنگ سسٽمن سان تبديل ڪيو ويو آهي. جيڪي لوڪل ڪنٽرول پينلز (LCPs) ذريعي هلن ٿا. ڪائونٽر ويٽ سسٽم ختم ٿيڻ سان بئراج تي لڳ ڀڳ 4,500 ٽن کان وڌيڪ وزن (Dead Load) گهٽ ٿيو آهي. جنهن سان ڍانچي جي مضبوطي، آپريشنل ڪارڪردگي ۽ سار سنڀال ۾ نمايان بهتري آئي آهي. جام خان شورو وڏي وزير کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته بحالي جا هي ڪم آبپاشي کاتي جي پراجيڪٽ مئنيجمينٽ آفيس (پي ايم او) وسيلي ورلڊ بئنڪ جي مالي سهڪار ۽ بين الاقوامي صلاحڪارن جي فني نگراني هيٺ ڪيا پيا وڃن. سنڌ جي عوام کي واڌايون ڏيندي وڏي وزير چيو ته مضبوط ۽ جديد سکر بئراج ايندڙ ڪيترن ئي ڏهاڪن تائين سنڌ جي زرعي شعبي جي خدمت جاري رکندو ۽ محفوظ ٻوڏ گذرگاهن سان گڏ آبپاشي جي پاڻي جي قابل اعتماد فراهمي کي يقيني بڻائيندو. سيڪريٽري آبپاشي ظريف کيڙو ٻڌايو ته رٿا مقرر ڪيل شيڊول مطابق جاري آهي ۽ اميد آهي ته جون 2027ع تائين مڪمل طور تي پوري ٿي ويندي. سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته سنڌ جي بئراجن جي بحاليءَ جو عمل جاري رکيو ويندو ته جيئن سنڌ سرسبز خوشحال رهي ۽ پاڪستان جي معيشت ۾ نمايان ڪردار ادا ڪندي رهي. هن زور ڀريو ته هن رٿا جي پائيدار بنيادن تي سار سنڀال ڪئي ويندي ته جيئن مستقبل ۾ ڪنهن به قسم جي نقصان کان بچي سگهجي ۽ انجنيئرن، مزدورن ۽ ٻين لاڳاپيل ڌرين جي محنت ضايع نه ٿئي. وڏي وزير اعلان ڪيو ته ڪوٽڙي بئراج جي فزيبلٽي اسٽڊي کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ ڪم جاري آهي. هن سنڌ جي بئراجي نظام کي "سنڌ جي ساهه واري رڳ" قرار ڏيندي چيو ته سکر بئراج جي بحالي سان ان جي عملي عمر ۾ وڌيڪ 30 سالن جو اضافو متوقع آهي. پاڻي جي ڪوٽ بابت سوالن جا جواب ڏيندي سيد مراد علي شاهه چيو ته هن ڪي ڏينهن اڳ وزيراعظم کي سنڌ جي خدشن بابت خط لکيو هو. هن ٻڌايو ته هن سال سنڌوءَ درياهه جي نظام ۾ پاڻي جي وهڪرن جي صورتحال گذريل سال جي ساڳئي عرصي جي ڀيٽ ۾ بهتر آهي. هن چيو ته 8 جون 2026ع تائين درياهن ۾ پاڻي جي آمد 8 جون 2025ع جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ رڪارڊ ڪئي وئي آهي. اهڙيءَ طرح ڪابل درياهه، جهلم درياهه، چناب درياهه ۽ منگلا ڊيم ۾ پڻ پاڻي جي سطح گذريل سال جي مقابلي ۾ وڌيڪ رهي آهي. وڏي وزير ٻڌايو ته 8 جون تي گڊو بئراج جي معتين حصي ۾ پاڻي جو وهڪرو گذريل سال جي ڀيٽ ۾ نمايان طور تي بهتر هو. هن انڊس ريور سسٽم اٿارٽي (ارسا) سان ٿيل ڳالهين جو حوالو ڏيندي چيو ته اڳوڻي وفاقي وزير سيد خورشيد شاهه پڻ سنڌ جي پاڻي وارن مسئلن بابت ارسا جي عملدارن سان ملاقاتون ڪيون هيون. هن چيو ته جيتوڻيڪ شروعاتي طور سنڌ جي خدشن کي تسليم نه ڪيو ويو پر بعد ۾ ارسا صوبي طرفان پيش ڪيل انگ اکر درست تسليم ڪري ورتا. وڏي وزير موجب سنڌ ۾ پاڻي جي ڪوٽ شروعاتي طور لڳ ڀڳ 41 سيڪڙو ٻڌائي وئي هئي. جنهن کان پوءِ اضافي 20 هزار ڪيوسڪ پاڻي ڇڏيو ويو. هن چيو ته تنهن هوندي به سنڌ کي اڃا تائين ضرورت کان گهٽ پاڻي ملي رهيو آهي. هن چيو ته توهان رٿ ذخيرن ۾ پڻ وڌيڪ پاڻي موجود آهي. هن وڌيڪ چيو ته ڪجهه فيصلا سڄي ملڪ جي آبپاشي رٿائن کي متاثر ڪري سگهن ٿا، تنهن ڪري انهن تي نظرثاني ڪرڻ جي ضرورت آهي. هن ٻڌايو ته سنڌ حڪومت ارسا کان روزاني بنيادن تي پاڻي جي وهڪرن بابت ڊيٽا فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي ۽ واضح ڪيو ته هو ڪنهن تي الزام نه ٿا هڻن پر طئي ٿيل طريقيڪار تحت سنڌ جي جائز حصي جو مطالبو ڪري رهيا آهن. وڏي وزير سکر-حيدرآباد موٽروي رٿا جي اهميت تي پڻ روشني وجهندي چيو ته هي رڳو سنڌ حڪومت جي رٿا ناهي، پر قومي اهميت جو حامل منصوبو آهي. جنهن سان سڄي ملڪ کي فائدو پهچندو.

بقايا 3 احسن اقبال

آهي. قومي اسيمبلي ۾ ايم ڪيو ايم جي سنڌ اسيمبلي جي ميمبر طرفان اٿاريل نقطي جو جواب ڏيندي وفاقي وزير ڪراچي لاءِ پاڻي جي اهم ترين منصوبي ڪي فور جي حوالي سان اهم اڳڀرائي ٻڌائيندي چيو ته وفاقي حڪومت 150 ارب رپين جي وڏي لاڳت سان ان پروجيڪٽ کي اڳتي وڌائي رهي آهي. هن واضح ڪيو ته واپڊا وفاق کي خاطري ڪرائي آهي ته ڊسمبر 2026ع تائين پاڻي هر صورت ڪراچي جي مقرره پوائنٽ تائين پهچايو ويندو. ان مرحلي ڪانپوءِ پاڻي جي اڳتي فراهمي ۽ ورهاست جي نيٽ ورڪ کي مڪمل ڪرڻ صوبائي حڪومت جي ذميواري هوندي. مواصلاتي منصوبن تي ڳالهائيندي احسن اقبال جو چوڻ هو ته سکر- حيدرآباد موٽر وي (M-6) جو پراڻو معاهدو اڪثر سببن جي ڪري ڪينسل ڪري ڇڏيو هو جڏهن ته هاڻي حڪومت ان تي نئين سري کان ڪم جي شروعات ڪري ڇڏي آهي. هن اميد ظاهر ڪئي ته اهو اهم موٽر وي منصوبو ايندڙ 3 کان 4 سال اندر مڪمل ڪيو ويندو. جنهن سان سڄي سنڌ ۾ سفر انتهائي آسان ٿي ويندو. وفاقي وزير ٻڌايو ته ڪراچي ۽ حيدرآباد کي ملائيندڙ موجوده ايم نائين موٽر وي جي نئين الائنمينٽ تي ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي ته جيئن وڌندڙ ٽريفڪ جي دٻاءُ کي سنڀالي سگهجي. هن انهن سمورن منصوبن جا تفصيل ايوان سامهون رکڻ ڪانپوءِ صدارت ڪندڙ ميمبر ميان وقاص صاحب جو شڪريو ادا ڪندي پنهنجو بيان مڪمل ڪيو.

بقايا 4 ملهايو ويو

سڄي دنيا ۾ رت جي عطيي جو عالمي ڏينهن اڄ 14 جون تي ملهايو ويو. ان ڏينهن کي ملهائڻ جو مقصد رت جي ضرورت جي باري ۾ عوامي سطح تي ڄاڻ پيدا ڪرڻ ۽ انساني زندگيون بچائڻ لاءِ رضاڪارانه ۽ بنا ڪنهن معاوضي جي رت عطيو ڪندڙن جو شڪريو ادا ڪرڻ آهي. صحت جي عالمي اداري پاڪستان جي عوام کي رت جو عطيو ڏيڻ جي اپيل ڪئي آهي. رت عطيو ڪندڙن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي جاري ڪيل بيان ۾ گڏيل قومن چيو آهي ته پاڪستان کي ساليانو اٽڪل 23 لک رت جي عطين جي کوٽ درپيش آهي. صحت جي عالمي اداري موجب پاڪستان کي هر سال 50 لک کان وڌيڪ رت جي عطين جي ضرورت هوندي آهي جڏهن ته ملڪ ۾ هن وقت اٽڪل ساليانو طور تي 27 لک عطيا جمع ٿي رهيا آهن. جنهن ۾ رضاڪارانه ۽ بنا ڪنهن معاوضي عطين جي شرح جو گڏيل تعداد صرف 18 سيڪڙو آهي. پاڪستان ۾ صحت جي عالمي اداري جي نمائندي ڊاڪٽر لوو ڊاپينگ عوام کي اپيل ڪئي آهي ته ملڪ ۾ وڌندڙ طبي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ وڌ کان وڌ ماڻهو رت جو عطيو ڏين ته جيئن قيمتي انساني جانيون بچائي سگهجن.

بقايا 5 اعلان

خدمتن جي معيار تي پورو نه لهڻ تي 21 عمره ڪمپنين کي معطل ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي. ايس پي اي مطابق وزارت پنهنجي بيان ۾ چيو ته گذريل سيزن دوران ڪيترن ڪارڪردگي جي جائزن سان معلوم ٿيو ته ڪمپنين جي خدمتن جي معيار ۾ گهٽتائي آئي ۽ ضابطن جي ڀڃڪڙي ڪئي وئي. اهو فيصلو وزارت طرفان ايندڙ عمره سيزن جي تيارين ۽ زائرين لاءِ اعليٰ معيار جي خدمتن جي فراهمي يقيني بڻائڻ جي عزم جي عڪاسي ڪري ٿو. معطل ٿيل ڪمپنين مان 15 خدمتن جي معيار تي پورو لهڻ ۾ ناڪام رهيون جڏهن ته 6، ضابطن جون ڀڃڪڙيون ڪيون.

بقايا 6 وڏي وزير افتتاح

ٽريفڪ جي رواني کي بهتر بڻائڻ لاءِ تعمير ڪيو ويو آهي. وڏي وزير سان گڏ مڪاني ادارن وارو وزير سيد ناصر حسين شاهه، سنڌ اسيمبلي جو اسپيڪر اويس قادر شاهه ۽ ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب پڻ گڏ هئا. وڏي وزير باضابطه طور فلاءِ اوور کي ٽريفڪ لاءِ کوليو ۽ ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن (ڪي ايم سي) جي ڪارڪردگيءَ کي ساراهيندي چيو ته ڪي ايم سي 100 ڏينهن جي مقرر مدي جي مقابلي ۾ هيءَ رٿا رڪارڊ 90 ڏهاڙن ۾ مڪمل ڪئي آهي. ياد رهي ته رٿا تي 8 مارچ 2026ع تي ڪم شروع ڪيو ويو جيڪو 8 جون 2026ع تي مڪمل ٿيو جڏهن ته ان جو باضابطه افتتاح اڄ ڪيو ويو. سنڌ حڪومت جي مڪاني ادارن واري کاتي جي مالي سهڪار سان ڪي ايم سي پاران مڪمل ڪيل عظيم پورا رٿا تي گڏيل طور 1.562 ارب رپيا لاڳت آئي. رٿا ۾ فلاءِ اوور جي تعمير، روڊن جي ويڪرائي ۽ بحالي، نڪاسي جي نظام جي بهتري، برقي ڪم، فٽ پاٿن جي اڏاوت، وچ وارن حفاظتي رڪاوٽن (ميڊين بيريئرز) ۽ عظيم پورا چورنگي جي نئين سر ڊيزائننگ شامل آهي. افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو ته هيءَ رٿا روزانو سفر ڪندڙ هزارين شهرين جي آمد و رفت خاص طور تي ڪورنگي، شاهه فيصل ڪالوني، مليس شاهراهه، پٽو ۽ ڪراچي ايئرپورٽ جي وچ ۾ سفر ڪندڙن کي نمايان طور سهولت فراهم ڪندي. هن چيو ته عظيم پورا فلاءِ اوور ڪراچي جي روڊن واري بنيادي ڍانچي کي جديد بڻائڻ ۽ شهرين کي محفوظ، تيز ۽ مؤثر سفري سهولتون فراهم ڪرڻ ڏانهن هڪ اهم قدم آهي. وڏي وزير چيو ته هي نئون رستو شهر جي سڀ کان وڌيڪ مصروف چوراهن مان هڪ تي تعمير ڪيو ويو آهي. جيڪو ٽريفڪ جي دٻاءُ کي گهٽائيندو ۽ شاهراهه پٽو کان شاهه فيصل شاهراهه، فيصل ۽ جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ تائين سڌو سنئون رابطو فراهم ڪندو. هن چيو ته ڪراچي پاڪستان جي معيشت جو مرڪز آهي ۽ ان جي ٽرانسپورٽ نيٽ ورڪ جي بهتري اقتصادي ترقي، عوامي سهولت ۽ شهري ترقي لاءِ انتهائي ضروري آهي. وڏي وزير بلديات سيد ناصر حسين شاهه، ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب ۽ ڪي ايم سي جي انجنيئرنگ ٽيم کي مقرر وقت اندر رٿا کي مڪمل ڪرڻ تي خراج تحسين پيش ڪيو. هن چيو ته اهڙي وڏي رٿا رڳو 90 ڏينهن ۾ مڪمل ڪرڻ اسان جي بلدياتي ادارن جي عزم ۽ صلاحيت جو ثبوت آهي. ڪراچي جا شهري جديد انفراسٽرڪچر جا حقدار آهن ۽ اسان اهڙن رٿائن ۾ سيڙپڪاري جاري رکنداسين. جيڪي سندن زندگي جي معيار کي بهتر بڻائين. رٿا بابت تفصيلن موجب هن اسڪيم ۾ 700 ميٽر ڊگهو ٻه طرفو فلاءِ اوور، 1,255 ميٽر ٻه طرفي مرڪزي سڙڪ (مين ڪيريج وي) ۽ عظيم پورا روڊ، شاهراهه پٽو شاهه فيصل ۽ ٿڌي سڙڪ کي ملائيندڙ اضافي زميني رستا شامل آهن. رٿا تحت لڳ ڀڳ 2,075 ميٽر ڊگهي نيڪال واري نظام جي بحالي 850 ميٽر فٽ پاٿ، نئين چورنگي، وچ وارا حفاظتي بيريئرز (سينٽر ميڊين بيريئرز) ۽ 93 ٿنڀن ۽ 157 جديد لائٽس تي ٻڌل جامع اسٽريٽ لائٽنگ سسٽم پڻ نصب ڪيو ويو آهي. وزير بلديات سيد ناصر حسين شاهه چيو ته هيءَ رٿا علائقي ۾ شديد ٽريفڪ جام، خستہ حال روڊن ۽ نڪاليءَ جي ناڪافي نظام جهڙن مسئلن جي حل لاءِ شروع ڪيو ويو هو. رٿا مڪمل ٿيڻ کان پوءِ ٽريفڪ جي انتظام ۾ بهتري ايندي، سفري وقت گهٽ ٿيندو ۽ رهواسين، واپاري برادري ۽ ايئرپورٽ ويندڙ مسافرن لاءِ آسان رسائي ممڪن بڻجندي. ڪراچي جي ميئر بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته هيءَ رٿا شهري انفراسٽرڪچر ۽ عوامي خدمتن ۾ نمايان بهتري آڻڻ لاءِ شهر جي انتظاميا جي عزم جو عڪاس آهي. ان موقعي تي وڏي وزير سندس عزم جو ورجاءُ ڪندي چيو ته سنڌ حڪومت ڪراچي کي هڪ جديد، فعال ۽ مؤثر ميٽروپوليٽن شهر بڻائڻ لاءِ انفراسٽرڪچر رٿائن جي ڀرپور حمايت جاري رکندي. هن چيو ته اسان جو ويزن اهڙو ڪراچي آهي جتي آمد و رفت آسان هجي، سفر محفوظ هجي ۽ عوامي انفراسٽرڪچر وڌندڙ آبادي جي ضرورتن مطابق هجي. عظيم پورا فلاءِ اوور جهڙيون رٿائون انهيءَ وسيع سوچ جو حصو آهن. وڏي وزير جي ميڊيا سان ڳالهه ٻولهه: سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه عظيم پورا پل جي افتتاح جي موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ حڪومت ڪراچي ۽ صوبي جي ٻين علائقن ۾ انفراسٽرڪچر جي ترقي جو عمل تيز ڪيو آهي. وڏي وزير چيو ته گذريل چار کان ڇهن مهينن دوران حڪومت ڪيترن ئي وڏن ترقياتي منصوبن جو افتتاح ڪيو آهي جن ۾ شاهراهه پٽو ڪورنگي ڪاز وي پل، پينس ڪالوني پل، مينا بازار پروجيڪٽ ۽ ٻيا اهم منصوبا شامل آهن. هن چيو ته سنڌ حڪومت ڪراچي جي انفراسٽرڪچر کي بهتر بڻائڻ لاءِ پرعزم آهي ۽ شهر جي وڌندڙ ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ ڪيترائي ترقياتي منصوبا شروع ڪيا ويا آهن. سياسي مخالفن تي تنقيد ڪندي مراد علي شاهه چيو ته ڪراچي ڪڏهن هڪ اهڙي پارٽي جي حوالي ڪيو ويو هو جيڪا صرف روڄ جاڄيندي هئي ۽ اڄ هن پارٽي جا اڳواڻ پاڻ ۾ روڄڻ ۾ مصروف آهن. پاڻي جي صورتحال بابت ڳالهائيندي هن چيو ته ٻين درياهن ۾ پاڻي مناسب مقدار ۾ موجود آهي، پر سنڌو درياهه ۾ پاڻي جي ڪوٽ ڳڻتي جوڳي آهي. هن سوال اٿاريو ته آخر پاڻي وڃي ڪيڏانهن رهيو آهي. مراد علي شاهه چيو ته هو ان معاملي تي وزيراعظم کي خط لکي چڪو آهي ۽ هاڻي مسئلو حل ٿيڻ ڏانهن وڌي رهيو آهي. وڏي وزير چيو ته صدر آصف علي زرداري اڄ ڪيس فون ڪري عظيم پورا پل جي افتتاح بابت پڇيو. هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت ڪراچي جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ مسلسل هدايتون جاري ڪري رهي آهي. ماضي ۾ وفاقي حڪومت جي اعلانن جو حوالو ڏيندي هن چيو ته هڪ اڳوڻو وزيراعظم (پي ٽي آءِ) ڪراچي آيو هو ۽ اربين رپين جي ترقياتي منصوبن جو اعلان ڪيو هو پر انهن منصوبن تي عملدرآمد لاءِ ڪو به فنڊ فراهم نه ڪيو ويو. مراد علي شاهه چيو ته سنڌ حڪومت کي صوبي ۾ مختلف ترقياتي منصوبن لاءِ وفاقي حڪومت کان 64 ارب رپيا گهربل هئا ۽ هاڻي اهي فنڊ وفاقي بجيٽ ۾ شامل ڪيا ويا آهن. پاڻي جي مسئلي بابت ڳالهائيندي هن چيو ته سڀني درياهن ۾ پاڻي جي مناسب مقدار موجود آهي پر سنڌو درياءَ ۾ پاڻي جي ڪوٽ پريشاني جو سبب آهي. هن سوال اٿاريو ته پاڻي ڪٿي وڃي رهيو آهي. هن وڌيڪ چيو ته هن مسئلي تي وزيراعظم کي خط لکيو آهي ۽ هاڻي مسئلو حل ٿيڻ طرف وڌي رهيو آهي. وڏي وزير سکر-حيدرآباد موٽر وي منصوبي لاءِ وفاقي حڪومت جي 30 ارب رپين جي مختص ڪرڻ جو استقبال ڪيو. جڏهن ته هن خدشو ظاهر ڪيو ته وفاقي حڪومت موجوده مالي سال دوران ڪي-4 منصوبي کي مڪمل ڪرڻ لاءِ واپڊا کي گهربل فنڊ فراهم نه ڪيا. هن چيو ته انهي سبب لاءِ سنڌ حڪومت پنهنجن وسيلن ۽ ڊونر ايجنسين جي تعاون سان ڪي-4 واڌاري جي منصوبن تي ڪم ڪري رهي آهي. شاهراهه پٽو هاءِ وي جي تنقيد جي جواب ۾ مراد علي شاهه چيو ته منصوبي تي تنقيد ڪندڙ پهريان پنهنجا اندروني اختلاف حل ڪن. هن وڌيڪ چيو ته شهرين جي سهولت ۽ روڊن تي حفاظت کي بهتر بڻائڻ لاءِ ڪيترائي پيادل پل اڳ ۾ ئي تعمير ڪيا ويا آهن. جڏهن ته وڌيڪ پل پڻ تعمير ڪيا ويندا.

بقايا 7 گورنر

"هر ڪام ڪو عشق سمجهتي ٿي" جي مهورت واري تقريب ۾ خاص مهمان جي حيثيت سان شرڪت ڪئي. تقريب کي خطاب ڪندي گورنر چيو ته ڊاڪٽر فياض عالم جي شخصيت ۽ خدمتون نئين نسل لاءِ مشعلِ راهه آهن. هن چيو ته ڊاڪٽر فياض عالم جو ڪتاب معاشرتي ۽ زميني حقيقتن جي اثرائتي نموني عڪاسي ڪري ٿو. هن چيو ته ڊاڪٽر فياض عالم ميڊيڪل جي شعبي سان گڏوگڏ ٿر ۾ زرعي ترقي لاءِ به ساراهه لائق ڪردار ادا ڪيو آهي. جيڪو هڪ عملي خدمت جو روشن مثال آهي. گورنر چيو ته فڪري سماجي ۽ قومي شعور بيدار ڪندڙ فرد قوم جو قيمتي سرمايو آهن. ادارن، صوبن ۽ عوام وچ ۾ فاصلا گهٽائڻ سان ئي ملڪ کي ترقي ۽ خوشحالي جي راهه تي هلائي سگهجي ٿو. گورنر ڪراچي پريس ڪلب کي حق انصاف ۽ محروم طبقن جو آواز قرار ڏيندي چيو ته تعميري تنقيد جمهوري روايت آهي. هن چيو ته پاڪستان جي مضبوطي لاءِ قومي مفادن کي ذاتي مفاد تي ترجيح ڏيڻي پوندي ۽ ذميدارانه صحافت کي هٿي وٺرائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي.

بقايا 8 گيانچند ايسراڻي

ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته رت جو عطيو هڪ عظيم انساني خدمت آهي. جيڪا قيمتي جانيون بچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. هن چيو ته محفوظ رت جي دستيابي صحت جي نظام جو بنيادي ۽ اهم ستون آهي. جڏهن ته رضاڪارانه ۽ بنا معاوضي رت عطيو ڪندڙ انسانيت جا حقيقي محسن آهن. گيانچند ايسراڻي عالمي رت عطيو ڏيندڙن جي ڏينهن تي رضاڪارانه رت عطيو ڪندڙن کي ڀرپور ڀيٽا پيش ڪندي چيو ته انهن ماڻهن جي خدمتن سبب بيشمار زندگيون بچي ٿيون. هن زور ڀريو ته نوجوان نسل کي رت عطيو ڪرڻ جي اهميت ۽ افاديت بابت آگاهي ڏيڻ وقت جي اهم ضرورت آهي ته جيئن معاشري ۾ انساني خدمت جو جذبو وڌيڪ مضبوط ٿي سگهي. هن چيو ته ٿليسيميا ۾ مبتلا ٻارن، روڊ حادثن ۾ زخمي ٿيندڙن ۽ ٻين طبي ايمرجنسي حالتن ۾ رت عطيو ڪندڙن جو ڪردار انتهائي اهميت جو حامل هوندو آهي. سندس چوڻ هو ته عالمي رت عطيو ڏيندڙن جو ڏينهن اسان کي انساني همدردي، ايثار ۽ خدمت جي جذبي کي فروغ ڏيڻ جو پيغام ڏئي ٿو. صلاحڪار وڏي وزير برايءِ بحالي وڌيڪ چيو ته صحتمند ماڻهن کي گهرجي ته هو باقاعدگي سان رت عطيو ڪري انساني جانين جي تحفظ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن. چاڪاڻ ته رت جو هڪ عطيو ڪيترين ئي زندگين کي بچائڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿو.

بقايا 9 مصطفيٰ ڪمال

اڳ سانحي بلديه ٽائون ڪيس جو وڏو فيصلو سامهون آيو جنهن ۾ واقعي کان ٽن سالن پوءِ ايم ڪيو ايم ۽ ان جي ڪارڪنن تي الزام لڳايو ويو هو. هن چيو ته هو سانحي بلديه ٽائون جي شهيدن جي وارثن کي خراج تحسين پيش ڪري ٿو جن عدالت جي فيصلي کي قبول ڪيو ۽ چيو ته باهه ڪارخاني جي مالڪن جي مجرمانه غفلت سبب لڳي هئي. بهادر آباد پارڪ ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي مصطفيٰ ڪمال چيو ته جيڪي ماڻهو هن ڪيس مان بري ٿيا آهن انهن جي خاندانن کي مبارڪباد پيش ڪريان ٿو. چاڪاڻ ته هي سچ ۽ منهنجي موقف جي فتح آهي. هن چيو ته هو پهرين ڏينهن کان چوندو رهيو آهي ته هڪ وقت ايندو جڏهن حقيقت سڀني جي سامهون اچي ويندي. هن چيو ته جيڪڏهن اهو ماضي وارو دور هجي ها ته اهي ماڻهو ڦاسي تي چاڙهيا وڃن ها. سندس چوڻ هو ته باني ايم ڪيو ايم يا ڪنهن ٻئي سان سندس ذاتي دشمني ناهي، پر جيڪا جماعت ڪوٽا سسٽم جي خاتمي ۽ حقن جي حاصلات لاءِ ٺهي هئي اها پنهنجن بنيادي مقصدن کان هٽي وئي. مصطفيٰ ڪمال چيو ته بلديه فيڪٽري سانحي بابت بي بنياد الزام هنيا ويا، جنهن سبب اسان جماعت ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو. هن وڪيلن فروغ نسيم ۽ حسان صابر جي خدمتن کي به ساراهيو ۽ چيو ته ايترو وڏو فيصلو اچڻ باوجود سڄي ملڪ ۾ ڪا به اهڙي آواز نه اٿي آهي جيڪا ان فيصلي کي غلط قرار ڏئي. هن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن گل پلازا ۾ باهه لڳڻ وارو واقعو پراڻي دور ۾ ٿئي ها ته شام تائين ان جي پرچي ڏيکاري ايم ڪيو ايم تي الزام هنيو وڃي ها. سندس چوڻ هو ته اسان غداري نه ڪئي هئي، پر بغاوت ڪئي هئي. چو ته جڏهن محسوس ڪيوسين ته باني ايم ڪيو ايم قوم لاءِ ڪجهه نه ڪري سگهي.

بقايا 10 فوت

جي نتيجي ۾ 35 ورهين جو نوجوان بيدار علي ولد الفت علي قتل ٿي ويو. واقعي جي اطلاع ملندي پوليس پهچي مقتول جو لاش قانوني ڪارروائي جي لاءِ ايڌي ايمبولينس جي ذريعي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. آخري اطلاع تائين واقعي بابت تفصيل معلوم ناهن ٿي سگهيا جڏهن ته پوليس واقعي واري هنڌ تان شاهدين گڏ ڪري جاچ شروع ڪري ڏني آهي. نارٿ ناظم آباد بلاڪ ايف اقصيٰ مسجد ويجهو ڇت ڪري پوڻ جي نتيجي ۾ 80 سالن جي پيرسن شخص عمر حيات فوت ٿي ويو. عوامي ڪالوني جي علائقي بلال چورنگي ويجهو بنگالي پاڙي ۾ ڪي اليڪٽرڪ آفيس جي لڳ بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ جي نتيجي ۾ 25 سالن جو سلام فوت ٿي ويو. منگهوپير ۾ خير آباد بائيڪو پمپ جي ويجهو گهر ۾ جهولي مان باهه لڳڻ جي نتيجي ۾ 65 سالن جو عرفان ولد عارف فوت ٿي ويو.

بقايا 11 حڪم

وڃي جڏهن ته سمورا ضلعا، رينجرز ۽ پوليس زونز پنهنجي سيڪيورٽي پلانز جو بهتر جائزو وٺي ڪين وڌيڪ اثرائتو ۽ نتيجا خيز بڻائين. هن واضح ڪيو ته مجالس ۽ جلوسن جي سيڪيورٽي تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪيو ويندو ۽ عوام جي جان و مال جو تحفظ سنڌ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي. ضياءُ الحسن لنجار هدايت ڪئي ته حساس ماڳن، امام بارگاهن ۽ جلوسن جي روٽس تي غير معمولي سيڪيورٽي انتظام ڪيا وڃن. جڏهن ته شرپسند عناصرن، ڪالعدم تنظيمن ۽ شڪي ماڻهن جي سخت نگراني کي يقيني بڻايو وڃي. هن فورٿ شيڊول ۾ شامل ماڻهن تي قانون موجب سختي سان عملدرآمد ڪرڻ ۽ سندن سرگرمين تي مسلسل نظر رکڻ جي به هدايت ڪئي. سنڌ جي گهرو وزير چيو ته امن امان جي قيام لاءِ ضلعي ۽ ٿاڻي جي سطح تي امن ڪميٽين سان مسلسل رابطا ۽ باقاعدگي سان اجلاس منعقد ڪيا وڃن ته جيئن سمورن مڪتبه فڪر جي وچ ۾ هم آهنگي ۽ ڀائيچاري وارو ماحول برقرار رهي. هن مجالس ۽ جلوسن جي روٽس جو مڪمل سروي، سيڪيورٽي آڊٽ ۽ خطرن جو جائزو وٺڻ جي به هدايت ڪئي. هن لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي ته اينٽي رائيٽس فورس، ريزرو پوليس ۽ ٻي لاڳاپيل نفري کي هاءِ الرٽ رکيو وڃي. جڏهن ته هٿيارن، ايمونيشن، اينٽي رائيٽس ڪٽس ۽ ٻئي ضروري سازوسامان جي دستيابي جو تفصيلي جائزو ورتو وڃي. سنڌ جي گهرو وزير جديد ڪنٽرول رومز ۽ ڪميونيڪيشن سسٽمز کي مڪمل طور تي فعال رکڻ ۽ اثرائتي رابطي ذريعي فوري ريسپانس کي يقيني بڻائڻ تي به زور ڏنو. ضياءُ الحسن لنجار مذهبي نفرت، هڙتال ڏياريندڙ مواد، وال چاڪنگ ۽ غير قانوني پمفلٽن جي ورڇ خلاف بنا فرق ڪارروائي جي هدايت ڪندي چيو ته لائوڊ اسپيڪر ايڪٽ ۽ ضابطہ اخلاق تي سختي سان عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي. هن محرم الحرام دوران ٽريفڪ جي رواني برقرار رکڻ لاءِ جامع ٽريفڪ مئنيجمينٽ پلان جوڙڻ جي به هدايت ڪئي. سنڌ جي گهرو وزير ان ڳالهه تي زور ڏنو ته سمورن قانون نافذ ڪندڙ ادارن جي وچ ۾ اثرائتي رابطي ۽ انٽيليجنس شيئرنگ جي نظام کي وڌيڪ مضبوط بڻايو وڃي ته جيئن ڪنهن به امڪاني خطري سان وقت سر منهن ڏئي سگهجي. هن چيو ته محرم الحرام 2026 جي پرامن انعقاد لاءِ سنڌ حڪومت سمورا دستياب وسيلا استعمال ۾ آڻيندي ۽ سيڪيورٽي انتظامن ۾ ڪنهن به قسم جي غفلت يا ڪوتاهي هرگز برداشت نه ڪئي ويندي.

بقايا 12 احتجاج

هن الزام لڳايو ته 5 ڏينهن اڳ تعلقي ڪنديارو جي ٺاٺي خان واهڻ جي ايس ايڇ او لال ڏنو شر مخالفن جي چرچ تي بيگناهه منهنجي چنگهه ڪيل ۽ ذهني معذور 17 ورهين جي پٽ بابر علي سيال کي گرفتار ڪري گم ڪري ڇڏيو جنهن جي آزاديءَ لاءِ ايس ايڇ او لال ڏنو شر سندس فونون ڪري 3 لک رپيا رشوت گهري رهيو آهي. انڪار تي پٽ مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪري ڪيس ڦل فراءِ ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي جيڪا وڏي ناجائزي آهي. اسان جي وس وارن کي اپيل آهي ته گرفتار پٽ کي آزاد ڪرائي ايس ايڇ او خان واهڻ لال ڏنو شر خلاف ڪارروائي ڪري انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت عدالت جو در کڙڪايو ويندو.

بقايا 13 سعيد غني

آهي البته ان جي بهتري لاءِ مسلسل ڪوششون جاري آهن. هن چيو ته هو سڄي زندگي وزير نه رهندو ۽ وزارت بچائڻ لاءِ پنهنجي ضمير جو سودو نه ڪري سگهي، بلڪ ضرورت پوڻ تي ڏهه ڀيرا وزارت کي به ٺڪرائي سگهي ٿو. هن خيالن جو اظهار اڄ ڏينهن آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ڪراچي ۾ هوم بيسڊ وومين ورڪرز فيڊريشن جي اهتمام هيٺ منعقد ٿيل آل پاڪستان وومين ورڪرز ڪانفرنس کي خاص مهمان طور خطاب ڪندي ڪيو. تقريب کي مزدور اڳواڻن زهرا خان، ناصر منصور، حبيب الدين جنيدي، ذوالفقار شاهه، اسد اقبال، مظهر عباس ۽ احمد شاهه سميت ٻين پڻ خطاب ڪيو. سعيد غني چيو ته هوم بيسڊ ورڪرز کي قانوني حيثيت ڏيڻ وارو سنڌ پهريون صوبو آهي. هن چيو ته سندس ڏاڏي هڪ ننڍڙو دڪان هلائي پنهنجي خاندان جي پرورش ۽ ٻارن جي تعليم جو بندوبست ڪيس ٺنهنڪري هو محنت ڪندڙ عورتن جي جدوجهد کي چڱيءَ ريت سمجهي ٿو. هن چيو ته عورتن کي مردن سان گڏ ڪم ڪندي ڏسي خوشي ٿئي ٿي. پر اسان کي پنهنجي سماجي حقيقتن جو به احساس رکڻ گهرجي. سندس چوڻ هو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت مزدورن جي حقن بابت ڪنهن به قسم جي ابهام جو شڪار ناهي. سعيد غني انڪشاف ڪيو ته 2016ع ۾ جڏهن هو محنت کاتي جو صلاحڪار هو ته ڪيس هر مهيني پنج ڪروڙ رپين جي رشوت جي آڇ ڪئي وئي. جيڪا هن رد ڪري ڇڏي. هن چيو ته سندس اداري ۾ 20 ارب رپين کان وڌيڪ ڪرپشن جا ڪيس سامهون آيا آهن ۽ انهن ۾ ملوث ماڻهن خلاف ڪارروائي جاري آهي. جيتوڻيڪ مختلف قسم جا دٻاءُ ۾ موجود آهن. هن چيو ته گهٽ ۾ گهٽ 40 هزار رپين واري اجرت جي قانون تي مڪمل عملدرآمد لاءِ مزدورن جي اتحاد ۽ سهڪار جي ضرورت آهي. چو ته حڪومت وٽ ايترا وسيلا ناهن جو هر ڪارخاني ۽ اداري جي روزاني جاچ ڪري سگهي.

بقايا 14 گلفام ڪاظمي

هيٺ منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ وائيس چيئرمين اظفر بهزاد، جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر عبدالرشيد ميمڻ، فنانس سيڪريٽري انجنيئر عنايت الله ميمڻ ۽ جوائنٽ سيڪريٽري ڊاڪٽر وقار احمد انصاري ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. گڏجاڻي ۾ دل جي وارڊ جي قيام سميت ٻيهن سالن کان رولڙي جو شڪار ٿيل ترقياتي منصوبن بابت غور ويچار ڪري اهم فيصلا ڪيا ويا. اجلاس ۾ بريفنگ ڏيندي اڳواڻن چيو ته مٽياري ضلعي ۾ دل جي مريضن ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو ٿي رهيو آهي. بروقت علاج نه ٿيڻ سبب ڪيترائي انسان پنهنجون جانيون وڃائي چڪا آهن. ان لاءِ هالا ۾ چيسٽ پين يونٽ کولڻ جي تمام گهڻي ضرورت آهي ته جيئن اچانڪ دل جو دورو پوندڙ مريضن جو بروقت علاج ڪري سندن زندگيون بچائي سگهجن. ان اهم منصوبي لاءِ سول سوسائٽي آف سنڌ پنهنجو مڪمل جاني مالي سهڪار ڪرڻ لاءِ تيار آهي. اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته فوري طور تي هالا ۾ مناسب جڳهه تي چيسٽ پين يونٽ قائم ڪرڻ لاءِ سنڌ حڪومت، وفاقي حڪومت، حڪمران ڌر، علائقي جي چونڊيل نمائندن، فلاحي ادارن ۽ ٻين بااثر شخصيتن سان رابطا تيز ڪيا ويندا. جنهن ۾ سول سوسائٽي جاني مالي مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهي. ان سلسلي ۾ ضرورت پوڻ تي اسلام آباد، ڪراچي، حيدرآباد ۽ مٽياري ضلعي جي ٽنهي تعلقن جي هيڊڪوارٽر ۾ ڊونرز ڪانفرنسون، پريس ڪانفرنسون ۽ مختلف سطح جون ملاقاتون پڻ منعقد ڪيون وينديون. بورڊ آف ڊائريڪٽرس جي اجلاس ۾ ڊاڪٽر قاضي طاهر قريشي، ڊاڪٽر جواد حسين شاهه لطيفي، انجنيئر اظهر قادر ميمڻ، انجنيئر ڪي ڪي نارائن داس، انجنيئر شهاب الدين ميمڻ، ايڊووڪيٽ دلبر مهي، انجنيئر رياض ابراهيم ميمڻ، انجنيئر معشوق حسين ميمڻ، ايڊووڪيٽ فياض ڪريم ميمڻ، ايڊووڪيٽ نياز حسين پٺو، ميان شهاب الدين پٺي، صدا حسين سولنگي ۽ ممتاز حسين ميمڻ شرڪت ڪئي.

بقايا 15 طالب حسين

سرائي طالب حسين زرداري جي صدارت هيٺ هڪ اهم گڏجاڻي منعقد ٿي جنهن ۾ ڳوٺ جي معززين، سياسي ۽ سماجي شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. گڏجاڻي کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته زرداري برادري هميشه پاڪستان پيپلز پارٽي جي وفادار ساٿي رهي آهي ۽ هر ڏکئي وقت ۾ پارٽي لاءِ قربانيون ڏنيون آهن. پر افسوس جو اڄ تائين ڳوٺ جام زرداري کي ترقياتي منصوبن ۽ بنيادي سهولتن جي فراهمي ۾ نظرانداز ڪيو ويو آهي. مقررن چيو ته ضلع دادو ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي تنظيم ۾ پڻ زرداري برادري کي مناسب عهدو نه ڏنا ويا آهن جيڪا برادري جي سياسي خدمتن سان ناانصافي آهي. هنن مطالبو ڪيو ته زرداري اتحاد سنڌ پاڪستان ضلع دادو جي صدر سرائي طالب حسين زرداري کي سندس سياسي جدوجهد، عوامي خدمتن ۽ مقبوليت جي بنياد تي پارٽي ۾ مناسب تنظيمي عهدو ڏنو وڃي. اجلاس ۾ متفقه طور تي خبردار ڪيو ويو ته جيڪڏهن سندن جائز مطالبن تي سنجيدگي سان غور نه ڪيو ويو ته محرم الحرام کان پوءِ زرداري برادري پنهنجو آئنده سياسي لائحه عمل جو اعلان ڪندي. اجلاس ۾ زوار علي اصغر زرداري، آدم علي زرداري، حاجي شيرل زرداري، شاعر محبتي منظور علي خدا بخش زرداري، مٺل زرداري، نبن زرداري، مشتاق علي، محمد مدثر علي، عبدالمجيد، مختيار علي، مقصود علي، غلام عباس زرداري، علي شير زرداري، ضمير علي زرداري، زمان علي، صحبت علي، صدام علي، زاهد علي، حضور بخش زرداري ۽ ٻين معززين شرڪت ڪئي.

بقايا 16 شرجيل ميمڻ

سنڌ جو گاديءَ وارو شهر آهي. هن چيو ته ايم ڪيو ايم کان اڳ واري ڪراچي ۾ دهشت ۽ خوف نه پر زندگيءَ جي خوشبو هوندي هئي. ايم ڪيو ايم کان اڳ وارو ڪراچي ڀتي خوري، ڪلن لاءِ قتل بورين ۾ بند لاش ۽ لساني تعصب کان پاڪ هو. هڪ بيان ۾ هن چيو ته عوام تاريخ کان اڻواقف ناهي، عوام چڱيءَ ريت ڄاڻي ٿو ته شهر کي امن ڪنهن ڏنو ۽ شهر کي بورين ۾ بند لاش ڪنهن ڏنا. هن وڌيڪ چيو ته ڪراچي جا مسئلا شعبدي بازي ۽ سياسي نعرن سان نه، پر عملي قدمن سان حل ڪيا پيا وڃن. سنڌ حڪومت ڪراچي ۾ وڏي پيماني تي ترقياتي منصوبا شروع ڪيا آهن ۽ اڄ ڪراچي ۾ جيڪا ترقي نظر اچي رهي آهي اها پاڪستان پيپلز پارٽي جي ڪوششن جو نتيجو آهي. سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ڪراچي جي ترقي جو ڪريڊٽ پنهنجي جماعت کي ڏيڻ وارن کي ڪراچي جو عوام چڱيءَ ريت سڃاڻي ٿو. ڪراچي نفرت ۽ تقسيم جو نه پر ترقي امن ۽ اتحاد جو شهر آهي ۽ "مني پاڪستان" جي حيثيت رکي ٿو. هن چيو ته سنڌ حڪومت ڪراچي جي هر شهري جي خدمت لاءِ پرعزم آهي. ڀلي اهو ڪنهن به ٻولي، برادري يا سياسي جماعت سان وابسته هجي.

بقايا 17 اعلان

تحت اسلام آباد ۾ 4000 کان وڌيڪ اسڪول نه ويندڙ ٻارن کي نجي تعليمي ادارن ۾ ڪارپوريٽ سماجي ذميواري تحت داخلائون ڏنيون وينديون. ان اهم اڳڀرائي جو جائزو پيرا جي هيڊ ڪوارٽرز ۾ منعقد هڪ اجلاس ۾ ورتو ويو. جنهن جي صدارت چيئرمين پيرا ڊاڪٽر غلام علي ملاح ڪئي. اجلاس ۾ ڊائريڪٽر جنرل نيشنل ڪميشن فار هيومن ڊولپمينٽ علي اصغر، جائيڪا جي نمائندي بلال عزيز ۽ پيرا جي سينئر آفيسرن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ شرڪت ڪندڙن تعليم واري وفاقي سيڪريٽري جي اهم ڪردار کي ساراهيندي چيو ته ملڪ جي هر ٻار کي تعليم جي دائري ۾ آڻڻ جي قومي مشن ۾ ان جي اڳواڻي، رهنمائي ۽ ادارن وچ ۾ موثر هم آهنگي انتهائي اهم ثابت ٿي آهي. ان جي مسلسل سرپرستي سبب داخلا مهم ۾ تيزي آئي ۽ مختلف ادارا قومي تعليمي ايجنڊا ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. ڊي جي اين سي ايڇ ڊي اجلاس کي آگاهه ڪيو ته اسلام آباد جي ٻهراڙي وارن يونين ڪائونسلن ۾ اٽڪل 80000 گهرانن تي ٻڌل جامع سروي دوران 5 کان 16 سالن جي عمر جي 24000 کان وڌيڪ اهڙن ٻارن جي نشاندهي ڪئي وئي جيڪي اسڪول نه ويندا هئا. انهن ٻارن کي ويجهن تعليمي ادارن ۾ داخلا لاءِ فيڊرل ڊائريڪٽوريٽ آف ايجوڪيشن ۽ پي اي آءِ آر اي جي حوالي ڪيو ويو. پيرا 100 کان وڌيڪ نجي اسڪولن کي ان مهم ۾ شامل ڪيو. جيڪي ساراهه جوڳي جذبي جو مظاهرو ڪندي 4000 کان وڌيڪ ٻارن کي بنا معاوضي جي داخلا فراهم ڪئي ويندي. پيرا جي چيئرمين ڊاڪٽر غلام علي ملاح نجي تعليمي ادارن کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته انهن قدمن کي رڳو ضابطہ جاتي ذميواري بدران هڪ قومي مشن طور اختيار ڪيو آهي. جيڪو سماجي ذميواري ۽ تعليمي مساوات کي هٿي ڏيڻ واري عزم جو اظهار آهي. ڊاڪٽر غلام علي ملاح چيو ته پيرا ان ڳالهه لاءِ پرعزم آهي ته وڌ کان وڌ اسڪول نه ويندڙ ٻارن کي نجي تعليمي ادارن ۾ داخلا ڏياري وڃي. هن چيو ته نجي اسڪول مالڪن ۽ انتظاميه مثبت ۽ ڀرپور سهڪار جو مظاهرو ڪيو آهي ۽ اهي حڪومت جي تعليمي ايمرجنسي مهم ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. پيرا چيئرمين ان قومي مهم ۾ حصيدارن سميت اين سي ايڇ ڊي، جي آءِ سي اي، پي آءِ اي، ايف ڊي اي، اين اي ايف، بي اي سي ايس ۽ مختلف عالمي غير سرڪاري تنظيمن آءِ اين جي اوز جي خدمتن جي به تعريف ڪئي. جن تعليم واري وزارت جي ڪوششن کي هٿي فراهم ڪئي. هن پيرا جي ٽيمن کي هدايت ڏني ته داخلا جي عمل ۾ سهولت فراهم ڪئي وڃي. شاگردن جي حاضري ۽ برقرار رهڻ جي نگراني ڪئي وڃي ۽ اسڪولن کي هر ممڪن مدد فراهم ڪئي وڃي ته جيئن نوان داخل ٿيندڙ ٻار تعليم جي سلسلي کي جاري رکي سگهن. اجلاس ۾ ان ڳالهه تي به اتفاق ڪيو ويو ته داخل ٿيل ٻارن کي مفت درسي ڪتاب، اسٽيشنري ۽ ٻيو تعليمي مواد فراهم ڪيو ويندو. مهم جي شفافيت ۽ موثر نگراني نيشنل فارمل اينڊ نان فارمل ايجوڪيشن مئنيجمينٽ انفارميشن سسٽم ذريعي يقيني بڻائي پئي وڃي. جنهن کي پي آءِ اي، جائيڪا جي فني تعاون سان هلايو پيو وڃي. اجلاس جي پڄاڻي تي سمورن شرڪت ڪندڙن ان عزم کي ورجايو ته جون 2026ع جي پڄاڻي تائين اسلام آباد ۾ 25000 اسڪول نه ويندڙ ٻارن کي تعليمي ادارن ۾ داخل ڪرڻ جو هدف حاصل ڪيو ويندو ته جيئن هن گڏيل ويزن کي عملي جامو پهرائي سگهجي ۽ "ڪو به ٻار تعليم کان محروم نه رهي".

بقايا 18 اتفاق

خطي جي تازي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. جنهن ۾ آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ گڏيل مفاهمت طرف ٿيندڙ اڳڀرائي به شامل هئي. پرڏيهي آفيس مان جاري بيان مطابق ٻنهي اڳواڻن اميد ظاهر ڪئي ته اها هاڪاري اڳڀرائي خطي ۾ جٽادار امن، سلامتي ۽ استحڪام کي هٿي وٺرائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي. پرڏيهي پاران وزيرن ايندڙ اڳڀرائي جي حوالي سان گڏيل رابطن ۾ رهڻ تي پڻ اتفاق ڪيو.

بقايا 19 احسن اقبال

فسطائيت ۽ جمهوريت جو چهرو ڏٺو آهي. ان وقت ايوان جي گرفتار ميمبرن جا پروڊڪشن آرڊر جاري نه ڪيا ويندا هئا. ايوان ۾ روزمره جي ايجنڊا ٻه ڊڪٽيشن وٺي آندي ويندي هئي. اڄ تي قومي اسيمبلي ۾ اڳوڻي اسپيڪر اسد قيصر پاران اٿاريل سوالن جا جواب ڏيندي وفاقي وزير چيو ته اسان بجيٽ تي تقرير ڪري رهيا آهيون. هتي اسان کي حقيقتن تي ڳالهيون ڪرڻ گهرجن. غلط بياني کان پاسو ڪرڻ گهرجي. اسان پي ٽي آءِ جي دور ۾ جمهوريت ڏٺي آهي جڏهن اسان ان ايوان جي گرفتار ميمبرن جي پروڊڪشن آرڊر جاري ڪرڻ لاءِ اسپيڪر چيمبر ۾ وڃي منٿون ڪندا هئاسين تڏهن به پروڊڪشن آرڊر جاري نه ٿيندا هئا. اسان انهن جي دور ۾ پارليامينٽ جي آزادي به ڏٺي آهي جڏهن هڪ شخص هتي تحريڪ التوا جو فيصلو به ڪندو هو آرڊر آف ڊي به ان جي مرضي سان ٺاهيو ويندو هو. هن چيو ته هي عدليه جي آزادي جي ڳالهه ٿا ڪن جڏهن سندن دور ۾ پنجاب ۾ مقامي حڪومتن کي بحال ڪيو ويو تڏهن سپريم ڪورٽ جي فيصلي تي 9 مهينن تائين عملدرآمد نه ڪيو ويو. سندن دور ۾ نواز شريف، شهباز شريف، مريم نواز، خواجه آصف، سعد رفيق، حمزه شهباز شريف ۽ رانا ثناءُ الله سميت ٻين اڳواڻن جيل ڪاٽيا. سندن دور ۾ مخالف ڌر کي ديوار سان لڳايو ويو. انهن جي فسطائيت ۽ جمهوريت جو چهرو سڀني ڏٺو آهي. ان کان اڳ قومي اسيمبلي جي اڳوڻي اسپيڪر اسد قيصر چيو ته بجيٽ حڪومت جو نه آءِ ايم ايف جو آهي. هن وقت معيشت ڪمزور ٿي رهي آهي. پنهنجي پنهنجي دورن جي سڌارن تي هتي بحث لاءِ تيار آهيون. اسان شوگر مافيا تي هٿ وڌا. هن چيو ته ميثاق معيشت تي اسان ڳالهيون ڪرڻ لاءِ تيار آهيون اچو گڏجي ويهي سڀني لاءِ قبوليت جوڳو اليڪشن ڪميشن قائم ڪريون. اسان عدليه جي آزادي ۽ پارليامان جي مضبوطي جي حق ۾ آهيون. ان لاءِ اچو ته سڀ گڏجي ويهون. هن چيو ته تماڪ جو 70 سيڪڙو اسان جي علائقي ۾ پيدا ٿئي ٿو. ڪشمير ۾ جيڪا صورتحال آهي ان جو حل ڳالهيون آهن. تربيلا ڊيم مان 6418 ميگاواٽ بجلي پيدا ٿئي ٿي. پوري صوبي جي 3300 ميگاواٽ آهي. اسان جي علائقي ۾ 12-12 ڪلاڪ لوڊشيڊنگ ٿي رهي آهي. جتان بجلي پيدا ٿيندي آهي اتي جي ماڻهن جو پهريون حق آهي. اسان چاهيون ٿا ته پارليامينٽ آزاد ۽ عوام جي نمائنده هجي.

بقايا 20 فراهمي بحال

چڪي آهي. خصوصي سيڙپڪاري سهولت ڪائونسل جي سهولتڪاري سان لائيو اسٽاڪ شعبي جي ترقي ۽ عالمي سهڪار وڌيڪ مضبوط ٿي رهيو آهي. پاڪستان ۾ چوپائي مال ۾ منهن ۽ کر جي بيمارين سبب لکين جانور متاثر ٿي رهيا آهن. جنهن جي نتيجي ۾ چوپائي مال جي پيداوار ۽ روانگي واپار کي شديد نقصان پهچي رهيو آهي. گذريل ٽن سالن دوران ان بيماري سبب اٽڪل 2,100 ڪيس رپورٽ ٿيا. ايس آءِ ايف سي جي مدد سان روسي فٽ اينڊ مائوٿ ڊيزيز ويڪسين جي فراهمي بابت اهم مسئلو ڪاميابي سان حل ڪيو ويو آهي. روس جي واپاري نمائندي ڊينس اي نيو زوروف سمورن لاڳاپيل ادارن وچ ۾ اثرائتي رابطا ڪاري تي ايس آءِ ايف سي جي ڪردار جي تعريف ڪئي. ان قدم سان چوپايو مال پاليندڙن جي اعتماد ۾ اضافو ٿيندو ۽ بيمارين کان بچاءُ جو نظام بهتر ٿيندو. بهتر ويڪسين جي فراهمي سان لائيو اسٽاڪ جي پيداوار معيار ۽ ترقي جا نوان موقعا پيدا ٿيندا. ان قدم سان پاڪستان جي لائيو اسٽاڪ شعبي جي ترقي روانگي واپار جي موقعن ۽ پاڪستان-روس سهڪار کي وڌيڪ هٿي ملندي. ايس آءِ ايف سي جي عملي قدمن سان پاڪستان جو لائيو اسٽاڪ شعبو جدت، پائيداري طرف گامزن ٿيندو.

بقايا 21 احمد الشرع

کي رد ڪري ڇڏيو آهي. ميڊيا رپورٽن موجب احمد الشرع هڪ ملاقات دوران دمشق جي ٻهراڙي وارن علائقن جي معززين ۽ اڳواڻن جي وفد سان ڳالهائيندي چيو ته شام جي فوج جون لبنان ۾ داخل ٿيڻ جي باري ۾ جيڪي افواهون ڦهلايون پيون وڃن اهي بلڪل بي بنياد آهن. هن چيو ته جيسٽائين سرحدون مقرر ڪرڻ جو تعلق آهي ته اهي موجوده وقت ۾ ترجيح نه آهن. خاص طور تي لبنان ۾ جاري بحرانن ۽ اندروني لڏپلاڻ کي نظر ۾ رکندي اها ترجيح نه آهي. ان لڏپلاڻ جو اندازو اٽڪل ڏيڍ ملين ماڻهن جو لڳايو ويو آهي. شامي صدر زور ڀريو ته لبنان سان سرحد جي حوالي کان پوءِ ڪيترائي حل سامهون ايندا.

بقايا 22 عطاالله تارڙ

شامل آهي. ايف بي آر سڌارا فيس ليس اپريزل نظام، ٽيڪس نيٽ ۾ واڌ، هائوسنگ سيڪٽر، ايڪسپورٽ ليڊ گروٿ، سماجي شعبن ۾ سيڙپڪاري ۽ عورتن لاءِ پنڪ ٽيڪس جي خاتمي جهڙا قدم حڪومت جي عوام دوست ويزن جي عڪاسي ڪن ٿا. ماضي ۾ ملڪ جي ڊفالٽ ٿيڻ جا شرط لڳايا ويندا هئا. محمد شهباز شريف رياست جي بقا لاءِ پنهنجي سياست جي قرباني ڏني. تاريخ ان قدم کي ياد رکندي. جڏهن وزيراعظم شهباز شريف نعرو لڳايو ته رياست کي بچائيندس، مون کي سياست جي ڪا پرواهه ناهي. مسلم ليگ (ن) مشڪل معاشي حالتن ۾ اقتدار سنڀاليس. اسان جي دور ۾ عالمي سطح تي پاڪستان جي پذيرائي ٿي. پوري دنيا وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي امن لاءِ ڪوشش کي ساراهي رهي آهي. جڏهن ته پاڪستان معاشي استحڪام کان پوءِ ترقي ۽ خوشحالي جي نئين منزل طرف وڌي رهيو آهي. قومي اسيمبلي ۾ ايندڙ مالي سال 2026-27 جي بجيٽ تي بحث ۾ حصو وٺندي سنڌ سماءَ واري وفاقي وزير چيو ته اسان جڏهن مخالف ڌر جي بئنچن تي هئاسين تڏهن به ميثاق معيشت ۽ ميثاق جمهوريت جي ڳالهه ڪئي. اڄ حڪومت ۾ هئڻ باوجود به اهو ئي موقف برقرار آهي. هن چيو ته هي ايوان جمهوري روايتن جو امين آهي ۽ هميشه انهن روايتن کي هٿي ڏني آهي. هن چيو ته ڪالهه مخالف ڌر جي اڳواڻ جي تقرير دوران ماحول ڌيان ڏيڻ جهڙو هو احتجاج مخالف ڌر جو جمهوري حق آهي ۽ هر دور ۾ مخالف ڌر پنهنجو ڪردار ادا ڪندي رهي آهي. وقت هڪجهڙو نٿو رهي، سيٽون بدلجنديون رهنديون آهن پر اصل فرق روين ۽ نيت جو هوندو آهي. جڏهن اسان مخالف ڌر ۾ هئاسين ته ان وقت به ڳالهين جي آڇ ڪئي ويندي هئي ۽ اڄ حڪومت هئڻ باوجود به اها آڇ ڪري رهيا آهيون چاڪاڻ ته جمهوري عمل ۾ ڳالهيون ئي اڳيان وڌڻ جو رستو آهن. وفاقي وزير چيو ته ايندڙ مالي سال جي بجيٽ جي نه صرف ملڪي پر عالمي سطح تي به پذيرائي ڪئي پئي وڃي. معاشي تجزيه ڪار هن بجيٽ تي مثبت ڳالهيون ڪري رهيا آهن. ڪجهه مخالف ڌر جي ميمبرن طرفان به مثبت تجويزون سامهون آيون جن کي ساراهڻ گهرجي. هن چيو ته تنقيد ڪرڻ مخالف ڌر جو حق آهي جڏهن ته مثبت قدمن جي ساراهه ضرور ڪرڻ گهرجي. وفاقي وزير چيو ته ماضي ۾ هڪ سياسي پارٽي جي سربراهه جا بيان رڪارڊ تي موجود آهن ته ملڪ ڊيوالو ٿيڻ طرف وڃي رهيو آهي. جنهن ۾ ڪو به سيڙپڪاري نه ڪري. هن ملڪ جي ڊيوالو ٿيڻ جون شرطون لڳي رهيون هيون پر الله تعاليٰ کي ڪجهه ٻيو ئي منظور هو جڏهن ملڪ جي معيشت کي ڪو به هٿ لڳائڻ لاءِ تيار نه هو اهڙي وقت ۾ شهباز شريف همت ڪئي ۽ حوصلو پڪڙيو. رياست جي بقا لاءِ پنهنجي سياست قرباني ڪئي. وزيراعظم شهباز شريف نعرو لڳايو ته مان رياست کي بچائيندس مون کي سياست جي پرواهه ناهي. هي اهو وقت هو جڏهن پيرس اندر هڪ گڏجاڻي ٿي ۽ آءِ ايم ايف سان معاملا طئي ٿيا. جيڪڏهن شهباز شريف اها ڪوشش نه ڪري ها ۽ آءِ ايم ايف جي پروگرام ۾ نه وڃي ها ته اڄ هي خوشحالي ممڪن نه هجي ها. ماضي جي ڀيٽ ۾ اڄ معاشي اهڃاڻ واضح بهتري ڏيکاري رهيا آهن. ان وقت ڊالر جي متاسنا واري شرح غير مستحڪم هئي. ڪاروباري طبقو ڏکيائين جو شڪار هو. ايل سيز نه کلي رهيون هيون ۽ روانگي واپار جون سرگرميون متاثر هيون. مهانگائي 38 سيڪڙو ۽ وياج جي شرح 22 سيڪڙو کان وڌيڪ هئي. وفاقي وزير چيو ته شهباز شريف جڏهن مخالف ڌر جو اڳواڻ هو ته هن ايوان ۾ ويهي ميثاق معيشت جي ڳالهه ڪئي هئي. ڪاش ان وقت اوهان ميثاق معيشت جي ڳالهه مڃو ها. پر ان وقت سندس آڇ کي قبول نه ڪيو ويو. وفاقي وزير چيو ته اسان جي يادداشت تمام مختصر آهي. اسان اڄ جي ڳالهه ڪيون ٿا پر ماضي جي ڪا به ڳالهه نٿا ڪيون. هي ياد ڏيارڻ چاهيان ٿو ته انهن ماڻهن آءِ ايم ايف کي خط لکيا ۽ چاهيو پئي ته ملڪ ڊيوالو ٿئي. هن چيو ته جيڪڏهن ڪنهن معيشت لاءِ سٺو ڪم ڪيو ته اسان ان جي تعريف ڪنداسين پر اها گوارا ناهي ته اسان پنهنجي سياست خاطر پاڪستان خلاف سازشون ڪيون. هن چيو ته انهن ماڻهن پنهنجي دور ۾ آءِ ايم ايف کي خط لکيا ۽ ان تي بيانيو ٺاهيو. پوري مهم هلائي وئي. تاريخ ۾ ان کي هميشه ياد رکيو ويندو ته هڪ طرف وزيراعظم پيرس ۾ ميٽنگ ڪري معاملا جوڙي رهيو هو ته ٻئي طرف هتان خط لکيا پئي ويا ته پاڪستان کي بيل آئوٽ پيڪيج نه ملي. وفاقي وزير چيو ته موجوده معاشي استحڪام ٽيم ورڪ جو نتيجو آهي. ان ۾ ادارن جي محنت شامل آهي. ان ۾ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ۽ ان جي ٽيم جو به ڀرپور حصو آهي. وفاقي وزير چيو ته ميڪرو اڪنامڪ استحڪام جي انگ اکرن کان انڪار نٿو ڪري سگهجي. جي ڊي پي گروٿ جيڪو ان وقت 0.2 سيڪڙو هئي هاڻي 3.7 سيڪڙو تائين پهچي وئي آهي. في ڪس آمدني 1751 ڊالر کان وڌيڪ 1901 ڊالر ٿي وئي آهي. عطاالله تارڙ چيو ته جيڪڏهن حڪومت معاشي استحڪام نه ڏنو هجي ها ته مهانگائي 38 سيڪڙو کان گهٽ ٿي سنگل ڊجيٽ ۾ نه اچي ها. اهڙي طرح وياج جي شرح 22 سيڪڙو کان گهٽ ٿي 11 سيڪڙو تي نه اچي ها. هن چيو ته متاسنا جي ناڻي جا ذخيرا 17.2 ارب ڊالرن تائين پهچي چڪا آهن. جڏهن ته پورهيتن پاران پرڏيهه مان موڪليل ناڻو 33.9 ارب ڊالرن تائين پهچي ويو آهي. جنهن ۾ هر سال 9 سيڪڙو واڌارو ٿيو آهي. هن چيو ته آءِ ٽي روانگي واپار 3.8 ارب ڊالرن تائين پهچي ويو آهي. جنهن ۾ فري لانسرز جو 995 ملين ڊالر جو حصو پڻ شامل آهي. مالي خسارو جيڪو 2022ع ۾ 8 سيڪڙو هو هاڻي 0.7 سيڪڙو تي اچي ويو آهي. وفاقي وزير چيو ته مجموعي طور تي ميڪرو اڪنامڪ استحڪام حاصل ٿيو آهي ۽ دنيا ان کي تسليم ڪري رهي آهي. هن چيو ته ايف بي آر سڌارا وزيراعظم شهباز شريف جي هوم گرون ايجنڊا جو اهم حصو آهن جنهن ۾ اسٽرڪچرل ريفارمز شامل آهن. هن چيو ته هن ايوان ۾ هو چئلينج ڪري ٿو ته ڪو به ڪسٽمز يا انڪم ٽيڪس آفيسر جي سفارش ڪري ڏيکاري. ماضي جي ابتڙ هاڻي سفارش ڪلچر ختم ٿي چڪو آهي. جيڪڏهن سفارش ڪئي وڃي ٿي ته شام تائين اهو ماڻهو معطل هوندو آهي. هن چيو ته ميرٽ کي يقيني بڻائڻ لاءِ شفاف رپورٽنگ ۽ ٽرانسفر پوسٽنگ جو نظام لاڳو ڪيو ويو آهي. هن چيو ته ماضي ۾ ٽيڪس ڪيسن جي نظام ۾ ڪيسز کي ڊيگهه ڏني ويندي هئي. اسٽي آرڊرز ذريعي روينيو کي روڪيو ويندو هو. جڏهن ته موجوده حڪومت ان نظام ۾ سڌارن ذريعي شفافيت کي هٿي ڏني. وزيراعظم ميرٽ تي ٽربيونل بڻايا. وفاقي وزير چيو ته سٺا ۽ خراب ماڻهو هر هنڌ هوندا آهن. هاڻي ٽربيونل بڻايا ويا آهن جن جا چيئرمين ميرٽ تي مقرر ٿيا آهن. وڪيلن کي ميرٽ تي ورتو ويو آهي ۽ اربين رپين جي رڪوري ڪئي وئي. عطاالله تارڙ چيو ته شگر ٽوبيڪو سيمنٽ، بيوريجز جهڙيون ڪجهه اهم انڊسٽريون اهڙيون آهن جيڪي جيترو مرضي منافعو ڪمائين پر ڪائين ڪو پڇڻ وارو نه هو. صرف شوگر انڊسٽري کان 60 ارب رپيا رڪور ڪيا ويا. وزيراعظم جي خاص ڪوشش سان انڊسٽريز ۾ ٽيڪنالاجي بيس مانيٽرنگ سسٽم لڳايا ويا. مانيٽرنگ کي موثر بڻايو ويو. ايماندار ماڻهو لڳايا ويا. گذريل سال وزيراعظم جي اڳواڻي ۾ پوري فنانس ٽيم ڀرپور محنت ڪئي. ناڻي واري وزير، ايف بي آر جي چيئرمين ۽ ان جي پوري ٽيم ان ۾ تمام متحرڪ رهي. انفورسمينٽ جي مد ۾ 800 ارب رپيا جمع ڪيا ويا جنهن سان وڌيڪ گنجائش پيدا ٿي. هن چيو ته مخالف ڌر جڏهن حڪومت ۾ هئي ته هو سياسي بيانيو ٺاهڻ ۾ لڳي ويا. اهو ڪم اهي ماڻهو به ڪري سگهيا ٿي. وفاقي وزير چيو ته بندرگاهن تي ڪسٽم ڪليئرنس ۾ ڪيترائي مهينا لڳندا هئا. هاڻي اتي فيس ليس اپريزل سسٽم لڳايو ويو آهي ۽ هاڻي ايف بي آر اهو سسٽم پوري ملڪ اندر لڳائڻ وڃي رهي آهي. جتي ٽيڪس ڏيندڙن جو ٽيڪس جمع ڪندڙن سان آمهون سامهون رابطو نه ٿيندو. هي آءِ ڪي بيس سسٽم تحت فيس ليس سسٽم آهي ته جيئن ڪنهن قسم جي ليڪيج نه ٿي سگهي. هن چيو ته ايف بي آر جي سڌارن تحت ايترو وڏو رليف قوم کي ڏنو ويو آهي ان جا اثر سمورن شهرين تائين ويندا. هاڻي ٽيڪس نه ادا ڪندڙن جو بار ٽيڪس ڏيندڙ نه کڻي سگهندا. ملڪ ۾ منصفاڻو نظام لاڳو ڪيو ويو آهي. هن چيو ته وزيراعظم ناڻي واري مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني کي ريٽيلرز جي حوالي سان خصوصي ٽاسڪ ڏنو چاڪاڻ ته 36 لک ريٽيلرز ٽيڪس نيٽ کان ٻاهر هئا. جڏهن ته انهن جي پنهنجي درخواست به هئي ته ڪين ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ شفاف طريقيڪار ذريعي ٽيڪس نيٽ ۾ شامل ڪيو وڃي.

بقايا 23 تنقيد

ڏيندي چيو ته گهٽ آمدني وارن تي بجيٽ ۾ ٽيڪس جو بار گهٽ ڪيو ويو آهي. پگهاردار طبقي لاءِ به ٽيڪسز ۾ گهٽتائي ڪئي وئي آهي. جڏهن ته مخالف ڌر بجيٽ تي تنقيد ڪندي چيو ته وچولي طبقي جي استعمال جون شيون مهانگيون ٿيون آهن. قومي اسيمبلي ۾ ايندڙ مالي سال 27-2026ع جي وفاقي بجيٽ تي عام بحث ۾ حصو وٺندي مسلم ليگ (ن) جي ميمبر جمال خان ڪاڪڙ چيو ته بلوچستان ۾ امن امان کي ترجيح ڏني وڃي. اتي جا ماڻهو امن چاهين ٿا. تفتان بارڊر کي کوليو وڃي ۽ اتي ڪسٽم جي عملي کي مقرر ڪيو وڃي. ان سان روزگار جا موقعا به پيدا ٿيندا. مخالف ڌر جي ميمبر شاهد خٽڪ چيو ته موجوده حڪومت جي اها پنجين بجيٽ آهي. ملڪ ۾ مهانگائي جي ٻوڏ آهي. پيٽرول جون قيمتون تاريخ جي بلند ترين سطح تي آهن. وچولي طبقي جي استعمال جون شيون مهانگيون ٿيون آهن. گهٽ آمدني وارن کي ڏکيائون درپيش آهن. هي اسان جو ملڪ آهي ان کي ٺاهڻ ۾ اسان جي ابن ڏاڏن جو رت شامل آهي. بجيٽ ۾ جيڪڏهن عام ماڻهو کي رليف ملندو آهي ته اها بهتر بجيٽ هوندي آهي. ايف بي آر جو هدف هلندڙ سال پورو نه ٿي سگهيو. ان ۾ گهٽتائي ڪئي وئي آهي.

بقايا 24 امڪان

علائقن ۾ ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران موسم گرم ۽ خشڪ رهڻ جي توقع آهي. جڏهن ته معاملهين خيبر پختونخوا، ڪشمير ۽ ان سان لاڳاپيل جابلو علائقن ۾ تيز هوا ۽ گجگوڙ سان ڪجهه هنڌن تي برسات جو امڪان آهي. موسميات کاتي موجب گذريل 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم گرم ۽ خشڪ رهي. جڏهن ته ميداني علائقن ۾ سخت گرم رهي. جڏهن ته ڪي پي ڪي، ڪشمير ۽ گلگت بلتستان ۾ تيز هوائن ۽ گجگوڙ سان برسات ٿي.

بقايا 25 ڳالهيون

لبريشن فرنٽ جي چيئرمين ياسين ملڪ جي گهرواري مشعال حسين ملڪ جميعت علماء اسلام جي امير مولانا فضل الرحمان سان سندس رهائشگاهه تي ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ آزاد ڪشمير جي موجوده صورتحال تي ڳالهيون ڪيون ۽ مسئلن جي پرامن ۽ سياسي حل تي اتفاق ڪيو. ملاقات ۾ جي يو آءِ ڪشمير جي امير مولانا سعيد يوسف، محمد اسلم غوري، انجنيئر ضياء الرحمان شريڪ ٿيا.

بقايا 26 جمال رئيساڻي

عڪاس آهي جڏهن ته ان سان هڪ ذميوار ۽ تعميري عالمي ڪردار طور پاڪستان جي وڌندڙ اهميت به اجاگر ٿئي ٿي. ايڪس تي پنهنجي پيغام ۾ نوابزاده جمال رئيساڻي وزيراعظم محمد شهباز شريف، چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ۽ ان اهم ڪاميابي ۾ ڪردار ادا ڪندڙ سمورن ماڻهن جي ڪوششن کي ساراهيندي چيو ته سندن قيادت، بصيرت ۽ انٿڪ محنت ساراهه جوڳي آهي. هن چيو ته ڳالهين جي عمل جي ڪاميابي نه صرف عالمي برادري ۾ پاڪستان جي وقار ۽ ساک ۾ واڌاري جو سبب بڻجي پر خطي ۽ سڄي دنيا ۾ گڏيل تعاون، اعتماد ۽ پائيدار امن ۽ خوشحالي جا نوان موقعا به پيدا ڪندي. هن ان اڳڀرائي کي پاڪستان جي سفارتي ڪاميابي قرارڏيندي اميد ظاهر ڪئي ته ملڪ مستقبل ۾ به امن، استحڪام ۽ عالمي تعاون کي هٿي ڏيڻ ۾ پنهنجو مثبت ڪردار جاري رکندو.

بقايا 27 سجاڳ ڏريون

تقريب کي صدارتي خطاب ڪندي پروفيسر اعجاز قريشي چيو ته حيدر بخش جتوئي تمام وڏو انسان هو مون سندس جدوجهد جا 25 سال ڏٺا. ون يونٽ جي دور ۾ سندس ڪردار تمام شاندار هو. هن سنڌ جو ڪيس تمام بهتر نموني سان وڙهيو. حيدر بخش جتوئي مسلسل ۽ بي لوث جدوجهد ڪئي. هو 24 ڪلاڪ ڌرتيءَ لاءِ سوچيندو هو. اسان کي سنڌ جي تاريخ تي ڪم ڪرڻو آهي اسان کي ابراهيم جويي، جي ايم سيد ۽ قاضي فيض محمد تي سيمينار ڪرڻ گهرجن. نوجوانن کي تعليم ڏيڻ جي ضرورت آهي. خاص مهمان ڊاڪٽر جعفر احمد چيو ته حيدر بخش جتوئي جو ڪم ۽ مقام تمام وڏو آهي. هن ون يونٽ خلاف ۽ هارين جي حقن لاءِ ڪامياب تحريڪ هلائي. ترقي پسند تحريڪ کي منظم ڪرڻ جي ضرورت آهي. هن چيو ته هن پروگرام ذريعي نوجوانن ۾ شعور پيدا ٿيندو. حيدر بخش جتوئي نوڪري دوران سنڌ جي مختلف علائقن ۾ ڪم ڪيو هارين جي خراب حالت ڏٺي ۽ پوءِ انهن جي حالت بدلائڻ لاءِ سرڪاري نوڪري تان استعيفيٰ ڏني. ون يونٽ ذريعي چئن صوبن کي گڏ ڪري هڪ صوبو بڻائي اوڀر پاڪستان جي مقابلي ۾ بيهاريو ويو اهو ڪم اسٽيبلشمينٽ ڪيو.

بقايا 28 تقريب

۾ سنڌ حڪومت جي ثقافت واري وزير ذوالفقار علي شاهه ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي سنڌ اسيمبلي ميمبر زبير احمد جوڻيجو گڏيل طور لائبريريءَ جو افتتاح ڪيو. ان موقعي تي خطاب ڪندي ثقافت واري صوبائي وزير سيد ذوالفقار شاهه مقرر چيو ته اڳوڻي ايم پي اي عبدالعزيز جوڻيجو ۽ موجوده ايم پي اي زبير احمد جوڻيجو جي ڪوشش سان هن لائبريري جو افتتاح ٿي رهيو آهي. جيڪو خيرپور ناٿن شاهه واسين لاءِ وڏو تحفو آهي. هن هڪ سوال جي جواب ۾ چيو ته گورک کي سنڀاليندي مونکي ٻه سال ٿيا آهن روڊ رستا ٺهرائڻ روڊ کاتي جو ڪم آهي جنهن جو صوبائي وزير علي حسن زرداري آهي. جنهن سان اسان جو رابطو آهي. تاريخي جاين جي سار سنڀال لهڻ اسان جو ڪم آهي. انهن تاريخي جاين جي نشاندهي ٿيڻ گهرجي. ان موقعي تي نوجوان ايم پي اي زبير احمد جوڻيجو چيو ته ڪتاب انسان جو بهترين دوست ۽ سماجي ترقيءَ جو بنيادي ذريعو آهي.

بقايا 29 مقرر

ڊيرج سيٺ کي ڀارتي فوج جو ايندڙ سربراهه مقرر ڪيو ويو آهي. ڪشمير ميڊيا سروس موجب دفاع واري وزارت اعلان ڪيو آهي ته ليفٽيننٽ جنرل ڊيرج سيٺ جيڪو هن وقت ڀارتي فوج جي نائب سربراهه طور خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي 30جون تي جنرل اوپيندرديويدي جي رٽائر ٿيڻ تي اعليٰ عهدي جي چارج سنڀاليندو. سينيئر آفيسر ڊسمبر 1986 آرمڊ ڪور ۾ ڪميشن ڏنو هو. هو سائوٿ ويسٽرن ڪمانڊر ۽ سدرن ڪمانڊر رهي چڪو آهي.

بقايا 30 سوگهو

ڊرائيونگ لائسنس تي سعودي عرب وڃڻ جي ڪوشش ناڪام، مسافر آف لوڊ. ايف آءِ اي اميگريشن جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ ڪراچي هڪ مسافر کي مشڪوڪ جعلي ڊرائيونگ لائسنس جي استعمال تي سعودي عرب وڃڻ کان روڪي آف لوڊ ڪري ڇڏيو. ترجمان ايف آءِ اي موجب، مسافر ورڪ ويزا ۽ پروفيشنل ڪليئرنس سان ڊرائيور طور سعودي عرب وڃي رهيو هو.

بقايا 31 اعظم نذير

وزيرن جي گهرن جي يوٽيليٽي بلز جي ادائگي حڪومت نه پر هو پاڻ ڪندا آهن. وزيرن کي 400 ليٽر پيٽرول ملندو هو جيڪو بچت قدمن تحت گهٽ ڪري اڳ ئي 200 ليٽر ڪيو ويو آهي. 200 ليٽر پيٽرول کان علاوه وزير ڪا به شي نه وٺي رهيا آهن. جيڪڏهن ميمبر پيٽرول جي معاملي تي ڳالهائڻ چاهين ٿا ته ٿي سگهي ٿو.

بقايا 32 تياريون تيز

سوار ڪيا ويا ۽ ٽنڊومحمدخان ۽ ڀرپاسي ۾ محرم الحرام جي تيارين جي سلسلي ۾ صدين کان هلندڙ ماتمي جلوسن ۽ مجلسن، عزادارين جون تياريون به زور شور سان تيز ٿي چڪيون آهن. جڏهن ته علمن جي رنگ ڪندڙن ۽ ڪاريگرن ۽ سينگار جي ڪم ڪندڙن جي روزگار ۾ به واڌ آئي آهي. ڪاريگرن جو چوڻ هو ته محرم جو مهينو شروع ٿيڻ کان اڳ اسانجو رنگ ۽ علم سينگار جو ڪم بهتر نموني هلي رهيو آهي. روزگار وڌيو آهي.

بقايا 33 زخمي

ٽن ڄڻن جي قتل ۽ عورتن سميت ڪيترن ئي ماڻهن جي زخمي ٿيڻ واري واقعن جو سخت نوٽيس وٺندي ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي کان تفصيلي رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي. تفصيل موجب پوليس ۽ ريسڪيو ذريعن موجب اورنگي ٽائون ٿاڻي جي حد بنارس عليگڙهه چيل مارڪيٽ پرسان مبينا طور تي نامعلوم طرف کان ايندڙ گولي لڳڻ سبب 35 ورهين جو شڪيل قتل ٿي ويو. جڏهن ته اورنگي ٽائون ٿاڻي جي حد قصبه موڙ ٽوٽل پمپ تي نامعلوم هٿياربندن جي فائرنگ ۾ 32 ورهين جو ياسين پٽ رحمت قتل ٿي ويو. سچل ٿاڻي جي حد شازي ڳوٺ ويجهو جمالي پل ويندڙ روڊ تي صفوران لڳ سپرا چوڪ پرسان فائرنگ جي هڪ ٻئي واقعي ۾ سيوهڻ واسي 45 ورهين جو شاهد سولنگي پٽ سهيل سولنگي پڻ حياتي وڃائي ويٺو. واقعي بعد جوابدار فرار ٿي ويا. اطلاع ملندي پوليس پهچي مقتول جو لاش قانوني ڪارروائي جي لاءِ سول اسپتال منتقل ڪري واقعي واري جاءِ تان شاهدين گڏ ڪري جاچ شروع ڪري ڏني آهي.

بقايا 34 فوت

ملٽري بارڊر سيڪيورٽي فورس (بي ايس ايف) جي اهلڪارن جي فائرنگ سبب هڪ 26 ورهين جو بنگلاديشي شهري فوت ٿي ويو. ڪشمير ميڊيا سروس مطابق اهو واقعو بي ايس ايف طرفان مبينہ طور تي سرحد پار کان اسمگلنگ جي شڪي سرگرمين خلاف شروع ڪيل ڪارروائي دوران ضلعي اونا ڪوٽي جي ڪيلا شهر ويجهو پيش آيو. ڀارتي اختيارين ٻڌايو ته بنگلاديشي شهري فائرنگ ۾ شديد زخمي ٿيو.

بقايا 35 آپگهات

سرحد تي مقرر ڀارتي پيرا ملٽري بارڊر سيڪيورٽي فورس (بي ايس ايف) جي هڪ اهلڪار آپگهات ڪري ڇڏيو. ڪشمير ميڊيا سروس مطابق آپگهات ڪندڙ بي ايس ايف اهلڪار جي سڃاڻپ 44 ورهين جي هيڊڪانسٽيبل پريم ڪمار جي نالي سان ٿي آهي.

بقايا 36 مڃتا ماڻي

آرٿوپيڊڪ ماهر پروفيسر انيس الدين ڀٽي کي سندن شاندار علمي ۽ تحقيقي ڪاميابي تي ڀرپور خراج تحسين پيش ڪيو آهي. سندن اهم تحقيقي مقالو "Paradigm Shift in Clubfoot Care Strategies in Pakistan: A Meta-Analysis Over Three Decades" عالمي شهرت يافته سائنسي رسالي World Journal of Meta-Analysis ۾ شايع ٿيو آهي. جنهن کي پاڪستان ۾ ڪلب فوٽ جي علاج بابت هڪ سنگ ميل قرار ڏنو پيو وڃي. هي تحقيق گذريل ٽن ڏهاڪن (30 سالن) دوران ملڪ ۾ ڪلب فوٽ (ڄمڻ وقت پيرن جي ٽيڙائپ) جي علاج بابت گڏ ڪيل ڪلينيڪل ڊيٽا ۽ طبي تجربن جو جامع ميٽا-تجزيو پيش ڪري ٿي.

بقايا 37 احتجاج

۾ معصوم ٻارڙن سان گڏ جامشورو شهر جي سيوهڻ بس اسٽاپ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويندو. احتجاج جي اڳواڻي سينيئر صحافي حاڪم چانڊيو، عامر جانوري، مختيار احمد چنا، زوهيب چانڊيو سماجي اڳواڻ حبيب الله آمرو ۽ ٻين ڪئي. جڏهن ته احتجاج ۾ ڪامريڊ عابد جمالي، عطاء الله بروهي، شير محمد سنجراڻي ۽ ٻين شرڪت ڪئي. ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن جو چوڻ آهي ته درسگاهن واري جامشوري شهر ۾ منشيات فروشي سرعام ٿي رهي آهي. سرڪار پاران شهر اندر شراب خانو کوليو ويو آهي جنهن تي شراب منشيات آساني سان وڪرو ٿي رهي آهي.

سنڌي ايڊيشن
انچارج :مجيب ناريجو
IBRAT SANSAR
عبرت سنسار
68 Golden Jubilee Year
Ibratsansar@yahoo.com
سومر 15 جون 2026 ع

ايران - آمريڪا گهمسان جي ويڙهه بعد امن معاهدي جون تياريون

فيضان احمد

ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ گذريل هفتي شديد حملن ۽ جوابي ڪارروائين [illegible]

[illegible] سطح تي اچي ويو.

ٻئي طرف ايران جي پرڏيهي وزير عباس عراقچيءَ پڻ معاهدو ويجهو ٿيڻ جي تصديق ڪندي چيو آهي تہ ايران ۽ آمريڪا اسلام آباد سهمتيءَ جي سانپر جي انتهائي ويجهو پهچي چڪا آهن. ان دوران ايراني پرڏيهي وزارت جي ذريعن هڪ وڏو انڪشاف ڪندي ٻڌايو آهي

پاڪستان ۽ مصر شامل آهن. انهن هن معاهدي تي اصولي طور تي پنهنجي اتفاق جو اظهار ڪيو آهي. هن معاهدي جي مکيہ شرطن تحت اسٽريٽجڪ لحاظ کان اهم سامونڊي رستي هرمز کي بغير ڪنهن فيس جي هڪدم عالمي واپاري ٻيڙن لاءِ کولڻ، ايران تي لڳايل اقتصادي پابندين ۾ مرحليوار نرمي

مستقبل جهڙن جديد موضوعن تي پڻ تفصيلي ڳالهيون ٿينديون. جنهن لاءِ ميزبان ملڪ فرانس ڪجهہ غير رڪن ملڪن کي پڻ خاص دعوت ڏئي گهرايو آهي. جيڪڏهن هي سمورو امن عمل ڪامياب ٿئي ٿو تہ ان کي تاريخ ۾ 'اسلام آباد معاهدو' جي نالي سان ياد رکيو ويندو.

آءِ ايم ايف جي فرمائش ۽ اشرافيه نوازيءَ واري وفاقي بجيٽ

فريد احمد

ناٽي واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب پاران پيش ڪيل مالي سال 2026_27 جي وفاقي بجيٽ روايتي معاشي پيچرن ۽ بين الاقوامي مالياتي فنڊ (IMF) جي سخت شرطن جو هڪ اهڙو ميلاپ آهي، جنهن کي ماهرن "معاشي استحڪام ذريعي غربت" (Stabilisation into Poverty) جو نالو ڏنو آهي. [illegible] هيٺ ان بجيٽ جو هڪ جامع جائزو پيش ڪجي ٿو.

1. بجيٽ جو بنيادي ڍانچو: غريب جي چادر ۽ قرضن جو بار
حڪومت 18 هزار 771 ارب رپين جي رڪارڊ حجم جي بجيٽ تہ پيش ڪري ڇڏي آهي، پر جڏهن ان جي خرچن جي پيٽ حاصل ٿيندڙ گڏيل آمدني (تقريبن 18 هزار ارب رپيا) سان ڪجي ٿي تہ خساري جي ڪاهي چٽي نظر اچي ٿي. وفاقي بجيٽ جي بنيادي عنصرن تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ وفاق وٽ پنهنجي خرچن لاءِ ڪجهہ بہ نٿو بچي:
وياج ۽ قرضن جي ادائيگي: 8 هزار 24 ارب رپيا (جيڪي گڏيل آمدنيءَ جو سڀ کان وڏو حصو ڳڙڪائي رهيا آهن.)
صوبن جو حصو: (NFC): 8 هزار 839 ارب رپيا.
دفاعي خرچ: 3 هزار ارب رپيا (گذريل سال جي 2,550 ارب رپين جي ڀيٽ ۾ وڏو واڌارو).
سول ۽ فوجي پينشنز: 1 هزار 173 ارب رپيا.
سبسڊي: 1 هزار 91 ارب رپيا (بجلي ۽ ٻين شعبن لاءِ).
تنقيدي پاسو: وياج، دفاع، پينشن ۽ صوبن جي حصي جي ادائيگي ڪانپوءِ وفاق جو پاند مڪمل طور خالي ٿي وڃي ٿو. اهوئي سبب آهي تہ ايندڙ

خرچن ۽ ترقياتي ڪمن لاءِ حڪومت کي وڌيڪ 7 کان 8 هزار ارب رپين جو نئون قرض کڻڻو پوندو. [illegible]

2. آءِ ايم ايف جي فرمائش ۽ [illegible]

"ريورس انجنيئرنگ" ڪندي ناهي وئي آهي. حڪومت مالي خساري کي محدود رکڻ، پرائمري سرپلس (جي ڊي پي جو 2 سيڪڙو) برقرار رکڻ ۽ ايف بي آر جي ٽيڪس هدف کي وڌائي 15 هزار 264 ارب رپيا ڪرڻ کي ترجيح ڏني آهي.
ترقياتي خرچن (PSDP) کي صرف 1 (هڪ) هزار ارب رپين تائين محدود رکڻ ان ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ ڊگهي مدي جي معاشي ترقي، تعليم، صحت ۽ بنيادي ڍانچي جهڙن اهم شعبن کي آءِ ايم ايف جي شرطن جي قربان گاهہ تي چاڙهيو ويو آهي.
3. في فرد آمدنيءَ جو خواب ۽ حقيقت
حڪومت دعويٰ ڪئي آهي تہ ملڪ ۾ في فرد سالياني آمدني 1751 ڊالرن مان وڌي 1901 ڊالر ٿي وئي آهي. معاشي طور تي هي محض هڪ سراسري شرح (Average) جي جادوگري آهي. [illegible]

زميني حقيقت اها آهي تہ افراطِ زر (مهانگائي جي شرح جنهن جي توقع 8.2 سيڪڙو آهي) ۽ بجليءَ جي وڌندڙ قيمتن جي ڪري عام ماڻهوءَ جي حقيقي خريداري سگهہ ۾ ڪا بہ نمايان بهتري ناهي آئي.
4. مخصوص ريليف يا اشرافيہ نوازي؟
حڪومت پگهاردار طبقي کي انڪم ٽيڪس سليبس ۾ ڪجهہ ريليف ڏنو آهي. مثال طور: 22 کان 32 لک سالياني آمدنيءَ تي ٽيڪس 23

[illegible]

اهڙي وقت ۾ نهايت امير طبقي کي سپر ٽيڪس ۾ ڇوٽ ڏيڻ معاشي ناانصافيءَ جو واضح مثال آهي.
5. ٽيڪس نيٽ وڌائڻ جو ارادو
بجيٽ ۾ ننڍين دڪاندارن لاءِ "فڪس ٽيڪس سسٽم" (20 ڪروڙ يا ان کان گهٽ سالياني سيلز تي 1 سيڪڙو ٽيڪس) متعارف ڪرائڻ جي تجويز ڏني وئي آهي تہ جيئن غير دستاويزي معيشت کي ٽيڪس نيٽ ۾ آڻي سگهجي. پر معاشي ماهرن جو چوڻ آهي تہ حڪومت اڃا تائين بنيادي طور تي انهن ئي ماڻهن ۽ ڪمپنين کان وڌيڪ ٽيڪس وصول ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي جيڪي اڳيئي ٽيڪس نظام ۾ موجود آهن، جڏهن تہ غير دستاويزي معيشت جو وڏو حصو لڳاتار ٽيڪس نيٽ کان ٻاهر آهي.
6. وفاقي ۽ دفاعي خرچن جو صوبن مٿان بار
پاڪستان جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو دفاعي خرچن کي پورو ڪرڻ لاءِ صوبن کان بہ مالي مدد گهري وئي آهي. جيتوڻيڪ آئين مطابق دفاع خالص وفاق جي ذميواري آهي، پر وفاق وٽ پئسا نہ هجڻ ڪري هاڻي صوبا پنهنجو حصو وجهي رهيا آهن. اين ايف سي (NFC) ايوارڊ ۾ سڌيءَ ريت ترميم جون ڳالهيون تہ پيپلز پارٽي جي مخالفت جي ڪري ناڪام ٿيون، پر هاڻي صوبن کان پئسا واپس وفاق کي منتقل ڪرائڻ جو جيڪو طريقو اختيار ڪيو پيو وڃي، اهو صوبائي خودمختياريءَ جي اصولن تي هڪ سواليہ نشان آهي.

نتيجو

بجيٽ 2026_27 [illegible] وڌندا رهندا.

ڳڊيجي ڀرسان معصوم ٻارڙي سان جنسي ڏاڍائيءَ جي وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل

پوليس ڪاروائي ڪندي جنسي ڏاڍائيءَ ڪندڙ ۽ وڊيو ريڪارڊ ڪندڙن کي گرفتار ڪري ورتو

زيادتي جو شڪار معصوم ٻارڙي کي ميڊيڪل چيڪپ لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو،اي ايس پي گمبٽ جانچ آفيسر مقرر

ڪيس داخل نہ ٿي سگهيو آهي،منهنجي معصوم پٽ سان ظالمن وڏو ظلم ڪيو آهي، انصاف ڪيو وڃي؛گلزار سولنگي

انساني حقن جي تنظيمن پاران واقعي جي نندا،صاف شفاف جانچ ڪري ڏوهارين جي خلاف ڪاروائيءَ ڪئي وڃي؛اڳواڻ

ڳڊيجي(ن ع)ڳڊيجي جي ڀرسان ڳوٺ نهال خان سولنگي ۾ گلزار سولنگي جي معصوم پٽ اسد سولنگي سان جنسي ڏاڍائيءَ جي وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيڻ بعد اي ايس پي گمبٽ ۽ايس ايڇ او هنگورجا محمد اقبال تون ڳوٺ نهال خان سولنگي پهچي ڪري ڪاروائي ڪندي معصوم ٻارڙي اسد سولنگي سان جنسي ڏاڍائيءَ ڪندڙ سليمان سولنگي ۽ وڊيو ريڪارڊ ڪندڙ مشڪور سولنگي کي گرفتار ڪري لاڪپ جي حوالي ڪري ڇڏيو ۽ زيادتي جو نشانو بڻيل اسد سولنگي کي ميڊيڪل چيڪپ لاءِ مقامي اسپتال منتقل ڪيو ويو ڊاڪٽرن جي ذريعن موجب ابتدائي طور تي ميڊيڪل چيڪپ ۾ اسد سولنگي سان ڏاڍائي جو نشانيون مليون آهن پر وڌيڪ ميڊيڪل رپورٽ اچڻ بعد ئي ثابت ٿيندو تہ ان سان جنسي ڏاڍائيءَ ٿيل آهي يانہ ٻئي طرف زيادتي جو نشانو بڻيل معصوم اسد سولنگي جو چوڻ هيوته سليمان سولنگي زبردستي جنسي ڏاڍائيءَ ڪئي ۽ مشڪور سولنگي وڊيو ريڪارڊ ڪيو گهر ڳالهہ ڪرڻ تي ڌمڪيون ڏنيون ٻئي طرف متاثرہ ٻارڙي جي والد گلزار سولنگي پوليس کي ٻڌايو تہ منهنجي پٽ اسد سولنگي سان وڏو ظلم ڪيو ويو آهي قانون انصاف ڪندو ڊي آءِ جي پوليس سکر معصوم ٻارڙي اسد سولنگي سان ٿيل جنسي ڏاڍائيءَ جو نوٽيس وٺندي اي ايس پي گمبٽ کي جانچ آفيسر مقرر ڇڏيو آهي ۽ ڪيس ڪا رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي جڏهن تہ واقعي بعد علائقي جي معصوم ٻارڙن ۾ خوف پکڙجي ويو آهي انساني حقن جي تنظيمن پڻ اهڙي واقعي جي ندا ڪندي صاف شفاف جانچ ڪري ملوث ماڻهن جي خلاف ڪاروائيءَ ڪرڻ جي گهر ڪئي آهي

ڳڊيجي جنسي ڏاڍائي جو نشانو بڻائي معصوم ٻارڙو ٻئي طرف جوابدار لاڪپ ۾ بند آهن

2030ع تائين حيدرآباد ماحولياتي خطرن جي حساس شهرن ۾ شامل ٿي سگهي ٿو؛ ماهرن

سافڪو پاران ڪوٽابل تقريب، وڻڪاري، ماحول دوست زراعت ۽ متبادل توانائي موسمياتي بحران جو حل قرار

گرمي، پاڻي جي کوٽ ۽ ماحولياتي بي ترتيبي ايندڙ سالن ۾ سنگين بحران جو سبب بڻجي سگهي ٿي

"حيدرآباد 2030" ايڪشن پلان تي ڪم شروع، ماحولياتي آگاهي مهم هلائڻ جو فيصلو

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) عالمي ماحوليات جي ڏهاڙي جي موقعي تي حيدرآباد ڀرسان ٿيل تقريب ۾ ماهرن خبردار ڪيو آهي تہ موسمياتي تبديلي سبب وڌندڙ گرمي، پاڻي جي کوٽ ۽ موسمياتي بي ترتيبي ايندڙ سالن ۾ حيدرآباد لاءِ بہ وڏو خطرو بڻجي سگهي ٿي مقررن زور ڀريو تہ ماحولياتي بحران کي منهن ڏيڻ لاءِ وڻڪاري، ماحول دوست زراعت، متبادل توانائي جي استعمال ۽ عوامي آگاهي کي هٿي ڏيڻ وقت جي اهم ضرورت آهي سافڪو پاران پاڪستان پاورٽي ايليويئيشن فنڊ (PPAF)، پرائم منسٽر يوٿ پروگرام ۽ ڪائونٽرنگ وائلنٽ ايڪسٽريميزم (CVE)جي گڏيل سهڪار سان "مستحڪم ۽ اپرائڊ پاڪستان" جي عنوان هيٺ ڳوٺ چنو ميربحر ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ علائقي جي معززن، سماجي اڳواڻن ۽ ڳوٺاڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب کي خطاب ڪندي سافڪو جي باني ڊاڪٽر سليمان جي ابڙي چيو تہ عالمي موسمياتي ادارن جي رپورٽن موجب هلندڙ سال جو مئي مهينو تاريخ جو ٻيون نمبر سڀ کان گرم مهينو رڪارڊ ٿيو جنهن دوران عالمي گرمي پد 15.79 ڊگري سيلسيس تائين پهچي ويو هن چيو تہ گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريس خبردار ڪيو آهي تہ ڌرتي تيزي سان گرم ٿي رهي آهي، جڏهن تہ عالمي ماهرن موجب سمنڊن جي گرم ٿيڻ سبب ايندڙ پنجن سالن دوران گرمي پد جا وڌيڪ رڪارڊ ٽٽڻ جو امڪان آهي هن چيو تہ ان باوجود هڪ حوصلا افزا ڳالهہ اها آهي تہ دنيا ۾ سولر ۽ ونڊ پاور ذريعي ماحول دوست بجلي جي پيداوار ۾ تاريخي واڌارو ٿيو آهي جيڪو مستقبل ۾ ڪوئلي ۽ تيل جي استعمال ۾ گهٽتائي آڻي عالمي گرمي پد تي ضابطو آڻڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿو سافڪو جي بورڊ آف گورنرز جي اڳوڻي چيئرمين پروفيسر ڊاڪٽر اعجاز علي کوهاري چيو تہ ڪاربان گئسن جي خارج ٿيڻ واڌاري سبب دنيا کي سنگين ماحولياتي خطرن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي، تنهن ڪري متبادل توانائي جي استعمال سان گڏ ماحولياتي تعليم ۽ تحقيق کي هٿي ڏيڻ ضروري آهي هن چيو تہ زراعت ۾ ڪيميائي ڀاڻن بدران ناماياتي ۽ ماحول دوست طريقا اختيار ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي، جڏهن تہ ڳوٺاڻن کي پنهنجي گهرن ۽ ٻنين ۾ وڻ پوکڻ گهرجن سافڪو جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر ذيشان ميمڻ هڪ سائنسي سروي جو حوالو ڏيندي چيو تہ 2030ع تائين حيدرآباد ماحولياتي خطرن جي لحاظ کان انتهائي حساس شهرن جي فهرست ۾ شامل ٿي سگهي ٿو هن چيو تہ موسمياتي چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ عوامي شعور پيدا ڪرڻ ضروري آهي تنهن ڪري تقريب کي شهري علائقي بدران ڳوٺاڻي ماحول ۾ منعقد ڪيو ويو تہ جيئن پيغام سڌو سنئون ماڻهن تائين پهچي سگهي تقريب کي عبدالشڪور ملاح ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو جڏهن تہ يو سي چيئرمين عظيم برهمڻ ذيشان نوراني ڊاڪٽر نسيم راجپوت، رخسانہ رند ۽ مهرالنساء ملاح سميت ٻين شخصيتن شرڪت ڪئي تقريب جي پڄاڻي تي نوجوانن جي سهڪار سان يونيورسٽين ۾ ماحولياتي آگاهي مهم هلائڻ، آبادگارن لاءِ ماحول دوست زراعت بابت سيمينار ڪرائڻ ۽ "حيدرآباد 2030" کي نظر ۾ رکندي مقامي ماحولياتي ايڪشن پلان جوڙڻ جو فيصلو ڪيو ويو

حيدرآباد، سافڪو پاران ماحوليات بابت ڪوٺايل تقريب کي سليمان جي ابڙو ۽ ٻيا خطاب ڪري رهيا آهن

ٽنڊومحمد خان جي ڳوني واهہ مان نڪرندڙ پانڌي واهہ ۾ پاڻي کوٽ خلاف احتجاجي مظاهرو

سوين آبادگارن ۽ هارين پانڌي واهہ جي ڳيڙن اڳيان سخت گرمي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪندي نعريبازي ڪئي

ايريگيشن آفيسرن اسان سان انصافي ڪئي آهي ڪيترائي ڏينهن گذري ويا آهن پانڌي واهہ کي پاڻي نٿو ڏنو وڃي؛نبي بخش سليو

زميندارن ۽ هارين کي ايريگيشن آفيسرن چيو سارين جي ٻجن جي پوکائي ڪريو جلد پاڻي پانڌي واهہ ۾ ڇڏيو ويندو

ڪيترائي ڏينهن گذري ويا،پاڻي نٿو ڏنو وڃي،جنهن ڪري اسان زميندار ۽ هارين کي ڪروڙن جو پوکيل سارين جو ٻج سڙي رهيو آهي

ٽنڊو محمد خان(ن ع)ٽنڊو محمد خان جي ڳوني واهہ مان نڪرندڙ پانڌي واهہ ۾ پاڻي جي کوٽ خلاف سوين آبادگارن ۽ هارين جو پانڌي واهہ جي ڳيڙن اڳيان سخت گرمي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪندي نعريبازي ڪئي ان موقعي تي آبادگارن ۽ هارين اڳواڻن نبي بخش سليو ، ڊاڪٽر چمن لال،شبير ميمڻ پير مختيارشاهہ اصغر نوناري ۽ ٻين چيو تہ ايريگيشن جي آفيسرن اسان سان ناانصافي ڪئي آهي اسان زميندارن ۽ هارين کي ايريگيشن آفيسرن چيو سارين جي ٻجن جي پوکائي ڪريو جلد پاڻي پانڌهي واهہ ۾ ڇڏيو ويندو تہ جيئن سارين جي پوکائي وقت سر ٿي وڃي هنن چيو تہ آفيسرن اسان سان انصافي ڪئي آهي ڪيترائي ڏينهن گذري ويا آهن پانڌي واهہ کي پاڻي نٿو ڏنو وڃي جنهن ڪري اسان زميندار ۽ هارين کي ڪروڙن جو پوکيل سارين جو ٻج سڙي رهيو آهي جنهنجا ذميوار ايريگيشن کاتي جا آفيسرآهن هنن چيو تہ پاڻي جي لاڳيتي کوٽ سبب زرعي زمينون تباهہ ٿي رهيون آهن آبادگارن ۽ هارين کي وڏي نقصان کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي جلد کان جلد پانڌي واهہ واهہ جي آبادگارن کي سندن مقرر حصي جو پاڻي ڏنو وڃي تہ جيئن ڪروڙن جي پوکيل ٻج جي نقصان کان بچي سگهون هنن اعلا اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ فوري طور پانڌي واهہ ۾ پاڻي ڏنو وڃي ٻي طرف احتجاج دوران آبادگارن جو وڏو انگ موجود هو انتظاميا پاران پوليس ۽ ريونيو کاتي جي عملدارنکي طلب ڪري ورتو آخر ۾ پانڌي واهہ واهہ انتظاميا ۽ آبادگار نمائندن وچ ۾ ڳالهيون ڪيون ويون ۽ آبادگارن کي خاطري ڪرائي تہ ڪين سندن حصي جو پاڻي ڏنو ويندو

ٽنڊومحمد خان جي ڳوني واهہ مان نڪرندڙ پانڌي واهہ ۾ پاڻي کوٽ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

پنون ۾ ٻيلن جي زمين تي قبضو،سنڌو درياهہ کي سڌا ڪٽ،12 ڄڻن خلاف ڪيس داخل

مولچند ٻيلي جي سوين ايڪڙ ناياب سرڪاري زمينن تي قبضو ڪري آبادي لاءِ پنون مائينر جي آرڊي 10 وٽان پاڻي جي چوري شروع

سنڌو درياهہ جي ايم ايس بچاءُ بند کي 3 ميل وٽان سڌا ڪٽي هٿي پائيپن ذريعي پاڻي ڪڍندڙ 12 زميندارن خلاف پنون ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو

زميندارن ۾ طاهر ٻانيهپوٽو،سيٺ گوپي مل،اشرف جوکيو،ٻچل جماري،پروين منير خاصخيلي، پوڙهو جماري شامل

بااثر ماڻهن قبضا ڪري زمينن تي ڪروڙين رپين جا فصل پوکي ڇڏيا آهن،فش فارم پڻ قائم ڪيا ويا آهن؛رهواسي

دڙو (ن ع)پنون جي ٻيلن جون سوين ايڪڙ ناياب سرڪاري زمينن تي قبضو ڪري انهن کي آباد ڪرڻ لاءِ سنڌو درياهہ کي سڌا ڪٽ هٿي پائيپن ذريعي پاڻي ڪڍندڙ 6 بااثر ماڻهن سميت 12 ڄڻن خلاف پنون ٿاڻي تي پاڻي چوري ۽ ديوٽي اٽڪاءَ جو ڪيس داخل ڪابہ گرفتاري نہ ٿي تفصيل موجب دڙو جي آبپاشي کاتي طرفان پنون فاريسٽ رينج جي ٻيلي مولچند جي سوين ايڪڙ ناياب سرڪاري زمينن تي قبضو ڪري آبادي لاءِ پنون مائينر جي آرڊي 10 وٽان پاڻي چوري ڪري سنڌو درياهہ جي ايم ايس بچاءُ بند کي 3 ميل وٽان سڌا ڪٽي هٿي پائيپن ذريعي پاڻي ڪڍندڙ 12 بااثر زميندارن خلاف پنون ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي آبپاشي کاتي دڙو جي سب انجنيئر سيد سڪندر شاهہ جي فرياد تي پنون مائينر مان پاڻي چوري ڪري ايم ايس بچاءُ بند کي ڪٽ هٿي ڪچي جي ٻيلي مولچند ۾ واقع سوين ايڪڙ قبضي وارين زمينن کي آباد ڪندڙ مقامي زميندار طاهر ٻانيهپوٽو سيٺ گوپي مل اشرف جوکيو ٻچل جماري، پروين منير خاصخيلي پوڙهو جماري سميت 12 نامعلوم ماڻهن خلاف پنون ٿاڻي تي ديوٽي اٽڪاءَ ۽ پاڻي چوري جو ڪيس داخل ڪرايو آهي آخري اطلاع تائين ڪابہ گرفتاري عمل ۾ نہ اچي سگهي آهي ياد رهي تہ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جي واضح حڪمن باوجود سجاول ضلع جي پنون ۽ دڙو فاريسٽ رينج جي مختلف ٻيلن جي هزارين ايڪڙ ناياب زمينن تي سرڪاري سرپرستي هيٺ ڪافي سالن کان وٺي بااثر ماڻهن قبضا ڪري انهن تي ڪروڙين رپين جا فصل پوکي ڇڏيا آهن جڏهن تہ فش فارم پڻ قائم ڪيا ويا آهن

دڙو ٻيلن جي زمين تي ڪيل قبضن جو ڏيک

ضلع ڪائونسل مٽياري جي 80 ڪروڙ رپين کان وڌيڪ جي بجيٽ متفق طور منظور

متوقع آمدني ۽ 40 ڪروڙ 46 لک رپين جي خرچن تي ٻڌل بجيٽ پيش،سمورن ميمبرن اتفاق راءِ سان پاس ڪري ڇڏيو

سليم سنڌي پاران وائيس چيئرمين سيد علي مرتضيٰ شاهہ جي ڊگهي عرصي کان غيرحاضري تي سخت تنقيد،هٽائڻ جو مطالبو

خاموش رهڻ سان ضمير مري ويندو آهي، تنهن ڪري عوامي مسئلن کي ايوان ۾ اٿارڻ ضروري آهي؛نواب مدثر

سمورن چونڊيل نمائندن سياسي اختلافن کان مٿانهون ٿي ضلعي جي ترقي ۽ عوامي ڀلائي کي ترجيح ڏني آهي؛مخدوم احمد زمان

هالا(ن ع)ضلع ڪائونسل مٽياري جو مالي سال 2026-27ع جو بجيٽ اجلاس دوران متفق راءِ سان منظور ڪيو ويو اجلاس ۾ لڳ ڀڳ 80 ڪروڙ رپين جي متوقع آمدني ۽ 40 ڪروڙ 46 لک رپين جي خرچن تي ٻڌل بجيٽ پيش ڪيو ويو، جنهن کي سمورن ميمبرن اتفاق راءِ سان پاس ڪري ڇڏيو اجلاس دوران ضلع ڪائونسل جي ميمبر سليم سنڌي وائيس چيئرمين سيد علي مرتضيٰ شاهہ جي ڊگهي عرصي کان اجلاسن ۾ غيرحاضري تي سخت تنقيد ڪندي چيو تہ اهڙن نمائندن خلاف قانونسازي ٿيڻ گهرجي ۽ فعال ميمبرن کي ذميواريون ڏنيون وڃن هن مطالبو ڪيو تہ ميمبرن پاران تجويز ڪيل ترقياتي اسڪيمن تي فوري عملدرآمد ڪيو وڃي ڪائونسل ميمبر نواب مدثر چيو تہ خاموش رهڻ سان ضمير مري ويندو آهي تنهن ڪري عوامي مسئلن کي ايوان ۾ اٿارڻ ضروري آهي ميمبر سيد نويد حيدر شاهہ چيو تہ چونڊيل نمائندا عوام جو آواز هوندا آهن ۽ عوامي مسئلن جي حل لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا آهن ضلع ڪائونسل جي چيئرمين مخدوم احمد زمان چيو تہ بجيٽ جي منظوري ضلع لاءِ خوشي جو موقعو آهي، خاص طور تي ان ڪري جو مخالف ڌر جي ميمبرن بہ مثبت ڪردار ادا ڪندي مڪمل سهڪار ڪيو هن چيو تہ سمورن چونڊيل نمائندن سياسي اختلافن کان مٿانهون ٿي ضلعي جي ترقي ۽ عوامي ڀلائي کي ترجيح ڏني آهي اجلاس دوران مخالف ڌر جي ميمبرن پڻ چيئرمين مخدوم احمد زمان جي سادگي، شفافيت ۽ عوام دوست قيادت کي ساراهيندي چيو تہ هن پنهنجي دور ۾ ڪڏهن بہ سرڪاري پروٽوڪول يا سرڪاري گاڏين جو ذاتي استعمال ناهي ڪيو جيڪو هڪ مثالي عمل آهي اجلاس جي پڄاڻي تي سمورن ميمبرن ضلعي جي ترقي، خوشحالي ۽ عوامي ڀلائي لاءِ گڏجي ڪم جاري رکڻ جي عزم جو اظهار ڪيو

ڪپري ۾ ٻيلي جي زمينن تي قبضن ۽ پاڻي وڪرو ڪرڻ خلاف احتجاج

عبدالرحمان راڄڙ جي اڳواڻي ۾ شهيد چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

وڻن جي واڍي روڪي ملوث آفيسرن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي؛اڳواڻ

ڪيروان(ن ع)ٻيلي جي زمينن تي قبضا، غير قانوني وڻن جي واڍي ۽ پاڻي وڪرو ڪرڻ خلاف احتجاج،ڪپرو جي ٻيلي جي ٻنين مان غير قانوني وڻن جي واڍي، قبضا مافيا پاران ٻيلي جي زمينن تي ڪيل قبضن ۽ غير قانوني طور پاڻي وڪرو ڪندڙ فاريسٽ کاتي جي آفيسرن خلاف سماجي اڳواڻ عبدالرحمان راڄڙ،بادل راڄڙ حسن راڄڙ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ شهيد چوڪ ڪپرو تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي نعريبازي ڪندي مطالبو ڪيو تہ ٻيلي جي زمينن تان قبضا ختم ڪرايا وڃن، غير قانوني وڻن جي واڍي روڪي وڃي ۽ مبينا طور ملوث فاريسٽ آفيسرن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي هنن خبردار ڪيو تہ سندن جائز مطالبا منظور نہ ڪيا ويا تہ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

ڪپرو ٻيلي جي زمين تي قبضن ۽ پاڻي وڪرو ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

گل سينٽر ڪپرو ۾ ٽي روزہ مفت ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي وئي

ڪيروان(ن ع)ڪپرو جي جي ايم خان ساهوڻ گل سينٽر ۾ ٻارن جي علاج جي اسپيشل ڊاڪٽر غلام نبي راڄڙ گل پاران ميڊيڪل سينٽر ڪپرو ۾ ٽي روزہ مفت ميڊيڪل ڪئمپ هلندڙ آهي جنهن ۾ ماهر ڊاڪٽر علاج لا آيل مريض ٻارن جو علاج ڪيو پيو وڃي ڊاڪٽر موجب ڪپرو ڀرپاسي چمڙي نمونيا ڊائريا گيسٽرو جا ڪيس وڌيڪ آيا آهن اسان جي ڪوشش آهي تہ اچڙو ٿر جي علائقي جي مريض ماڻهن جو بهتر علاج ڪري سگهجي ان موقعي سينٽير انچارج پروفيسر ڊاڪٽر اي بي راڄڙ چيو تہ اسان جي ميڊيڪل سينٽر تي مختلف شعبن جا بهتر ڊاڪٽر ۽ ڊاڪٽرياڻي علاج لا موجود آهن اسان وس آهر ڪوشش ڪندا آهيون تہ علائقي جي ماڻهن کي علاج جون بهتر سهولتون ڏئي سگهون ان لا وقتن بہ وقتن مفت ميڊيڪل ڪئمپون لڳائيندا جئين علائقي واسين کي علاج لا بهتر سهولت ڏئي سگهجي

مانجهند ۾ بجلي جي اڻ اعلانيہ لوڊشيڊنگ خلاف ريلي،ڌرڻو

مين چوڪ تي ڌرڻو هڻي حيسڪو انتظاميہ خلاف نعريبازي ڪئي وئي

سن فيڊر تي روزانو 16 کان 18 ڪلاڪ اڻ اعلانيہ لوڊشيڊنگ ڪئي پئي وڃي؛اڳواڻ

فالت چاڻائي ظلم ڪيو پيو وڃي مسئلو حل نہ ٿيو تہ روڊ بلاڪ ڪيو ويندو

مانجهند (ن ع)مانجهند ۾ بجلي جي اڻ اعلانيہ لوڊشيڊنگ خلاف رهواسين جو شاهي بازار مان ريلي ڪڍي مين چوڪ تي ڌرڻو هڻي حيسڪو انتظاميا خلاف ڇتي نعريبازي ڪئي وئي، ان موقعي تي لياقت علي ملاح محمد عمر ابڙو محمد علي گنيهر ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ سن فيڊر تي روزانو 16 کان 18 ڪلاڪ اڻ اعلانيہ لوڊشيڊنگ ڪئي پئي وڃي جنهن سبب مانجهند لاکا شاد اويس قرني ڏيها ابڙا ڳوٺن سميت لکين آبادي سخت پريشان ٿي رهي آهي پيئڻ جي پاڻي کوٽ سميت ڪاروبار کي ڪاپاري ڌڪ لڳو آهي ۽ سبب ٻجڻ تي لائين مين واڌو بل هڻڻ جو ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي بجلي بند هئڻ سبب عوام موتمار گرمي ۾ ڦٿڪي رهيو آهي پر فالت چاڻائي ظلم ڪيو پيو وڃي مسئلو حل نہ ٿيو تہ روڊ بلاڪ ڪيو ويندو

مانجهند ۾ بجلي جي اڻ اعلانيہ لوڊشيڊنگ خلاف ريلي ڪڍي پئي وڃي

گولاڙچي ۾ نوجوان پاڻي جي تلاءَ ۾ ٻڏي فوت، علائقي ۾ سوگ

گولاڙچي(ن ع)نوجوان پاڻي جي تلاءَ ۾ ٻڏي فوت، علائقي ۾ سوگ،گولاڙچي ڀرسان چڪ نمبر 20، ڳوٺ حاجي الهبخش لغاري ۾ افسوسناڪ واقعو پيش آيو جتي عدنان ولد حاجي عطا حسن لغاري، عمر لڳ ڀڳ 20 سال، پاڻي جي تلاءَ ۾ وهنجندي ٻڏي فوت ٿي ويو مقامي ذريعن موجب نوجوان کي دماغي چڪر اچڻ جي تڪليف بہ رهندي هئي امڪان ظاهر ڪيو پيو وڃي تہ وهنجڻ دوران ڪيس چڪر اچڻ سبب هو پاڻي ۾ ٻڏي ويو واقعي کان پوءِ کيس فوري طور سول اسپتال گولاڙچي آندو ويو جتي ڊاڪٽرن سندس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي نوجوان جي اوچتي وفات جي خبر ملندي ئي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو جڏهن تہ سڄي علائقي ۾ ڏک ۽ سوگ جي لهر ڇانئجي وئي

ڪارنهن معاملي تان شروع ٿيل تڪرار ۾ضايع ٿيل جانين جو انگ 7 ٿي ويو

ڳمبٽ ڀرسان گولين لڳڻ سبب زخمي نوجوان گمس اسپتال ۾ فوت

ميرل جاگيراڻي زخمن جا سور نہ سهندي گمس اسپتال ڳمبٽ ۾ فوت ٿي ويو

جاگيراڻي برادري ۾ تڪرار پراڻو هلندڙ آهي،واقعو پراڻي دشمني سبب پيش آيو؛پوليس

ڳمبٽ (رپورٽ:سريد ڪانوري)ڳمبٽ ڀرسان ريڙي مين چوڪ تي ڪار سوار جوابدارن پاران نوجوان ميرل جاگيراڻي کي پسٽل جا فائر ڪري سخت زخمي ڪري ڇڏيو هو جيڪو زخمن جا سور نہ سهندي گمس اسپتال ڳمبٽ ۾ فوت ٿي ويو آهي ، جڏهن تہ لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو آهي جڏهن تہ نوجوان جو لاش گهر پهچڻ تي سندس گهر ۾ ڪهرام مچي ويو آهي ان ڏس ۾ ٻڌايو پيو وڃي تہ ٻئي ڌريون ڳوٺ پل واري علائقي جون رهواسي آهن هڪ سال اڳ ڪارنهن معاملي تان تڪرار شروع ٿيو هو ڪارنهن الزام هيٺ قتل ٿيل مرد جي وارثن عورت واري ڌر شاهہ نواز جاگيراڻي جا 4 ماڻهو قتل ڪيا هئا جنهن ڪانپوءِ رحمت الله واري ڌر لاڏي ريڙي ڀرسان اچي ويڙا هٿا پلاٽ ۾ حملو ڪري نوجوان کي قتل ڪيو ويو آهي ۽ انگ 7 تي ويو آهي جڏهن تہ شاهہ نواز جاگيراڻي واري ڌر جا هڪ عورت سميت 5 ماڻهو جڏهن تہ رحمت الله جاگيراڻي واري ڌر جو هي ٻيو ماڻهو قتل ٿيو آهي جڏهن تہ ٻئي جي پوليس جو چوڻ آهي تہ هي واقعو جاگيراڻي برادري جو سڳ واري تڪرار تان پراڻو هلندڙ آهي جيڪو پراڻي دشمني سبب پيش آيو آهي وڌيڪ ان واقعي جو خيرپور ايس ايس پي امير سعود مگسي نوٽيس ورتو آهي ۽ جوابدار ڌر کي جلد گرفتار ڪيو ويندو ۽ علائقي ۾ امن بحال ڪيو ويندو ۽ وڌيڪ ان معملي جاچ ڪيون پيا

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزاني عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

سومر 15 جُون 2026ع

قومي مفاهمت ۽ سياسي استحڪام جي ضرورت

پاڪستان جي سياسي تاريخ بار بار ان ڳالهہ جي شاهدي ڏئي ٿي تہ جڏهن بہ سياسي قوتن وچ ۾ تڪرار، عدم اعتماد ۽ محاذ آرائي وڌي آهي، تڏهن نہ رڳو جمهوري عمل متاثر ٿيو آهي پر ملڪ جي معاشي، سماجي ۽ انتظامي معاملن تي بہ ان جا منفي اثر پيا آهن. اڄ جڏهن ملڪ معاشي چئلينجن، امن امان جي مسئلن، بيروزگاري، مهانگائي ۽ عالمي سطح تي بدلجندڙ حالتن کي منهن ڏئي رهيو آهي، تڏهن سياسي استحڪام ۽ قومي اتفاق راءِ جي ضرورت اڳ کان تهائين وڌي وئي آهي. اهڙي صورتحال ۾ وزيراعظم شهباز شريف پاران اپوزيشن کي ميثاق جمهوريت ۽ ميثاق معيشت لاءِ ڳالهين جي دعوت ڏيڻ هڪ اهم سياسي پيش رفت طور ڏٺي پئي وڃي. قومي اسيمبليءَ جي اجلاس دوران وزيراعظم شهباز شريف واضح لفظن ۾ چيو تہ آئين، قانون ۽ جمهوريت جي مضبوطيءَ لاءِ حڪومت ڳالهين جي هر دروازي کي کليل رکڻ چاهي ٿي. هن ياد ڏياريو تہ ماضيءَ ۾ بہ هن اپوزيشن ليڊر جي حيثيت ۾ ميثاق معيشت جي تجويز ڏني هئي، پر ان کي قبول نہ ڪيو ويو. اڄ وري هن ساڳئي جذبي سان اپوزيشن کي دعوت ڏني آهي تہ سياسي اختلافن باوجود قومي مفادن تي گڏجي ڪم ڪيو وڃي. وزيراعظم جو اهو موقف قابلِ غور آهي تہ ”سياست پنهنجي پنهنجي، نظريا پنهنجا پنهنجا، پر پاڪستان سڀني کان مٿانهون آهي.“ حقيقت ۾ بہ جيڪڏهن ملڪ مضبوط هوندو تہ سياسي جماعتون ۽ جمهوري ادارا بہ مضبوط رهندا. ٻئي طرف قومي اسيمبلي ۾ اپوزيشن ليڊر محمود خان اڇڪزئي پڻ پارليامينٽ جي مضبوطي، شفاف چونڊن ۽ عوامي مينڊيٽ جي احترام تي زور ڏنو. هن تجويز ڏني تہ سياسي پارٽيون هڪ اهڙي معاهدي تي پهچن جنهن تحت ڪنهن بہ جماعت جي رستي ۾ رڪاوٽون نہ وڌيون وڃن ۽ چونڊن ۾ جيڪا پارٽي ڪامياب ٿئي، ان کي حڪومت ڪرڻ جو مڪمل حق ڏنو وڃي. محمود اڇڪزئي جو اهو موقف بہ جمهوري اصولن سان مطابقت رکي ٿو ڇاڪاڻ تہ جمهوريت جو بنيادي اصول عوامي راءِ جو احترام ۽ اقتدار جي پُرامن منتقلي آهي.

پاڪستان جي سياست ۾ هڪ وڏو مسئلو اهو رهيو آهي تہ سياسي جماعتون اڪثر چونڊن کان پوءِ هڪ ٻئي جي قانوني حيثيت ۽ مينڊيٽ تي سوال اٿارينديون رهيون آهن. نتيجي طور سياسي ڇڪتاڻ وڌندي رهي آهي، جنهن سان نہ صرف پارليامينٽ ڪمزور ٿي آهي پر رياستي ادارن تي بہ اضافي دٻاءُ پيو آهي. جيڪڏهن حڪومت ۽ اپوزيشن سنجيدگيءَ سان هڪ اهڙي سياسي ضابطہ اخلاق تي متفق ٿين، جنهن ۾ آئين جي بالادستي، چونڊن جي شفافيت ۽ پارليامينٽ جي خودمختياري کي يقيني بڻايو وڃي تہ اهو ملڪ جي جمهوري مستقبل لاءِ هڪ مثبت قدم ثابت ٿي سگهي ٿو. هن وقت پاڪستان جي معيشت کي بہ قومي سطح تي گڏيل سوچ ۽ تعاون جي ضرورت آهي. معاشي پاليسيون جڏهن حڪومتن جي تبديليءَ سان تبديل ٿينديون رهن ٿيون تہ سيڙپڪارن جو اعتماد متاثر ٿيندو آهي ۽ ڊگهي مدي وارا ترقياتي منصوبا بہ نقصان جو شڪار ٿيندا آهن. ميثاق معيشت جو تصور دراصل ان ڳالهہ جي ضمانت ڏئي سگهي ٿو تہ بنيادي معاشي پاليسين تي سياسي جماعتن جو اتفاق هجي، جيئن حڪومتون تبديل ٿيڻ باوجود قومي ترقيءَ جو سفر جاري رهي. دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ سياسي پارٽيون قومي مفادن وارن معاملن تي گڏيل حڪمت عملي اختيار ڪري ترقيءَ جا نوان باب رقم ڪيا آهن. ساڳئي وقت حڪومت ۽ اپوزيشن ٻنهي تي ذميواري عائد ٿئي ٿي تہ هو سياسي بيانبازيءَ کان اڳتي وڌي عملي قدم کڻن. جيڪڏهن ڳالهين جي دعوت صرف تقريرن تائين محدود رهي ۽ ان جو ڪو عملي نتيجو نہ نڪري تہ عوام جو اعتماد وڌيڪ متاثر ٿيندو. عوام هن وقت سياسي تڪرارن بدران روزگار، تعليم، صحت، امن امان ۽ مهانگائيءَ جهڙن مسئلن جو حل چاهي ٿو. سياسي قيادت کي اهو سمجهڻ گهرجي تہ ملڪ جي بقا ۽ ترقي سياسي مفاهمت سان ئي ممڪن آهي.

پارليامينٽ ڪنهن بہ جمهوري نظام جو مرڪزي ادارو هوندي آهي. جيڪڏهن اهم قومي مسئلن تي بحث ۽ فيصلا پارليامينٽ جي اندر ٿين تہ سياسي نظام مضبوط ٿيندو. محمود خان اڇڪزئي جي پارليامينٽ کي مضبوط ڪرڻ واري اپيل ۽ وزيراعظم جي ڳالهين واري دعوت دراصل هڪ ئي مقصد ڏانهن اشارو ڪن ٿيون، يعني جمهوريت کي مستحڪم بڻائڻ. ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ حڪومت ۽ اپوزيشن هڪ ٻئي کي سياسي مخالف تہ سمجهن، پر دشمن نہ سمجهن. بيو اِهو بہ تہ سياسي پارٽيون نہ رُڳو پاڻ ۾ ميثاق ڪن پر عوام سان بہ ميثاق جي ضرورت آهي، ڇو تہ هِن وقت حڪمرانن ۽ عوام جا رُخ الڳ الڳ آهن. عوام غريب کان غريب تر ٿيندو پيو وڃي ۽ حڪمران امير کان امير تر ٿيندا پيا وڃن. اِها وچوٽي هڪ ڏينهن ڪنهن وڏي دنگاڻ کي بہ دعوت ڏئي سگهي ٿي.

آمريڪا جي فضائن مان

فيفا ورلڊ ڪپ ۾ پاڪستان ميدان ۾ نہ آهي، پر هر گول ۾ ان جي ڌڙڪن ضرور شامل آهي

راجا زاهد اختر خانزادو

آمريڪا ۾ فيفا ورلڊ ڪپ جو اسٽيج سجي ويو آهي روشنيءَ سان ڀريل اسٽيڊيم، پرچمن جو سمنڊ، شائقين جو شور، ميوزڪ جي گونج ۽ سڄي دنيا جون نظرون ان هڪ بال تي مرڪوز آهن جو ڪڏهن ڪنهن ڪيڏاري جي پيرن ۾ نچندو آهي، ڪڏهن هوا ۾ اڏندو آهي، ڪڏهن گول جي جاري کي چمندو آهي تہ ڪڏهن لکين دلين جي ڌڙڪن بند ڪري ڇڏي ٿو. هي ورلڊ ڪپ صرف راند ناهي، هڪ عالمي ميلو آهي اهڙو ميلو جنهن جي ميزباني آمريڪا، ڪينيڊا ۽ ميڪسيڪو ڪري رهيا آهن پر ان جي اندر ڏکڻ ايشيا جي ڪهاڻي بہ لڪيل آهي، پاڪستان جي خاموش موجودگي بہ آهي، نورا فتحي جي چمڪ بہ آهي شڪيرا جي عالمي شهرت بہ آهي ۽ سيالڪوٽ جي ڪاريگرن جي هٿن جي اُها محنت بہ آهي جا دنيا جي وڏن ميدانن ۾ تہ نظر اچي ٿي، پر گهڻو ڪري سڃاتي نہ ٿي وڃي.

پر هن دفعي جڏهن مون اهو بال ڏٺو تہ خيال آيو تہ دنيا جنهن بال جي پويان ڊوڙي رهي آهي، اهو ڪنهن يورپي يا آمريڪي شهر ۾ ناهي ٺهيو اهو پاڪستان جي شهر سيالڪوٽ ۾ ٺهيو آهي. اهو ئي سيالڪوٽ جيڪو دنيا جا لڳ ڀڳ ستر سيڪڙو فٽبال ٺاهي ٿو ۽ جنهن جي ڪاريگرن جي هٿن مان گذري ورلڊ ڪپ جو سرڪاري بال ميدان تائين پهچي ٿو هي هڪ عجيب منظر آهي ورلڊ ڪپ ۾ پاڪستان جي قومي ٽيم موجود ناهي پر پاڪستان جو ٺاهيل بال موجود آهي دنيا جا بهترين ڪيڏاري ان کي ٺوڪر هڻي رهيا آهن پر ان ملڪ جو پنهنجو پرچم ميدان ۾ نہ ڦڙڪي رهيو آهي هي صرف کيڏ جي ڪهاڻي ناهي، هي هڪ قوم جي ڪهاڻي آهي

ورلڊ ڪپ جي شروعات تي پهريون سوال هي اٿيو تہ هن عالمي اسٽيج تي سڀ کان وڏو پرفارمر ڪير رهيو پهريون خيال شڪيرا ڏي ويجي ٿو ڇاڪاڻ تہ شڪيرا جو نالو ورلڊ ڪپ جي ميوزڪ سان سلن ڪان جڙيل آهي هن جي آواز ۾ اها عالمي اپيل آهي جا ٻولي، حد بندي ۽ نسل ڪان مٿاهين ٿيو وڃي پر يوءِ يوٽيوب ۽ سوشل ميڊيا جي دنيا هڪ ٻي حقيقت سامهون آندي ڪينيڊا ۾ نورا فتحي پنهنجي ڳائي سان اسٽيڊيم کي جهومڻ تي مجبور ڪري رهي آهي ۽ سوشل ميڊيا تي هن جي پرفارمنس لکين ماڻهن تائين پهچي رهي آهي هتي هڪ دلچسپ تضاد پيدا ٿيو هڪ پاسي روايتي عالمي شهرت هئي، شڪيرا جي صورت ۾، جا ورلڊ ڪپ جي ميوزڪ جي تاريخ جو روشن ورق آهي تہ ٻئي پاسي ڊجيٽل دور جي وائرل طاقت هئي، نورا فتحي جي صورت ۾، جا نئين دور جي اسڪرين، الگورٽم ۽ سوشل ميڊيا جي رفتار سان اڀرندڙ عالمي پرفارمر طور سامهون آيل آهي ڏکڻ ايشيا ۾ ڪيترائي ماڻهو نورا فتحي جي ڪاميابي کي پارت جي ڪاميابي قرار ڏيئي رهيا آهن ۽ هيءَ ڳالهہ جزوي طور تي صحيح بہ آهي تہ جزوي طور تي اڻپوري بہ آهي ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ نورا کي شهرت ٻلي ووڊ مان حاصل ٿي ۽ ان جي فني سڃاڻپ ۾ ڀارتي فلم انڊسٽري جو ڪردار اهم آهي ڀارت ان کي پليٽ فارم ڏنو، مارڪيٽ ڏني، سڃاڻپ ڏني پر حقيقت هي بہ آهي تہ نورا فتحي نہ تہ ڀارتي اصل آهي ۽ نہ ئي ڀارتي پيداوار هوءَ ڪينيڊا ۾ پيدا ٿي ۽ ان جو تعلق مراڪشي خاندان سان آهي ۽ خود ان جي ورلڊ ڪپ پرفارمنس کي بہ هڪ ڪينيڊين هوم ڪمنگ جي طور تي پيش ڪيو ويو آهي هتي سوال ڪنهن جي ڪريڊٽ جو ناهي، پر سڃاڻپ جي پيچيدگيءَ جو آهي ڪڏهن ڪڏهن شهرت هڪ ملڪ ڏئي ٿو جنم ٻيو ملڪ ڏئي ٿو ۽ خواب ڪنهن ٽئين ملڪ ۾ پورا ٿين ٿا نورا فتحي جي ڪهاڻي بہ اهڙي آهي ڀارت ان جي شهرت ۾ پنهنجو حصو رکي ٿو، ڪينيڊا ان جي پيدائش جو حوالو آهي، مراڪش ان جي پاڙ آهي ۽ فيفا ان جي عالمي اڏام جو اسٽيج آهي اهڙي اجوڪي دنيا آهي سڃاڻپ هاڻي ڪنهن هڪ ليڪ ۾ قيد نہ رهي آهي پر پوءِ پاڪستان جي نمائندگي ڇا آهي؟ پاڪستان جي نمائندگي هن دفعي ڪو ڳائڪ نہ ٿو ڪري، ڪا ٽيم نہ ٿي ڪري، ڪو ڪيڏاري نہ ٿو ڪري، پاڪستان جي نمائندگي هڪ بال ڪري ٿو اهڙو بال جيڪو سيالڪوٽ جي مزدور جي هٿن مان نڪري شڪيرا جي گيتن، نورا فتحي جي پرفارمنس ۽ دنيا جي عظيم ترين ڪيڏارين جي پيرن تائين پهتو آهي ۽ شايد اهوئي ان ڪهاڻي جو سڀ کان سهڻو ۽ سڀ کان دردناڪ پاسو آهي هي صرف هڪ بال ناهي پاڪستان جي صنعتي مهارت جو عالمي تعارف آهي سيالڪوٽ جا ڪاريگر سلن کان دنيا کي فٽبال ڏيئي رهيا آهن انهن جا هٿ خاموش آهن پر انهن جي محنت دنيا جي سڀ کان شور وارن ميدانن ۾ ڳالهائي ٿي هو شايد ڪڏهن آمريڪا جو اسٽيڊيم نہ ڏسي سگهن پر انهن جي هٿن جو ٺاهيل بال آمريڪا، ڪينيڊا ۽ ميڪسيڪو جي ميدانن ۾ تاريخ بڻائي رهيو آهي هي اهو پل آهي جڏهن پاڪستان ميدان ۾ نہ ٿو لهي پر ميدان پاڪستان جي ٺاهيل شيءِ کان سواءِ مڪمل نہ ٿو ٿئي هن دفعي استعمال ٿيندڙ جديد اسمارٽ فٽبال صرف چمڙ، ربڙ يا ڌاڳن جو نالو ناهي هي ٽيڪنالاجي، ڪيڏ ۽ فيصلن جي درستگي جو ميلاپ آهي ان جي اندر سينسر لڳل آهن جي بال جي حرڪت، تيز رفتار ۽ هر پل جي پوزيشن جو ڊيٽا فراهم ڪن ٿا هي بال صرف ڪيڏيو ئي نہ ويندو هي پڙهي بہ ٿو، ٻڌائي بہ ٿو ۽ جديد فٽبال جي فيصلن ۾ مدد بہ ڏئي ٿو سيمي آٽوميٽڊ آف سائيڊ ٽيڪنالاجي، VAR سسٽم ۽ بال جي اندر موجود سينسر گڏجي هن ڪيڏ کي نئين دور ۾ وٺي رهيا آهن يعني اها فٽبال راند جا ڪڏهن گهٽين ۾ ڪپڙن جي گول مان شروع ٿي هئي، اڄ مصنوعي ذهانت ۽ ڊيٽا سان هڪ اسمارٽ شيءِ بڻجي وئي آهي ۽ ان اسمارٽ شيءِ جي دل ۾ اڄ بہ سيالڪوٽ جي هٿن جي محنت ڌڙڪندي آهي ۽ هتي پاڪستان جو فخر ۽ پاڪستان جو درد هڪٻئي جي سامهون اچن ٿا. پاڪستان فٽبال ناهي ٿو پر ورلڊ ڪپ نہ ٿو ڪيڏي دنيا پاڪستاني بال سان ڪيڏي ٿي پر پاڪستاني ٽيم دنيا سان نہ ٿي ڪيڏي هي جملو صرف طنز ناهي، هڪ قومي لميو آهي پاڪستان 1948ع کان فيفا جو ميمبر آهي، پر اڄ تائين فيفا ورلڊ ڪپ جي فائنل مرحلي تائين نہ پهچي سگهيو آهي پاڪستان ڪوالي فائرز کيڏيا، شڪستون ڏٺيون، ڪڏهن ڪڏهن ننڍڙيون ڪاميابيون بہ حاصل ڪيون پر عالمي فٽبال جي اصل ميز تي پاڪستان لاءِ اڄ تائين ڪرسي خالي رهي آهي ان کان وڏو تضاد ڇا ٿيندو تہ جنهن ملڪ جي فيڪٽرين مان ورلڊ ڪپ جو بال نڪري ٿو ان ئي ملڪ جا ڪيڏاري ورلڊ ڪپ جي ميدان تائين نہ ٿا پهچن

جڏهن مان فٽبال جو نالو ٻڌان ٿو تہ منهنجي ذهن ۾ سڀ کان پهرين لياري اچي ٿي ڪراچي جو اهو علائقو جتي فٽبال صرف راند ناهي، ثقافت آهي، فٽبال جو محلو آهي، فٽبال جي دل آهي اتي ٻار گهٽين ۾ بال سان اهڙي طرح وڏا ٿين ٿا، جيئن دنيا جي ٻين حصن ۾ ٻار ڪتابن يا رانديڪن سان وڏا ٿين ٿا. اهي بال کي اهڙي طرح ڇهن ٿا، جيئن ڪو شاعر لفظ کي ڇهي ٿو انهن جي پيرن ۾ قطري توازن، جسم ۾ تال اک ۾ ميدان جو نقشو ۽ دل ۾ راند جو جنون هوندو آهي لياري جي نوجوانن جي پيرن ۾ اهڙي مهارت موجود هئي، جا ڪيترين ئي قومي ٽيمن جي ڪيڏارين ۾ بہ نظر نہ ٿي اچي پر صلاحيت ۽ نظام بہ الڳ شيون آهن صلاحيت لياري ۾ موجود هئي، نظام اسلام آباد ۾ گم هو لياري جي ٻارن وٽ جذبو هو، بال هو، محنت هئي، خواب هئا، پر انهن وٽ اهو رياستي ڍانچو نہ هو، جو خواب کي حقيقي بڻائي ٿو انهن وٽ اهو اسڪائوٽنگ سسٽم نہ هو، جو گهٽين جي رانديگرن کي قومي اڪيڊمي تائين پهچائي جيڪڏهن گذريل ڪيترن ئي ڏهاڪن ۾ فٽبال کي اهائي سرڪاري سرپرستي، اهو انفراسٽرڪچر، اهي اڪيڊميون ۽ اهي ملڪي وسيلا ملن جي دنيا جي ڪامياب فٽبال قومن کي ملن ٿا تہ شايد اڄ پاڪستان بہ ورلڊ ڪپ جي ڪنهن گروپ ۾ ويٺو هجي ها. شايد اڄ دنيا صرف سيالڪوٽ جو بال نہ ڏسي ها، لياري جو اسٽرائيڪر، ڪوئيٽا جو مڊفيلڊر، پشاور جو ونگر ۽ لاهور جو گول ڪيپر بہ ڏسي ها. هي صرف هڪ خواب نہ هو، هي هڪ گم ٿيل امڪان هو اسانجي قومي ترجيحات جو مسئلو اهوئي رهيو آهي اسان هٿن جي صنعت کي تہ عالمي مارڪيٽ تائين پهچائي ڇڏيون ٿا، پر پيرن جي هنر کي ميدان تائين نہ ٿا پهچايون اسان بال ٺاهي وٺون ٿا، رانديگر نہ ٿا ٺاهيون ورلڊ ڪپ ۾ اڄ 48 ٽيمون شامل آهن ڪيترائي اهڙا ملڪ بہ ڪيڏي رهيا آهن جن جي آباديءَ پاڪستان جي ڪنهن وڏي شهر کان بہ گهٽ آهي پر پاڪستان اڃا تائين ٻاهر ويٺو آهي

آمريڪا ۾ هن وقت ڏکڻ ايشيائي ڪميونٽي جا ماڻهو بہ ان عالمي ميلي کي ڏسي رهيا آهن پاڪستاني اصل آمريڪي پنهنجن ٻارن کي ميچ ڏيکاري رهيا آهن ڀارتي اصل آمريڪي نورا فتحي جا وائرل ڪلپ شيئر ڪري رهيا آهن بنگلاديشي، نيپالي، سريلنڪا ۽ افغان ڪميونٽيون بہ ان جشن جو حصو آهن پر هن سڄي منظر ۾ پاڪستاني دل اندر هڪ عجيب ڪيفيت آهي، خوشي بہ آهي تہ اسانجو بال دنيا جي سڀ کان وڏي اسٽيج تي آهي ۽ هڪ ڪسڪ بہ آهي تہ اسانجي ٽيم اتي ناهي هي ڪسڪ صرف راند جي ناهي، قومي سمت جي آهي پاڪستان جيڪڏهن چاهي تہ فٽبال ۾ پنهنجو مقام بڻائي سگهي ٿو آبادي آهي، نوجوان آهن، محنت آهي، لياري جهڙا فٽبال جا ڪلچر آهن، سيالڪوٽ جهڙي صنعتي طاقت آهي، پرڏيهہ ۾ پاڪستاني ڪميونٽي آهي ۽ 48 ٽيمن جي ورلڊ ڪپ جي ڪري رستو اڳي کان ڪجهہ ويڪرو بہ ٿيو آهي، پر رستو پاڻ ئي نہ ٿو ٺهي ناهيو ويندو آهي ان لاءِ شفاف فيڊريشن، مستقل قومي ليگ، ضلعي سطح جون اڪيڊميون، اسڪول فٽبال، عورتن جي فٽبال ٽيم، ڪوچنگ پروگرام، ڊائسپورا ٽيلنٽ اسڪائوٽنگ، ڪارپوريٽ اسپانسرشپ ۽ حڪومتي سرپرستيءَ جي ضرورت آهي

نورا فتحي جي ڪاميابي ٻڌائي ٿي تہ عالمي اسٽيج تائين پهچڻ لاءِ صرف پيدائش ڪافي ناهي، پليٽ فارم گهرجي شڪيرا جي ڪاميابي ٻڌائي ٿي تہ ورلڊ ڪپ صرف راند ناهي، ثقافت بہ آهي ۽ پاڪستان جو فٽبال ٻڌائي ٿو تہ محنت جيڪڏهن صحيح جاءِ تي پهچي وڃي تہ دنيا ان کي قبول ڪري ٿي، پر لياري جي محرومي ٻڌائي ٿي تہ ٽيلنٽ جيڪڏهن نظام کان محروم ٿي وڃي تہ اهو گهٽين ۾ پوڙهو ٿي وڃي ٿو، تنهنڪري جڏهن اڄ توهان ورلڊ ڪپ جو ڪو ميچ ڏسو، شڪيرا جو گيت ٻڌو، نورا فتحي جي پرفارمنس تي تاڙيون وڄايو يا ڪنهن سپراسٽار جو شاندار گول ڏسو، تہ هڪ پل لاءِ ان بال کي بہ ياد ڪجو ٿي سگهي ٿو تہ اهو بال ڪنهن سيالڪوٽي ڪاريگر پنهنجن هٿن سان تيار ڪيو هجي ٿي سگهي ٿو ان تي لڳندڙ آخري سلائي ڪنهن اهڙي شخص لڳائي هجي جنهن ڪڏهن پاسپورٽ بہ نہ ڏٺو هجي ۽ ٿي سگهي ٿو تہ ان بال جي اندر پاڪستان جي اهائي صلاحيت لڪيل هجي، جا اڃا تائين پنهنجي لاءِ ميدان ڳولي رهي آهي اهوئي پاڪستان جو لميو بہ آهي ۽ اهائي ان جي اميد بہ آهي

ورلڊ ڪپ جي ميدان ۾ جڏهن اينڊڙ گول ٿيندو، جڏهن ڪمنٽيٽر رڙ ڪندو، جڏهن شائقين اٿي بيهندا، جڏهن ڪيمرا بال جي پويان ڊوڙندي، تہ اسان کي ياد رکڻ گهرجي تہ ان پل ۾ پاڪستان بہ ڪٿي نہ ڪٿي موجود آهي شايد ڪنهن برانڊ لوگو جي پويان، شايد ڪنهن سينسر جي اندر، شايد ڪنهن سلائي ۾، شايد ڪنهن ڪاريگر جي آڱرين جي نشانن ۾، پر اصل سوال هي آهي تہ پاڪستان ڪڏهن بال جي اندر مان نڪري ميدان ۾ ايندو؟ ڪڏهن سيالڪوٽ جي فيڪٽري ۽ لياري جي گهٽي هڪ قومي خواب ۾ بدلبي؟ ڪڏهن پاڪستان صرف فٽبال سپلائر نہ پر فٽبال نيشن بڻجندو؟ ڪڏهن دنيا پاڪستاني بال مان پاڪستاني گول بہ ڏسندي؟

هي ورلڊ ڪپ پاڪستان لاءِ صرف فخر جو پل ناهي، آئينو بہ آهي ان آئيني ۾ اسان ڏسي سگهون ٿا تہ اسان ڇا ناهي سگهون ٿا، ۽ هي بہ تہ اسان ڇا وڃائي چڪا آهيون اسان دنيا کي فٽبال ڏئي سگهون ٿا، پر اسانجن ٻارن کي ميدان نہ ڏئي سگهيا آهيون اسان عالمي معيار جو بال ناهي سگهون ٿا، پر عالمي معيار جو فٽبال نظام نہ ناهي سگهيا آهيون پوءِ بہ اميد باقي آهي ڇاڪاڻ تہ جنهن ملڪ جا هٿ دنيا جو بهترين فٽبال ناهي سگهن ٿا، ان ملڪ جا پير بہ ڪنهن ڏينهن دنيا جي بهترين ميدانن تائين پهچي سگهن ٿا. شرط صرف اهوئي آهي تہ رياست، فيڊريشن، ڪارپوريٽ ادارا ۽ قوم گڏجي فٽبال کي صرف راند نہ پر قومي امڪان سمجهن

آمريڪا ۾ فيفا جو اسٽيج سجي ويو آهي دنيا ڪيڏي رهي آهي شڪيرا ڳائي رهي آهي نورا فتحي وائرل ٿي رهي آهي پاڪستاني بال ميدان ۾ آهي هاڻي صرف پاڪستاني ٽيم جو انتظار آهي

آبادگارن کي وقتائتو پاڻي ڏئي معاشي قتلام کان بچايو!


ايڊووڪيٽ عبيدالله چچڙ

سنڌ جي لاڙ وارن علائقي ۾ هلندڙ مهيني جي شروعات ۽ وچ وارن ڏينهن تائين سانوڻيءَ وارو فصل پوکجي ويندو آهي اهڙي ريت جيڪڏهن وچولي وارن علائقن ضلعن جو ذڪر ڪجي تہ حيدرآباد ۽ ڄامشورو ضلعن جي انهن ڀرارين وارن علائقن ۾ بہ اڄوڪن ڏينهن تائين گهٽي پاڻي سانوڻي جو فصل ۽ ٻيون پاڇيون پوکجي چڪيون هونديون آهن هن وقت لاڙ جي بدين سجاول، ٺٽو ٽنڊو محمد خان ضلعن جي اُها زرعي پٽي جتي هر سال سانوڻي جو فصل يعني ساريون پوکجن ٿيون ۽ جن جو رونبو اڄوڪن ڏينهن تائين ختم ٿي ويندو آهي هن سال سنڌو درياهہ ۾ مجموعي طور تي پاڻيءَ جي شديد ڪوٽ سبب اڪثر علائقن ۾ ساريلو فصل پوکجي ڪونہ سگهيو آهي گڏ ڪيل ڄاڻ موجب تہ اڄوڪن ڏينهن ۾ سنڌو درياهہ جي گڊو ۽ سکر بئراج وٽ ماضيءَ ۾، جنهن تعداد اندر پاڻي موجود هوندو هو، هاڻ اتي اهڙي صورتحال ڪونہ آهي هن وقت انهن مکيہ بئراجن وٽ 45 سيڪڙو پاڻي گهٽ ۽ اهڙي ريت ڪوٽڙي بئراج ۾ 55 سيڪڙو پاڻيءَ جي گهٽتائي ٻڌائي پئي وڃي

پنجاب جي ڪئنالن معرفت سنڌو درياهہ جو پاڻي ڪنيو پيو وڃي، جنهن ڪانپوءِ هن وقت سنڌ سميت بلوچستان مان بہ اِهي ساڳيون خبرون اچڻ لڳيون آهن تہ هتي پاڻيءَ جي ڪوٽ سبب ماڻهو سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن سنڌ جي لاڙ ۽ وچولي وارن ضلعن کان علاوه سنڌو درياهہ جي گڊو ۽ سکر بئراجن مان نڪرندڙ واهن توڙي شاخن اندر هن وقت پاڻيءَ جي اٺلپ هجڻ ڪانپوءِ جيتوڻيڪ آبادگارن پاران ساريلو فصل پوکجڻ تہ پنهنجي جاءِ تي پر سنڌن ٻيجارو بہ پوکجي ڪونہ سگهيو آهي سنڌ جي شاخن ۽ ڪئنالن جي موجوده صورتحال بابت مسلسل زرعي ماهر ڏانهون ڪن پيا تہ ’هن سال سنڌ اندر پاڻيءَ جي شديد ڪوٽ پيدا ٿيندي‘ بہ ڏينهن اڳ قومي اسيمبليءَ جي بجيٽ اجلاس ۾ بہ سنڌ ۾ پاڻيءَ جي ڪوٽ جا واضح پڙاڏا ٻڌا ويا، جتي سنڌ سان تعلق رکندڙ ايم اين ايز پاران پاڻيءَ جي موجوده ڪوٽ واري صورتحال پيدا ٿيڻ ڪانپوءِ سخت مؤقف رکيو ويو پر اهڙي بيانن جي سامهون اچڻ ڪانپوءِ حڪومتي ترجمان نمائندن سنڌ ۾ پاڻي ڪوٽ واري اِشوءَ کي غلط قرار ڏيندي ماضيءَ واريون ڳالهيون ورجايون، جيڪو اسان جي سمجهہ موجب تہ سنڌ جي ماڻهن کي هٿ وٺي ٺٺهہ آس ۾ روڻ تي اچڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي وزير اعليٰ سنڌ ۽ سنڌ جي آبپاشي وزير پاران بہ پاڻي ڪوٽ بابت وزيراعظم کي خط ذريعي پڻ اهڙو اطلاع ڪيو ويو آهي. سنڌ ملڪ جو واحد صوبو آهي، جيڪو 70 فيصد زراعت تي هلي ٿو ۽ گڏوگڏ ملڪ جي مڙني صوبن کي نہ رڳو کٽ پرچانور بہ مهيا ڪري ڏئي ٿو سنڌ جي ماڻهن جو جياپو ساريلو فصل تي هوندو آهي، جنهن ڪانپوءِ هو سڄي سال جو گذر سفر ڪندا آهن اهڙي ريت سنڌ جون آهي ڍنڍون ۽ تلاءُ جتان ٻين صوبن ڏانهن مڇيءَ جي خريد ۽ فروخت ٿئي ٿي، هن وقت اهي بہ سوڪهڙي جو شڪار آهن سنڌو درياهہ ۾ مسلسل پاڻيءَ جي ڪوٽ ڪانپوءِ هن سال سانوڻي جو فصل پوکجي نہ سگهيو آهي پر افسوس جي ڳالهہ تہ اها بہ آهي تہ هن وقت سنڌو درياهہ ۾ پاڻيءَ جي اُها صورتحال موجود ڪونہ آهي، جتي انساني جياپي لاءِ پيئڻ جو صاف پاڻي مهيا ٿي سگهي ڪراچيءَ ۾ تہ پيئڻ جو پاڻي اڪثر علائقن ۾ ملي ئي ڪونہ ٿو، جتي شهري استعمال وارو پاڻي بہ ٽينڪر مافيا معرفت خريد ڪن ٿا، اهڙي ريت جن علائقن ۾ واٽر سپلاءِ جو پاڻي اچي ٿو تہ ان بابت بہ چيو پيو وڃي تہ 24 ڪلاڪن ۾ رڳو 2 ڪلاڪ بہ پاڻي مشڪل سان ايندو آهي اهڙي ريت هتي جيڪڏهن حيدرآباد ۽ ڄامشورو جو ذڪر ڪجي تہ سنڌو درياهہ جي ڪپ تي آباد اهڙن شهرن جي اڪثر علائقن ڪالونين ۽ خاص طور تي شهري علائقن ۾ هن وقت پيئڻ جو صاف پاڻي اٺلپ بڻجي ويو آهي، جتي رات جو ان وقت واٽر سپلاءِ لائينن ذريعي پاڻي ڏنو وڃي ٿو، جڏهن بجلي بند هجي ٿي پاڻيءَ جي اهڙي شديد ڪوٽ ڪانپوءِ اڪثر ماڻهو جر جو ڪارو پاڻي واپرائڻ تي مجبور بڻيل آهن جنهن سبب مختلف بيمارين منهن ڪڍيو آهي زرعي زمينون آباد ڪرڻ لاءِ هتي پاڻ بدين ضلعي جو ذڪر ڪريون تہ اُتان جي آيل خبرن موجب تہ پاڻيءَ جي سخت بحران پيدا ٿيڻ ڪانپوءِ هن منڊ ۽ مهينن ۾ هتي رونبو ختم ٿي ويندو آهي پر احتجاج موجب تہ پوکيل ساريلو ٻيجارو هن وقت پاڻي نہ ملڻ ڪانپوءِ سڙي تباهہ ٿي رهيو آهي بدين ضلعي جي سيرانيءَ پڳڙ، ميمڻ سينگاري موري، ڪيڻ شاخ سميت ڪيترن ئي واهن ۽ شاخن ۾ مسلسل پاڻي نہ پهچڻ ڪانپوءِ هن وقت ٽيوب ويل جي پاڻي ذريعي جيڪو ٻيجارو پوکيو ويو هو سو مڪمل طور سڙي تباهہ ٿيڻ ڪانپوءِ اهي مسڪين هاري سخت مايوسيءَ کي منهن ڏئي رهيا آهن اهڙي ريت جيڪڏهن ٺٽو ۽ سجاول ضلعن جو ذڪر ڪجي، جتي ڳاڙهو ساريلو چانور پيدا ٿئي ٿو، انهيءَ ضلعن جي بہ واهن ۽ شاخن ۾ مسلسل پاڻي نہ پهچڻ سبب هن وقت پوکيل ٻيجارو مڪمل طور تباهيءَ واريون حالتون ڏسڻ ۾ اچن پيون

سڄي سنڌ جي پيٽ ۾ لاڙ جو اهو ضلعو ٽنڊو محمد خان، جتي هميشہ اڳواٽ ساريلو فصل پوکيو آهي اتي جون بہ حالتون بدستور ساڳيون آهن هتان جي آيل خبرن موجب تہ انهي ضلعن سان ملندڙ جلندڙ واهن بئراجن ۽ شاخن ۾ شايد تاريخ جو پهريون بدترين سال آهي جو اڄوڪي منڊ ۾ اڪثر علائقن اندر ساريلو فصل پوکجي نہ سگهڻ ڪري اتان جا آبادگار سخت مايوسي ۾ مبتلا آهن يقيناً ڏٺو وڃي ۽ حقيقتون بہ سامهون آهن تہ اهي ضلعا يا علائقا سنڌو درياهہ جي پڇڙيءَ وارن علائقن ۾ موجود آهن سال 1991ع جي پاڻي ناهہ موجب تہ نہ رڳو اصل حق انهيءَ سنڌو درياهہ جي پڇڙيءَ جو آهي پر انهن آبادگارن جو بہ وڌيڪ حق انهيءَ پاڻي ناهہ جو حصو آهي پاڻي ناهہ ۾ طئي ڪيو ويو هو تہ ملڪ جي مجموعي دريائن ۾ سنڌو درياهہ کي سڀ کان پهريان پنهنجي جائز حصي جو پاڻي ڏنو ويندو ۽ ان ڪانپوءِ پنجاب ۾ پاڻيءَ جو ڇوڙ ڪيو ويندو اڄ اهو بہ افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ پنهنجو وس هلڻ تائين وقت جي حڪومتن مسلسل سنڌ جي پاڻيءَ مٿان نہ رڳو ڌاڙو هنيو آهي پر حقيقت اها آهي تہ سنڌ کي وقت سر پاڻي ڪونہ ڏنو وڃي هن سال سنڌو درياهہ مان پنجاب لاءِ نڪرندڙ جيڪي تڪراري ڪئنال هئا، انهن ۾ بہ پاڻي ڇوڙ ڪيو ويندو سنڌ جي زرعي ماهرن جو اهو بہ چوڻ آهي تہ هن سال نہ رڳو وقت سر پاڻي نہ ملڻ ڪانپوءِ زرعي زمينون غير آباد ٿي وينديون پر ايندڙ وقت ۾ انهن غريب هارين لاءِ هڪ وڏو امتحان سامهون نظر اچي رهيو آهي، جو تہ جيڪڏهن فصل پوکجي نہ سگهيا تہ اُتي زرعي زمينن مان ڪنهن بہ قسم جي نمايان پيداوار مان اميد نہ ٿي رکي سگهجي اتر سنڌ جي گڊو ۽ سکر بئراج مان نڪرندڙ مجموعي ڪئنالن واهن ۽ شاخن ۾ هن وقت پاڻيءَ بجاءِ واري ۽ مٽي اڏامي رهي آهي، چيو پيو وڃي تہ اڄوڪن ڏينهن ۾ انهن واهن ۽ شاخن ۾ ضرورت آهر پاڻي پهچي ويندو هو پر هن وقت سنڌو درياهہ ۾ مجموعي ڪوٽ هجڻ بعد انهن بئراجن اندر پاڻي ڪونہ پهچي سگهيو آهي، حالانڪ اهي شاخون ۽ بئراج سنڌو درياهہ جي منڍ ۾ ئي آهن پاڻ انهن منڍ وارن شاخن جي حالت ڏسڻ ڪانپوءِ پڇڙيءَ مان بہ اندازو لڳائي سگهون ٿا تہ اُتي ڪهڙي حالت ٿي سگهي؟ سنڌ مان چونڊيل ايم اين اي، پ پ پ ۽ سنڌ سرڪار کي گهرجي تہ اها نواز ليگ جي اتحادي حڪومت سان سنڌ اندر پاڻيءَ جي ڪوٽ جي مسئلي تي چِٽو موقف رکي ۽ سنڌ کي پنهنجي حصي جو پاڻي ولي ڏي

لطيفي لات — شاهہ عبداللطيف ڀٽائي

واهُڙَ وَهَنِ نَوان، اَچا وَهُ اڳِي ٿيو؛
گَهرِ ويٺيون گَهٽا ڪريو، سَرَتِيُون سَگَ سَنوان؛
صُورَتَ جا ساهَڙَ جِي، سا جي ڏِٺي آن؛
هُونڊَ نه پَليو مان، گِهڙو سپ گَهڙا ڪٽي.

(سُر سامونڊي)

اڄوڪو ڏينهن ---- 15 جُون


مختيار اثر

غلام محمد نظامي

اڄ سنڌ جي قادرالڪلام شاعر غلام محمد نظاميءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هن پلوڙ شاعر جو جنم 15 جون 1895ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ٿيو سندس وڏا اصل ۾ لاڙڪاڻي جا ويٺل هئا. فقط ٽي درجا اردوءَ جا پڙهڻ کان پوءِ سندس والد کيس درزڪي دڪان تي وهاريو 1924ع ۾ ڪتابن جو دڪان ۽ 1930ع ۾ سيڊي جو دڪان کوليائين ان بعد پنهنجي پاڻن سان گڏجي بولٽن مارڪيٽ ڪراچيءَ ۾ ”سنڌ بلوچستان هوٽل“ ۽ ”سنڌ اسلاميہ هوٽل“ تي ڪم ڪيائين هو پنهنجي دور جو هڪ وڏو شاعر هو شاعريءَ ۾ پهريائين ”اصغر“، پوءِ ”خاڪي“ ۽ 1926ع کان ”نظامي“ تخلص اختيار ڪيائين شاعريءَ ۾ پهريائين محمد هاشم مخلص ۽ پوءِ حاجي محمود خادم کان اصلاح وٺندو هو شاعريءَ سان گڏ نثر ۾ بہ پنهنجو ممتاز پاڻ هو سندس شاعريءَ جا بہ مجموعا ”بياض نظامي“ ۽ ”رياض نظامي“ شايع ٿي چڪا آهن سندس ٻين ڪتابن ۾ ”گلزارِ پنجتن“، ”خدائي انتقام“، ”شريف ماسترياڻي“، ”گلشن سنڌ“، ”حورِ دمشق“، ”مسدس حالي (ترجمو)“، ”محرم نامو“ ۽ ”خدائي انتقام“ شامل آهن 1945ع کان 1949ع تائين ”اديب سنڌ“ رسالي جو ايڊيٽر ٿي ڪم ڪيائين ان کان علاوه ”درهہ حيدري“ نالي رسالو جاري ڪيائين عمر جي آخري حصي ۾ هفتيوار اخبار ”وحدت“ جاري ڪيائين پر ان جا اڃا بہ شمارا شايع ٿيا تہ 22 فيبروري 1951ع تي سندس وفات ٿي سنڌيانا انسائيڪلوپيڊيا ۾ هن جي وفات جي تاريخ 22 بجاءِ 23 فيبروري لکي وئي آهي



هري درياڻي دلگير

اڄ برک سنڌي شاعر هري درياڻي دلگير جي جنم جو ڏينهن آهي هن جو جنم 15 جون 1916ع تي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو سندس والد جو نالو هري ڳرڌنومل درياڻي هو هن ابتدائي تعليم لاڙڪاڻي ۾ حاصل ڪئي ان بعد ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ مان بي ايس سي ۽ اين اي ڊي انجنيئرنگ ڪاليج (هاڻي يونيورسٽي) ڪراچيءَ مان سول انجنيئرنگ ۾ بئچلر ڊگري حاصل ڪيائين ورهاڱي کان پوءِ بہ اٽڪل ٻارهن سال سنڌ ۾ رهيو ان بعد پهريائين ممبئيءَ ۾ ۽ بعد ۾ آديپور جا وڃي وسايائين 1959ع ۾ ئولائي انجنيئرنگ ڪاليج جو پرنسپال مقرر ٿيو جتان 1979ع ۾ رٽائر ڪيائين هن شاعريءَ جي شروعات ننڍي هوندي ئي ڪئي شاعريءَ ۾ نوازعلي نياز سندس استاد هو شاعريءَ جي لڳ ڀڳ هر صنف تي طبع آزمائي ڪيائين سندس ڪتابن ۾ ”امر گيت“، ”ٻيوس - هڪ گلدستو“، ”چولو منهنجو چڪ ۾“، ”گيت گلابي“، ”جهنگلي گل“، ”ڪوڏ“، ”لهرين لڪ لباس“، ”موج ڪئي مهراڻ“، ”مزيدار گيت“، ”منڙا گيت“، ”پلپل جو پڙلاءُ“ ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن هن 11 اپريل 2014ع تي پرلوڪ پڌاريو



مريم مجيدي

اڄ مشهور شاعره مريم مجيديءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هيءَ نليولي شاعره سنڌ جي انقلابي شاعر محمد خان مجيديءَ جي نياڻي هئي سندس جنم 15 جون 1943ع تي جهوڪ شريف ويجهو ڳوٺ قيصر خان جتوئيءَ ۾ ٿيو هن ايم اي (سنڌي) ۽ ايم ايڊ جون سندون حاصل ڪيون عملي زندگيءَ جي شروعات اسڪول ٽيچر طور ڪيائين ۽ نتي جي ڊويزنل ايجوڪيشن آفيسر طور رٽائر ڪيائين هن پنهنجي بيءَ جي سٿي ۾ 1970ع واري ڏهاڪي ۾ ادبي دنيا ۾ پير پاتو شروع ۾ مضمون لکيائين ۽ پوءِ شاعري ڪرڻ شروع ڪيائين سندس پهريون نظم ”سنڌوءَ آئون“ سوجهري رسالي ۾ ڇپيو هن شاعريءَ جي لڳ ڀڳ هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي جنهن ۾ نظم، وايون، غزل، ٽيڙو، ترائيليون، چوسٽا، پنج سٽا ۽ بيت وغيره شامل آهن هن جي شاعريءَ ۾ هڪ طرف سنڌ ۽ سنڌين جي ڏکن ۽ سورن جي ترجماني ٿيل آهي تہ ٻئي طرف رومانس جا رنگ ڀريل آهن سندس شاعريءَ جا بہ مجموعا ”سروم ذڪر ذڪر“ ۽ ”ٽيرانا ٽي نيڻ“ ڇپجي پڌرا ٿيا. شاعريءَ سان گڏ مضمون ۽ مقالا پڻ لکيائين سندس مقالن جو ڪتاب ”مان ٻرڇي مان ڳهاءُ“ پڻ شايع ٿي چڪو آهي مريم مجيديءَ 18 مئي 2026ع تي هيءُ جهان ڇڏيو

ڪشور لالواڻي

اڄ هندستان جي مشهور سنڌي ناٽڪ نويس ۽ اداڪار ڪشور لالواڻيءَ جي جنم جو ڏهاڙو آهي هو 15 جون 1957ع تي هندستان جي شهر ناگپور ۾ ڄائو ناگپور جي اسڪولن مان تعليم حاصل ڪيائين ۽ انهيءَ شهر جي سنڌو ڪاليج مان بي ايس سي جي سند حاصل ڪيائين پڙهائي پوري ڪري بينڪ ۾ نوڪري ڪيائين کيس ننڍي هوندي کان ئي ناٽڪن ۾ اداڪاري ڪرڻ جو شوق هو هن اداڪاريءَ جي ابتدا اسڪول جي سالياني جلسي ۾ پيش ٿيندڙ هڪ ناٽڪ ۾ حصو وٺڻ سان ڪئي ڪاليج واري زماني ۽ ان کان پوءِ نوڪريءَ دوران بہ هن بيشمار ناٽڪن ۾ اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا. هو هڪ بهترين ناٽڪ نويس بہ هو ڪيترائي ناٽڪ لکيائين ٻين ٻولين مان بہ ناٽڪ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيائين هن جِن سنڌي فلمن ”وائيسرائي گهر“، ”ٽيڙ ٽيشڻ تي“، ”تنهنجي پيار ۾“ ۽ ”لکي منهنجو لکن“ جا ڊائلاگ لکيا ۽ انهن فلمن ۾ اداڪاري بہ ڪئي هن جا 12 کان بہ ڊيڪ ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن

حبيب حضوري

هن نليولي ليکڪ جو جنم 15 جون 1959ع تي ڳوٺ لاکو تڪيو، تعلقي وارهہ ضلعي قمبر شهدادڪوٽ ۾ ٿيو هن جي ڇٺيءَ جو نالو حبيب الله ولد حاجي محمد عثمان ڏيرو آهي هن شاعريءَ توڙي نثر ۾ جڳو پاڻ ملهايو آهي سندس ڇپيل ڪتابن ۾ ”موهيا ڪنهن نہ مال“، ”جيجل جهولي“، ”سنڌس چولين چوهہ“، ”لطيف ۽ قرآن“ ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن

جبار تاثير سومرو

هيءُ مشهور شاعر اڄوڪي ڏينهن 1953ع ۾ نصيرآباد ۾ ڄائو هن ابتدائي تعليم پنهنجي جم واري شهر مان حاصل ڪئي ۽ مئٽرڪ جو امتحان ميهڙ مان پاس ڪيو اڳتي هلي بي اي، بي ايڊ، ايم اي ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيائين عملي زندگيءَ جي شروعات گورنمينٽ هاءِ اسڪول جوهيءَ ۾ پرائمري ٽيچر طور ڪيائين ۽ سينئر پرائمري ٽيچر طور رٽائر ٿيو هن ننڍي ڄمار ۾ ئي شاعري ڪرڻ شروع ڪئي شاعريءَ ۾ سندس اصلاح مشهور شاعر اسحاق راهيءَ ڪئي جيڪو سندس مامون آهي هن جي شاعريءَ جو ڪتاب ”آس جا ڏيئا“ 2013ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو

اشرف زمان پير چنڊامي

اڄ هن نليولي شاعر ۽ ليکڪ جي سالگرهہ جو ڏينهن آهي هن جو جنم 15 جون 1962ع تي ڳوٺ پير چنڊام تعلقي ڳڙهي ياسين ضلعي شڪارپور ۾ ٿيو اهو ڳوٺ ڏکڻ شهر جي ويجهو آباد آهي سندس پورو نالو محمد اشرف زمان ولد عنايت الله ڪنير آهي هن 1982ع ڌاري ادبي دنيا ۾ پير پاتو شاعريءَ ۾ مشهور شاعر نثار بزمي سندس اصلاح ڪندو هو هن 1986ع ۾ نثار بزمي ادبي سنگت جو بنياد وڌو گڏوگڏ سنڌي ادبي سنگت سان بہ سندس سلاڻ رهيو ڏکڻ مان نڪرندڙ ادبي رسالي ”ٽمُون چنڊ“ جو چيف ايڊيٽر پڻ رهيو سندس ڪتاب ”پکين جي دنيا ۾ انقلاب“ (ٻارن جون ڪهاڻيون) 1996ع ۾ ۽ ”ٽمُون چنڊ“ 2001ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو افسوس جو هن نامور اديب ۽ شاعر 08 فيبروري 2022ع تي اسان کان هميشہ لاءِ موڪلايو

عبدالرحيم عبد لغاري

هن نامور تعليمي ماهر ۽ شاعر جو جنم 15 جون 1964ع تي مسڻ وڏي ضلعي ٽنڊي الهيار ۾ ٿيو مئٽرڪ تائين تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪيائين انٽر آرٽس جو امتحان ايس ايم ڪاليج ٽنڊي الهيار مان پاس ڪيائين اڳتي هلي بي اي ۽ بي ايڊ جون سندون پڻ حاصل ڪيائين هو 1987ع ۾ تعليم کاتي ۾ پرائمري اسڪول ٽيچر مقرر ٿيو ۽ مختلف اسڪولن ۾ تعليمي خدمتون سرانجام ڏئي رٽائر ٿيو هو هڪ سٺو شاعر پڻ آهي سندس شاعريءَ جو مجموعو قلمي صورت ۾ موجود آهي



منظار سولنگي

هن نليولي شاعر جو جنم 15 جون 1967ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي شهر نئين ديري ۾ ٿيو مئٽرڪ تائين نئين ديري ۾ پڙهيو ۽ بي اي ۽ ايم اي جون سندون شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان حاصل ڪيائين هن ادبي ڪيئر ۾ 1980ع ڌاري پير پاتو پاڻ سنڌي ادبي سنگت جو سرگرم ميمبر هو ۽ 1992-93ع ۾ انهيءَ سنگت جو مرڪزي جنرل سيڪريٽري رهيو سندس ڪتابن ۾ ”آئون بہ جيڪر پڙهڻ وڃان ها“، ”ٽمُون ديرو پراڻا ۽ نوان ورق“، ”ڪاشي ۽ ڪانڊ“ ۽ ”آئون اڪيلو راهن ۾“ شامل آهن هن ناميارو اديب ۽ شاعر 18 جنوري 2011ع تي وفات ڪئي سندس ياد ۾ نئين ديري ۾ ”منظار سولنگي اڪيڊمي“ قائم ڪئي وئي آهي



سعيده گوپانگ

سعيده گوپانگ سنڌ جي مشهور سماج سڌارڪ ۽ سياستدان آهي هن جو جنم 15 جون 1979ع تي ڳوٺ ٻچل خان رند تعلقي جوهي ضلعي دادوءَ ۾ ٿيو ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين جڏهن تہ مئٽرڪ ۽ انٽر جا امتحان ٽريننگ گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول جوهيءَ ۽ زبيده گرلس ڊگري ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪيائين اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ جي سوشالاجيءَ واري شعبي مان ايم اي جي سند حاصل ڪيائين هن کي ننڍي هوندي کان ئي سماجي ۽ سياسي سرگرمين سان دلچسپي رهي اسڪول ۾ پڙهڻ دوران سڄاڳ ٻار تحريڪ جي ميمبر رهي ۽ حيدرآباد ۾ پڙهڻ دوران سنڌي گرلس اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن سان لاڳاپيل رهي اسڪول ۽ ڪاليج جي تقريبن ۾ اسٽيج ڪمپيئر جا فرائض سرانجام ڏيندي هئي پاڪستان ٽيليويزن تان نشر ٿيندڙ ٻارن جي پروگرام روشن تارا جي ميزبان طور بہ ڪم ڪيائين 2009ع ۾ سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي جنرل سيڪريٽريءَ طور سندس چونڊ ٿي 2010ع ۾ سنڌياڻي تحريڪ ڇڏي عوامي جمهوري پارٽيءَ ۾ شموليت اختيار ڪيائين ۽ انهيءَ پارٽيءَ جي مرڪزي نائب صدر طور ڪم ڪرڻ شروع ڪيائين هن جا ڪيترائي مضمون، ڪهاڻيون ۽ ٻيا ليک اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجندا رهيا آهن هوءَ عورتن جي مسئلن ۽ سنڌ جي ٻرندڙ مسئلن تي آواز اٿاريندي رهي آهي ادي سعيده کي جنم ڏينهن جي مبارڪباد پيش ڪجي ٿي، گڏوگڏ دعا آهي تہ هن جون ڪوششون سدائين ڪاميابيون ماڻينديون رهن

رفيعه بخاري



اڄ انگريزي ٻوليءَ جي اڀرندڙ شاعره ۽ ليکڪ رفيعه بخاري پنهنجي سالگرهہ ملهائي رهي آهي هن جو جنم 15 جون 1982ع تي لاڙڪاڻي جي سيد گهراڻي ۾ ٿيو فاطمہ پٽو کان پوءِ هوءَ شايد لاڙڪاڻي جي پهرين عورت ليکڪا آهي جيڪا انگريزي ٻوليءَ ۾ لکي ٿي هن جي شاعريءَ جا بہ مجموعا ”The Painful Payment“ ۽ ”A Flight of Broken Wings“ ڇپجي چڪا آهن مشهور ليکڪ سڪندر علي عباسيءَ سندس ڪتاب The Painful Payment جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي فطرتي حسن هن جي شاعريءَ جو محور آهي ۽ لهندڙ سج جا پاڇا سندس من ۾ لڪل ذات جي ديويءَ کي جاڳائي وجهن ٿا. رفيعه بخاريءَ مشهور ڪهاڻيڪار محمد علي پٺاڻ جون لڳ ڀڳ 50 ڪهاڻيون سنڌيءَ مان انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيون آهن هن شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپورميرس مان ماسٽر آف فلاسافيءَ جي سند حاصل ڪئي آهي. هن شاهہ جي رسالي جي انگريزي ترجمن تي تحقيق ڪري اها سند حاصل ڪئي آهي

صوفي قبول محمد درازي ثاني

صوفي قبول محمد درازي (ثاني) جو شمار سنڌ جي برگزيدهہ بزرگن ۽ درويشن ۾ ٿئي ٿو سندس ولادت جي تاريخ تي اختلاف آهي پر اڪثر حوالن ۾ سندن جنم جي تاريخ 22 ربيع الاول 1258هہ مطابق 27 آگسٽ 1842ع ٻڌائي وئي آهي پاڻ حضرت سچل سرمست رح جي گاديءَ جو پنجون نمبر سجاده نشين هو. سنڌي ۽ فارسيءَ جي ابتدائي تعليم مولوي عبدالقادر وٽان حاصل ڪيائين 1273هہ ۾ سندس والد بزرگوار نجم الدين فاروقيءَ جي وفات کان پوءِ گاديءَ تي ويٺو هن بزرگ جو گهڻو وقت ذڪر ۽ فڪر ۾ گذرندو هو. نهايت پرهيزگار ۽ گهٽ ڳالهائو انسان هو لڳ ڀڳ 71 ورهيہ مسند نشين رهيو ۽ انهيءَ سموري عرصي ۾ هن سچل جي صوفياڻي تحريڪ کي زور وٺايو سندس خدمت ۾ هر مذهب جا ماڻهو بنا ڪنهن فرق جي ڪٺا ٿيندا هئا ۽ صوفياڻي تعليم جي بنيادي مقصدن کان آگاهي حاصل ڪندا هئا. سندس تعليم جو مکيہ مرڪز تصوف جو بنيادي نظريو رهيو پاڻ صوفياڻہ ڪلام بہ چوندو هو صوفياڻي شاعري بہ ڪيائين سندس شاعري گهڻو ڪري سنڌي ۽ سرائڪي ٻولين ۾ آهي جنهن جي تاريخ وانگيان سندس لاڏاڻي جي تاريخ تي بہ اختلاف آهي پر اڪثر حوالن مطابق پاڻ 15 جون 1925ع تي دم ڏنائين جي حوالي ڪيائين

ٻبا موري

ٻبا موري شڪارپور جو مشهور ملهہ پهلوان هو هن جو اصل نالو ٻريوداس هو پر ٻبا موريءَ جي نالي سان مشهور هو هن شڪارپور ۽ ممبئيءَ مان تعليم حاصل ڪئي، ڪجهہ عرصو هڪ مل ۾ ملازمت ڪيائين پر پوءِ شڪارپور ۾ گارمينٽس جو ڪاروبار شروع ڪيائين ملهہ جي راند سان ننڍي هوندي کان ئي چاهہ هئس هو نہ فقط پاڻ هڪ بهترين پهلوان هو، بلڪ شڪارپور ۾ ڪسرتگاهہ قائم ڪري ڪيترائي شاگرد پڻ پيدا ڪيائين سندس پٽ لالچند بہ هڪ سٺو ملهہ هو. 1947ع واري ورهاڱي کان پوءِ هندستان جو شهر ديولالي وڃي وسايائين جتي 15 جون 1965ع تي ديهانت ڪيائين

CLASSIFIED ADVERTISEMENT

عام اطلاع

SABS University of Art, Design and Heritages Jamshoro

The In-charge HR Shaheed Allah Buksh Soomro University of Art, Design and Heritages, Jamshoro, near the Old East Toll Plaza, M9- Motorway, Jamshoro
registrar@sabsu.edu.pk | www.sabsu.edu.pk | careers.sabsu.edu.pk | Phone: +92-222-9213601, +92-22-9213613

SITUATIONS VACANT

Eligible candidates from across Pakistan are encouraged to apply for various **teaching positions**, while applications for **position** of Registrar is open to candidates holding a **Sindh domicile** only. Applicants must submit attested photocopies of all relevant documents along with a **bank challan of Rs. 5,000/- (non-refundable)** as a processing fee, payable to the **Director Finance, Shaheed Allah Buksh Soomro University of Art, Design and Heritages, Jamshoro**. All applications must be received by the university **within the stipulated deadline** following the publication of this advertisement. Candidates are required to apply **online only** through the university's official website: **www.sabsu.edu.pk/career** | **https://careers.sabsu.edu.pk/**

NON-TEACHING POSITIONS

S. No.	Name of Post and BPS	No. of Posts	Age Limit	Qualification and Experience
01	Registrar (BPS-20) (Tenure Post)	01	55 Years	Master's degree (18 Year), preferably in first class, or equivalent qualifications and 17 years administrative experience in posts equivalent to BPS-17 and above at university level and should be conversant with university Rules & Regulations.

TEACHING POSITIONS

01	**Professor (BPS-21) (05)**	**Department of Architecture (01) Department of Communication Design (01), Textile Design (01) Fashion Design (01) and Fine Arts (01)**
02	**Associate Professor (BPS-20) (06)**	**Department of Architecture(01), Department of Communication Design (01), Ceramic Design (01) Fashion Design (01) Interior Design (01) and Fine Arts (01)**
03	**Assistant Professor (BPS-19) (03)**	**Department of Interior Design (01), Ceramic Design (01) and Fashion Design (01)**
04	**Lecturer (BPS-18) (04)**	**Department of Interior Design (01) and Textile Design (01) Ceramic Design (01) Fashion Design (01).**

Terms and Conditions:

- **Eligibility criteria for teaching positions shall be as per Higher Education Commission of Pakistan visit http://www.sabsu.edu.pk/career**
- Candidates applying for all post of **Professor (BPS-21)** and **Associate Professor (BPS-20)** should submit three copies of their bio-data along with the required and other relevant documents properly bind showing details of work experience, position etc.
- All the applications for the positions of Lecturers are required to have relevant GRE with minimum 50% Score, acquired on or before the closing date.
- For faculty of Architecture applicants must have valid registration with PCATP.
- The initial appointment will be made on a **purely contractual basis for the period of 3 years.**
- Candidates serving in Government/Semi-Government and Autonomous bodies should apply through proper channel accompanied by NOC from the employer and will be responsible for getting themselves relieved properly from their parent departments.
- Candidates applying for more than one post should submit a separate application form for each post, along with a separate bank challan and the necessary documents.
- Incomplete applications without attested copies of educational, professional and experience certificates and without the paid challan will not be considered.
- Applications received after the specified date shall not be entertained. The envelope should be clearly marked with the post applied for.
- The University reserves the right to increase, decrease, or withdraw any advertised position(s) or all positions as a whole, without assigning any reason.
- Only short-listed candidates will be called for a test/interview.
- The **deadline** for submitting applications is **31st July, 2026.**
- **No TA/DA** will be admissible for appearing at the interview/written test.
- Applications should be submitted through courier within the due date after the advertisement published in newspapers.
- **Applications submitted in person/by hand or after the due date will not be considered.**

Applications should be submitted to the following address:
The In-charge HR Shaheed Allah Buksh Soomro University of Art, Design and Heritages, Jamshoro, near the Old East Toll Plaza, M-9 Motorway, Jamshoro. **Phone: +92-222-9213601, +92-22-9213613**
Website: **www.sabsu.edu.pk**, | careers.sabsu.edu.pk | **Registrar (Acting)** SABS University, Jamshoro.

PID (H) 436/25

ڏگهڙ پرسان ٻه معصوم ٽينگر شاخ ۾ وهنجڻ دوران ٻڏي ويا، هڪ کي بچايو ويو، گهر ۾ ڪهرام

ڪري موري وٽ وڏگهڙ شاخ ۾ 13 ورهين جو رابيل ۽ 12 ورهين جو اشفاق مغيري ٻڏي ويا

ڏانهن تي ڪوئنائن پهچي ٽينگرن کي بيهوشي حالت ۾ ڪڍي رورل هيلٿ سينٽر منتقل ڪيو

ڊاڪٽر اشفاق جي حياتي بچائي ورتي، رابيل جي فوت ٿيڻ جي تصديق بعد وارثن ۾ ڪهرام مچي ويو

ڏگهڙ: ٻڏي ويل ٽينگر جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي

پنوعاقل لڳ قتل ٿيل پ پ اڳواڻ غلام حسين ڪلهوڙو جون آخري رسمون ادا

آخري رسمن ۾ سياسي سماجي شخصيتن علائقي واسين ۽ سوين شهرين شرڪت ڪئي

پنوعاقل: ڏوهارين خلاف آپريشن ڄاري آهي

دادو ۾ اليڪٽرڪ دڪان تي موٽرسائيڪل سوار هٿيارٻندن جي فائرنگ، مستري زخمي

آصف علي سرهيو کي 4 گوليون لڳڻ بعد ڳنڀير حالت ۾ اسپتال منتقل

پوليس موجب جاچ جاري، جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هڻڻ جو سلسلو شروع

سکر ۾ خروس برادري جو ٻالڪن جي ظلم ۽ زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

عمرساند پرسان ماڇي برادري جي گهرن تي هٿياربند حملو، احتجاج، هڪ گرفتار

ڳوٺ گل محمد پلي ۾ راڄڙ برادري جي ماڻهن ماڇين جي گهرن تي ڪاهه ڪري ڏني

گهرن تي ڪاهه ۽ تشدد ڪرڻ خلاف ماڇي برادري جو عمرساند ٿاڻي اڳيان احتجاج

پوليس رپورٽ درج ڪري هڪ جوابدار کي حراست ۾ وٺي جاچ شروع ڪري ڇڏي

عثمان شاهه هڙي (ت ر) عثمان شاهه هڙي ويجهو عمرساند ٿاڻي جي حد واري ڳوٺ گل محمد پلي ۾ رهندڙ ماڇي برادري غريب ماڻهن جي گهرن تي راڄڙ برادري ماڻهن ماڇين جي گهرن تي ڪاهه گهرن ۾ داخل ٿي عورتن ۽ مردن کي تشدد جو نشانو بڻايو واري عمل خلاف متاثر ماڇي برادري جي ماڻهن عورتن ۽ مردن ۾محمد ماڇي، صدام ماڇي، غلام محمد ۽ اسلم ۽ٻين عمرساندٿاڻي آڏو احتجاج ڪندي چيو ته ساڻن راڄڙ برادري ماڻهن۾ پوڙهو راڄڙ.

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: مسلم ليگ (ف) پاران حيسڪو چيف خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

سڳيون لڳ چور پورهيت جي زمين تان پنجون پيرو پاڻي واري مشين کڻي ويا

سڳيون (ن ع) سڳيون ۽ پرپاسي وارن علائقن ۾ بد امني چوٽ چڙهي وئي چورين ڦورن روز جو معمول بڻيل ظلم جي انتها نامعلوم چور سڳيون ٿاڻي جي حد ڳوٺ علاوالدين پاڳت مان پورهيت نذير احمد پاڳت جي زرعي زمين تان پنجون پيرو پاڻي وارو موٽر چوري ڪري آساني سان فرار ٿي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۾ گهرو تڪرار تان مڙس جو زال تي تشدد، بيهوشي حالت ۾ اسپتال داخل

جوابدار عطاالرحمان ڄڻا تشدد سبب گهرواري عليشا کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

وارثن پاران ايس ايس پي کان شفاف ۽ غيرجانبدار جاچ ڪرائي انصاف جو مطالبو

ڪوٽڙي (رپورٽ: حسين شورو) ڪوٽڙي ۾ گهريلو تشدد جو واقعو نوجوان عورت ڳنڀير جوڳي حالت حيدرآباد جي سول اسپتال ۾ آئي سي يو داخل وارثن جو انصاف جو مطالبوڪوٽڙي ۾ گهريلو تشدد جو هڪ انتهائي افسوسناڪ واقعو سامهون آيو آهي جتي مبينا طور عطاالرحمان ڄڻا پنهنجي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ٽاڻوبولاخان ويجهو جوابدار ڳوٺاڻي کي رڌورٽ ڪري ڇڏيو، اسپتال داخل

ريڪ ويجهو جوابدارن جي حملي ۾ غلام حيدر باريجو سخت زخمي ٿي پيو

زخمي کي اسپتال منتقل ڪرڻ بعد وارثن جوابدارن جي گرفتار لاءِ احتجاج

ٽاڻوبولاخان (ن ع)ٿاڻي بولاخان جي يوسي ٽڙنگ جي علائقي ريڪ ويجهو باريجا برادري جي ماڻهن طرفان شاديءَ جي دعوت تي ويندڙ تي هڪ ڄڻي کي روڪي لٺين سان حملو ڪري زخمي ڪري ڇڏيو اسپتال منتقل ، باريجا برادري جي 5 ڄڻن حملو ڪري غلام حيدر باريجو تي تشدد ڪري زخمي ڪري ڇڏيو زخميءَ ٿاڻي بولاخان پوليس اسٽيشن تي پهچي اين

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

مورو: سعيد ميمڻ جي بازيابي لاءِ سنڌي ادبي سنگت پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

نوشهرو فيروز ۾ سعيد ميمڻ جي بازيابي لاءِ سياسي سماجي تنظيمن جو احتجاجي ڌرڻو

سول سوسائٽي، وڪيلن، صحافين ۽ وارثن نارو شاهه اسٽاپ کان ريلي ڪڍي الله واري چوڪ تي ڌرڻو هنيو

29 ڏينهن گذرڻ باوجود سعيد ميمڻ کي بازياب ڪرائڻ ۾ حڪومتي سطح تي ڪابه ڪوشش نه ورتي وئي آهي: مظاهرين

سنڌ، بلوچستان حڪومت، سردار اختر مينگل ۽ بلوچ اڳواڻ نوٽيس وٺي سعيد ميمڻ کي باحفاظت بازياب ڪرائين

نوشهرو فيروز(رپورٽ:شاهد علي چنه) بلوچستان مان اغوا ڪيل سنڌ جي اديب، شاعر دانشور ۽ ريٽائر آفيسر سعيد ميمڻ جي بازيابيءَ لاءِ سول سوسائٽي، شهرين، وڪيلن صحافين ۽ سنڌس مڪن ماڻهن پاران نوشهرو فيروز جي مين روڊ ناروشاهه اسٽاپ کان الله واري چوڪ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي ڌرڻو لڳايو ويو جتي مظاهرين

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار: 28هين ترميم ۽ سنڌ جي مسئلن خلاف جيئي سنڌ قومي محاذ جو پيادل مارچ

سول اسپتال کان لطيف گيٽ تائين ريلي ڪڍي پيادل مارچ ڪيو ويو، وڏي انگ ۾ ڪارڪنن جي شرڪت

سنڌ ۾ لاقانونيت جو راڄ آهي جونديل نمائندن سنڌ جي ماڻهن کان ووٽ وٺي ڪين وساري ڇڏيو آهي:صنعان قريشي

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) 28 هين ترميم سنڌ جي وسيلن تي قبضي سنڌو دريا مان پاڻي جي چوري، سنڌ ۾ لا قانونيت ۽ ٻين بنيادي مسئلن خلاف جيئي سنڌ قومي محاذ چيئرمين صعنان قريشي پاران ٽنڊوالهيار ۾ پيادل مارچ ڪيو ويو جسقم چيئرمين صعنان قريشي جي اڳواڻي ۾ ٽنڊوالهيار جي سول اسپتال کان لطيف گيٽ تائين ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ وڏي انگ ۾ ڪارڪنن شرڪت ڪئي ان موقعي تي جسقم چيئرمين صنعان قريشي ميڊيا سان

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ ٻيلي کاتي جي نرسري مان وڻن جي غيرقانوني واڍي رڪجي نه سگهي

قيمتي وڻن جي واڍي بابت وڊيوز منظرعام تي اچي بعد ساڃاهه وندن پاران کاتي جو اظهار

وڻن جي واڍي ۾ ملوث عملي خلاف ڪارروائي ڪري ماحول کي آلودگي کان بچايو وڃي: رهواسي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ ٻيلي کاتي جي نرسري مان وڻن جي غيرقانوني واڍي، پابندي باوجود ٻيلي کاتي جي ملازمن جي سرپرستي ۾ وڻن جي واڍي رڪجي نه سگهي، قيمتي وڻن جي واڍي بابت وڊيوز منظرعام تي اچي ويا، ساڃاهه وندن طرفان کاتي جو اظهار وڻن جي غيرقانوني واڍي ۾ ملوث ٻيلي کاتي جي آفيسرن ۽ عملي خلاف ڪارروائي جي گهر الزام هيٺ آيل فاريسٽ گارڊ چيو آهي ته بالا آفيسرن جي حڪم تي وڻن جي واڍي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

لاهور: هڪ شخص دڪان تان مٽي مان ٺهيل ڪولر خريد ڪري رهيو آهي

ملتان: هڪ پيرسن مٽي تي انبن جو پيٽيون کڻي وڃي رهيو آهي

سکر پوليس پاران شهري کان ڦر ٿيل موٽرسائيڪل هٿ ڪري مالڪ حوالي ڪرڻ جي دعويٰ

سکر(بيورو رپورٽ) لائج موڙ چوڪي جي انچارج لالا ممتاز شمس آباد سکر واري علائقي ۾ ڪامياب ڪارروائي ڪندي هڪ شهري جي چوري ٿيل موٽر سائيڪل برآمد ڪري ورتي. ٿاڻو اي سيڪشن جي حد اندر سنڌ گرين هوٽل پرسان شهري زبير احمد ميمڻ جي موٽر سائيڪل نامعلوم چور چوري ڪري فرار ٿي ويا هئا. پوليس

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

باڊهه کي تعلقي جو درجو نه ملڻ خلاف رهواسين جو 360 هين هفتي به احتجاج

باڊهه (ن ع) سنڌ حڪومت پاران لاڙڪاڻي ضلعي جي تاريخي شهر باڊهه کي تعلقي جو درجو نه ڏيڻ خلاف باڊهه تعلقه موومينٽ جي ڊپٽي ڪنوينر زيب علي ساريو جي اڳواڻيءَ ۾ 360 هين هفتي به باڊهه ميڊيا هائوس کان ڪائون هال تائين احتجاجي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

سکر واسي جو پاءُ ۽ شريڪن جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي تاريخي علائقي گوڏوارا چوڪ تي ڪيٽرن ٿي ڏهاڪن کان ڪاروبار ڪندڙ زبير احمد بنڌاڻي عتيق الرحمان ۽ سنڌن پٽن ڏوهيب ۽ ابوذر صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته هو سالن کان پنهنجي پارن جي روزي روٽي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ واسي نوجوان ڪراچي ۾ ڦر مزاحمت تي قتل، لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام

سيوهڻ(ن ع) سيوهڻ واسي نوجوان ۽ درگاهه حضرت قلندر لعل شهباز جو سي سي ٽي وي ڪنٽرول روم جو آپريٽر شاهد سولنگي ڪراچي ۾

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

مورو ۾ مغوي سعيد احمد ميمڻ جي بازيابي لاءِ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

مورو (ن ع) سنڌي ادبي سنگت ڏيپارجا پاران سنڌي ٻولي جي شاعر، اديب، دانشور، انسان دوست سعيد احمد ميمڻ جي آزادي لاءِ سنگت نوشهرو فيروز جي ضلع رابطہ سيڪريٽري سيد مختيار علي شاهه مختيار، شاهه لطيف، محبتي ملاح، معشوق ڏاريجو، نجم سرهيو، وزير فرهاد سولنگي، راجا نديم، نازڪ عالماڻي، ظفرالله ٻگهيو، امام الدين

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: گرمي سبب قائم ڪيل هيٽ اسٽروڪ ڪيمپ ۾ ماڻهن کي شربت پياريو پيو وڃي

خيرپور پرسان روڊ حادثي ۾ معصوم ٽينگر فوت، گهر ۾ ڪهرام

احمد پور جي ملاح محلا واسي 11 ورهين جو ضمير ملاح فوت ٿي ويو

ٽينگر جو لاش ضروري ڪارروائي بعد ورثن حوالي، گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

گمبٽ لڳ ٽرالر جي موٽرسائيڪل کي ٽڪر، هڪ ڄڻو فوت، ٻيو زخمي

قومي شاهراهه روڊ تي 28 ورهين جو عطاالله اجڙو فوت ٿي ويو

نوجوان عطاالله اجڙو ٿڌي تي فوت ٿي ويو ... لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جڏهن ٽڪر هڻندڙ ڊرائيور فرار

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

جامشورو ۾ لمس جي دوري تي آيل بنگلاديش جي وائيس چانسلرن جي وفد جي آجيان

وفد کي يونيورسٽي جي مختلف تعليمي، تحقيقي ۽ انتظامي شعبن جو تفصيلي دورو ڪرايو ويو

پاڪستان ۽ بنگلاديش وچ ۾ تعليمي ۽ تحقيقي تعاون وقت جي اهم ضرورت آهي: وي سي لمس

جامشورو (ڊ ر) بنگلاديش جي 11 مشهور يونيورسٽين جي وائيس چانسلرن تي مشتمل هڪ اعليٰ سطحي وفد اڄ 14 جون 2026 تي لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز (LUMHS) جامشورو جو دورو ڪيو. وفد جو گرمجوشي سان استقبال LUMHSجي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر اڪرام الدين اجن ۽ يونيورسٽي انتظاميا ڪيو. دوري جي شروعات ۾ وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر اڪرام دين اجن مهمانن کي سنڌ جي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

جامشورو: لمس جو وائس چانسلر اڪرام اجڻ بنگلاديش جي وائس چانسلرن جي وفد کي بريفنگ ڏئي رهيو آهي

هالا ۾ معمولي ڳالهه تان گهر تي حملو، تشدد، احتجاج

جيئند خاصخيلي ۽ گهرواري سڪينه خاصخيلي جو پريس ڪلب اڳيان مظاهرو

اين سي داخل ڪرائي آهي پر جوابدار گرفتار ناهن ٿيا، اعليٰ اختياريون نوٽيس وٺن:مظاهرين

هالا (ت ر) هالا جي پيپل سوري پرسان ٻارڙن جي معمولي ڳالهه تان گهر تي حملو عورتن ۽ ٻارڙن تي بدترين تشدد. متاثرن جو پريس ڪلب تي احتجاج جيئند خاصخيلي پنهنجي گهرواري سڪينه خاصخيلي سان گڏ پريس ڪلب تي احتجاج ڪندي چيو ته ٻارڙن جي معمولي ڳالهه تان ممتاز عرف پپو خاصخيلي مرتضيٰ خاصخيلي قابل عرف بابو ۽ ٻين نامعلوم ماڻهن گهر تي حملو ڪري عورتن ۽ ٻارن تي تشدد ڪري ڪين مرٽينگ ڪري ڇڏيو آهي هنن چيو ته

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم لڳ ٿهيم ۽ برڙا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، 13 ڄڻا زخمي

ڳوٺ حمزو برڙا ۾ معمولي ڳالهه تان ڌرين جهيڙي ۾ لٺين ۽ ڪهاڙين جو آزادانه استعمال ڪيو

زخمي خدا ڏنو غلام فريد، شوڪت، وحيد، انصار نور محمد ۽ ٻين کي اسپتال آندو ويو

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم لڳ ڳوٺ حمزو برڙا ۾ معمولي ڳالهه تان ٿهيم ۽ برڙا برادري ۾ خونريز جهيڙو ٿي پيو جنهن ۾ لٺين ۽ ڪهاڙين جو آزادانه استعمال ڪيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ ٻنهي ڌرين جا 13 ڄڻا هرهڪ خداڏنو. غلام فريد. شوڪت. وحيد. انصار علي. نور محمد. دوست علي. محمد رفيق. عمران. محمد خان. مختيار. عزيز ۽ ميان بخش سخت زخمي ٿي پيا جن کي تعلقہ اسپتال ٽنڊوآدم آڻڻ بعد ڳنڀير جوڳي حالت ۾ ايل ايم يو

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو آدم: جهيڙي ۾ زخمي ٿيلن کي اسپتال ۾ طبي امداد ڏني پئي وڃي

هنگورجا مان هٿيارٻندن جي عورتن کان ڦرلٽ، شهرين ۾ ڪاوڙ، احتجاج جو ڄاڻ

سرڪاري اسپتال پرسان هٿيارٻند هيلٿ ورڪر پروين ميمڻ کان موبائيل ۽ سامان ڦري ويا

عورتن کان ڦرلٽ جو نوٽيس وٺي ڏوهارين کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي: رهواسي

هنگورجا (ن ع) هنگورجا ٿاڻي جي حد سرڪار اسپتال واري گهٽي سان ايندڙ ليڊي هيلٿ ورڪر پروين ميمڻ کان نامعلوم هٿيارٻندن هٿيارن جي زورتي موبائل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا. ڦر واقعي جي رپورٽ هنگورجا ٿاڻي تي درج ڪئي وئي آهي عورت کان ڦرلٽ واقعي تي شهرين سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو آهي سماجي اڳواڻ عزيز ميمڻ اسلم ميمڻ ۽ ٻين چيو آهي ته شهر جي عورتن کان ڦرلٽ واقعي جو نوٽيس وٺي ڦريل سامان واپس ڪرائي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ ڳوٺاڻن جو بااثرن جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ ٻڏو چانڊيو واسي چنل خاتون، سڪينه، صنم ۽ ٻين احتجاج ڪيو

بااثرن رستي لنگهه تان گهرن کي باهه ڏئي ساڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي: مظاهرين

خيرپور(ڊ ر)ٽنڊومستي ٿاڻي جي حد ڳوٺ ٻڏو چانڊيو ۾ رستي جي لنگهه واري تڪرار تان بااثر ماڻهن پاران گهر کي باهه ڏئي ساڙڻ جي ڪوشش خلاف متاثر خاندان احتجاج ڪيو. احتجاج جي اڳواڻي چنل خاتون سڪينه خاتون صنم خاتون ذوالفقار چانڊيو ۽ ٻين ڪئي ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن الزام هنيو ته بااثر ماڻهن رستي جو لنگهه بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن هنن چيو ته گذريل رات دير سان جوابدارن سندن گهر کي باهه ڏئي ساڙڻ

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ٽرڪول بلاڪ ون جا متاثر خاندان دربدر، معاوضي ۽ سهولتن لاءِ احتجاج

سائينو سنڌ ڪمپني ۽ ضلعي انتظاميا تي بااثرن کي نوازڻ ۽ اصل متاثرن کي نظرانداز ڪرڻ جا الزام

ڪنٽيگري سسٽم ۾ مبينا ڪرپشن جو الزام، متاثر خاندانن پاران پريس ڪلب آڏو ٽن ڏينهن کان ڌرڻو جاري

اسلام ڪوٽ(ن ع) ٿرڪول بلاڪ ون جي ڳوٺ ورواٽي جا 161 متاثر خاندان سائينو سنڌ ڪمپني ۽ ضلعي انتظاميا جي لاپرواهي سبب دربدر ٿي ويا آهن. ڪمپني ۽ روينيو انتظاميا جي بي ڌياني ۽ من پسند ماڻهن کي نوازڻ،جيڪ توڙي سهولتن ڏيڻ سبب حقيقي متاثر سخت پريشان ٿي ويا آهن.مليل رپورٽن موجب ته ڳوٺ ورواٽي مان لڏپلاڻ بعد ريسٽلمينٽ ڪالوني ۾ رهيل خاندانن مطابق دل پاڙي جا 78 خاندان،راوت پاڙي جا 26 خاندان،حبيب پاڙي جا 11

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ: ٿرڪول جا متاثرين مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

چوهڙ جمالي ۾ جهولائي برادري جو لاڪائيه برادري جي ماڻهن خلاف احتجاج

صديق لاڪائيو ۽ ٻين گهرن تي حملو ڪري ڪهاڙي جو ڌڪ هڻي زخمي ڪيو:اصغر

مسمات شبي کي لٺون ۽ ڌڪ هڻي پنج مهينن جو حمل ضايع ڪيو،موٽرسائيڪل ٻه کڻي ويا آهن

چوهڙ جمالي (ن ع) چوهڙجمالي لڳ براڃ موري جي رهواسي جهولائي برادري جي اصغر جهولائي مسمات نسيمان جهولائي مسمات شهناز- زينب جهولائي زليخان ۽ مسمات حسينه جهولائي چوهڙ جمالي پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هڻندي چيو آهي ته لاڪائيه برادري جي صديق لاڪائيو ممتاز لاڪائيو مصري ملاح سجاد ملاح ۽ ٻين ويهه کان وڌيڪ ماڻهن پلاٽ جي هلندڙ تڪرار تان اسان جي گهرن تي حملو ڪري سونگي ڪهاڙي جو ڌڪ

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

خيرپور پوليس پاران رزاق مهيداڻو کي قتل ڪندڙ جوابدار کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

جديد ٽيڪنالاجي ۽ ڳجهي اطلاع جي بنياد تي جوابدار رحمت الله شر کي گرفتار ڪيو: پوليس

جوابدار وٽان قتل ۾ استعمال ٿيل اوزار پڻ هٿ ڪيا آهن، وڌيڪ جاچ ڪريون پيا

خيرپور(ڊ ر)خيرپور پوليس جي اهم ۽ ڪامياب ڪارروائي ڪجهه ڏينهن اڳ شهري کي قتل ڪندڙ جوابدار قتل ۾ استعمال ٿيل اوزار سميت گرفتار تفصيل موجب ايس ايس پي خيرپور ڪيپٽن (ر) امير سعود مگسي جي خاص هدايتن تي ڊي ايس پي ميرواهه مير امداد علي ٽاليپر ۽ ايس ايچ او ٿاڻو ڪوٽ لالو محمد سليم ڊايو اهم پريس ڪانفرنس ڪئي پوليس ٽيم جديد ٽيڪنالاجي ۽ ڳجهي اطلاع جي بنياد تي ڪامياب ڪارروائي ڪندي شهري رزاق

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

شڪارپور ۾ ڦر جي ڪوشش دوران مزاحمت تي مشهور زميندار قتل، هڪ ڄڻو زخمي

هٿيارٻند ڦر جي ڪوشش دوران مزاحمت تي آغا فيض الله خان ڊرائيور سميت ٻن ڄڻن کي گوليون هڻي زخمي ڪيو

زخمين کي اسپتال پهچايو ويو جتي آغا فيض الله زخمن جا سور نه سهندي دم ٽوڙي ويو

زخمي جي ڳنڀير حالت سبب وڌيڪ علاج لاءِ سکر جي نجي اسپتال منتقل ڪيو ويو

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

شڪارپور: مزاحمت تي مارجي ويل آغا فيض الله خان

دادو لڳ زرعي زمين مان سولر انورٽر چوري، پيرا کڻڻ دوران پوليس ۽ مقامي ماڻهن ۾ ڇڪتاڻ

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

رهڙي پرسان درگاهه صدرالدين بادشاهه جي احاطي مان نوجوان جو لاش مليو

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: گرمي سبب ماڻهن ڪورنگ نالي ۾ وهنجي رهيا آهن

غلام الله لڳ زمين تان ڪار ٽانگ ٽڪر سبب نوجوان فوت، گهر ۾ ڪهرام

ڪمال ديرو پرسان نوجوان ٽانگ جي ڪڪر سبب فوت، گهر ۾ ڪهرام

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

مورو لڳ قتل ٿي ويل حسين جاني عباسي جو نمبر 98 لک 25 هزار روپيه ڏنڊ مقرر

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد ۾ ناري پسٽل سان فائر ڪري خودڪشي ڪري ڇڏي

ڳوٺ ڪرم پنهور ۾ رخسانه گهرو اٿبٽ تان فائرنگ زندگي جو انت آندو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو ڪارروائي بعد وارثن حوالي

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد جي ٿاڻي جي حد ڳوٺ ڪرم خان پنهور ۾ واقع گهر اندر نوجوان ناري رخسانه ڌيءَ پير بخش پنهور مبينه گهرو اٿبٽ تان پاڻ مٿان تي پسٽول جو فائر ڪري خودڪشي ڪري ڇڏي، واقعي بعد حد جي پوليس پهچي لاش کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي سول اسپتال ڪٺائي آئي جتي ڊاڪٽرياڻي پاران لاش جو پوسٽ مارٽم ڪرڻ بعد وارثن حوالي ڪيو ويو ان سلسلي ۾ محبوب علي پنهور صحافين کي ٻڌايو ته ناري

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: مبينہ خودڪشي ڪندڙ ناري رخسانه پنهور جو لاش پيل آهي

خيرپور اسپتال مان معصوم ٽينگري پراسرار طور گم، وارث پريشان، ڳولا ۾ مدد جي اپيل

خيرپور(ڊ ر)خيرپور جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد اندر قائم سٽي اسپتال مان 10 ورهين جو ٽينگر پراسرار نموني گم ٿي وڃڻ سبب وارثن ۾ سخت پريشاني پکڙجي وئي آهي لقمان سرڪي موڙ جو رهواسي 10 سالا ڏيشان ميتلو پنهنجي وارثن سان گڏ سٽي اسپتال ۾ داخل هڪ مريض جي عيادت لاءِ آيو هو جتان هو اوچتو پراسرار نموني گم ٿي ويو ٽينگر جي گم ٿيڻ ڪان

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

بلوڙي شاهه ڪريم: ڳوٺاڻا روڊ بلاڪ ڪري احتجاج ڪري رهيا آهن

اوباوڙو ۾ شر برادري جي ماڻهن جو ڏونڌو برادري جي زيادتين خلاف احتجاجي ڌرڻو

6 مهينا اڳ ڏونڌو برادري جي ماڻهن گهرن تي چڙهائي ڪري 70 عدد چوپايو مال ۽ قيمتي سامان کڻي ويا هئا: مظاهرين

سردار علي گوهر مهر ۽ ٻين سردارن جي سربراهي ۾ ٿيل جرڳي ۾ ڏونڌو برادري 62 ڍورن جي واپس جي خاطري ڪرائي هئي

ڏونڌو برادري فيصلي تي عمل نٿي ڪري ڍور واپس نٿي ڏي جيڪا ناانصافي آهي

ميرپور ماٿيلو (ن ع) شر ڏونڌو تڪرار جو سرڪٽ هائوس سکر ۾ ٿيل جرڳي ۾ ڳالهه ٻولهه تي عمل نه ٿي سگهيو آهي ان سلسلي ۾ گذريل ڏينهن اوباوڙو جي رهواسي شر برادري جي ماڻهن ايس ايس پي گهوٽڪي جي آفيس آڏو پهچي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي علي دوست شر ۽

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

ميرپورماٿيلو لڳ 10 ڳوٺن جي 22 ڏينهن کان بجلي بند، رهواسين جو احتجاج

ڳوٺ ولي محمد ڪوراڻي، پيري جلباڻي ۽ ٻين ڳوٺن جي رهواسين احتجاج ڪيو

ٿڌ جي گرمي ۾ بجلي بند هجڻ سبب زندگي زهر بڻجي وئي آهي، بحال ڪري انصاف ڪيو وڃي

ميرپورماٿيلو (ن ع) ميرپورماٿيلو داد لغاري فيڊر سان لاڳاپيل ڳوٺن ولي محمد ڪوراڻي،پيري جلباڻي، صديق ڪلوڙ قاضي لال بخش ،فضل ٿهيم ، ڪوڙو مهر،عيسيٰ ڪلوڙ سميت 10 ڳوٺن جي 22 ڏينهن کان داد فيڊر جي بجلي بند هجڻ خلاف ڳوٺاڻن پاران ڊي ايچ ڪيو پريس ڪلب ميرپور ماٿيلو آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ڳوٺاڻن زعفران ڪلوڙ،بشير ڪلوڙ سميت ٻين احتجاج ڪندي ٻين جو چوڻ هو ته

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

رڳڻ لڳ رڪشہ جي ٽڪر ۾ فوت ٿيندڙ ٻن ٻارڙين جي وارثن ميڙ کڻي اچڻ تي جوابدار کي خون معاف ڪري ڇڏيا

رڳڻ (ن ع) ٻهرام ۾ ڪجهه ڏهاڙا اڳ لوڊر رڪشہ جي ٽڪر ۾ فوت ٿيندڙ ڳوٺ جعفراڻي جو ٻہ معصوم ٻارڙيون ساجده ۽ اقراه ڌيءُ حسين ڪوناڻي واري حادثي بعد لوڊر رڪشہ مالڪ مگسي ذات جي ماڻهن سيد حاڪم شاهه پٽ واري گاديءَ نشين سيد پيين شاهه جي اڳواڻي ۾ ميڙ ڪري ٻارڙين جي وارثن وٽ پهتا جتي هنن حادثي کي

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

ميرپورماٿيلو: بجلي نه هجڻ خلاف دادلغاري جا شهري احتجاج ڪري رهيا آهن

اسلام آباد: هڪ ٻارڙي ڪاپي تي اسڪيچ ٺاهي رهي آهي

ڏاهن چوائي ته انسان کي موت آهي پر ڪردار کي موت ناهي: زين شاهه

اسين سمجهون ٿا ته شوڪت حسين ميمڻ انهن ڪردارن مان آهي

سڪرنڊ (رپورٽ قاضي جاويد سنائي) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي پاران مرڪزي صدر سيد زين شاهه جي اڳوائيءَ ۾ پارٽي جي سينيئر ورڪر شوڪت حسين ميمڻ سان سنڌس سياسي سماجي خدمتن تي ڪيس پيئنا پيش ڪرڻ لاءِ "هڪ شام شوڪت ميمڻ جي نالي" جي عنوان سان اسٽيشن روڊ سڪرنڊ تي جلسه عام جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ SUPجي مرڪز، ضلعي ، تعلقي ،

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي واسي پورهيت جو بااثر پاءُ جي ناجائزين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي ريلوي ڪالوني جي رهواسي پورهيت نوجوان بااثر پاءُ جي مبينا ناجائزين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ان موقعي تي پورهيت سعيد احمد مستوئي دانهيندي الزام لڳايو ته جڳهه جي معاملي تان

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

فيض گنج ۾ پڪاچانگ واسي جو بااثر جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

بااثر گهر تي حملو ڪري پيرسن کي زخمي ڪري زال انيلا کي کڻي ويو آهي: اسلم ڪنبر

واقعي خلاف پوليس وٽ انصاف لاءِ ويس ته ايس ايڇ او ڌڪا ڏئي واپس ڪيو آهي

فيض گنج (ن ع) پڪاچانگ پرسان مبينا طور تي جوابدار گهر ۾ داخل ٿي ڦرلٽ ڪري گهر ڀاتين تي تشدد ڪري شادي شده عورت کي اغوا ڪري ويا پڪاچانگ ڀاءُ پاس تي محمد اسلم ڪنبر جي گهر ۾ جوابدار سڪندر چانگ ۽هڪ نامعلوم داخل ٿي گهر ڀاتين تي تشدد ڪيو پيرسن عورت گلزار خاتون زخمي ٿي پئي جوابدار شادي شده عورت انيلان خاتون

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد ۾ ڳوٺاڻي جو تشدد ڪندڙ جوابدارن خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد جي محمد پور اوڊو جي رهواسي ڳوٺاڻي عرفان جکراڻي پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي چيو آهي ته عيد الاضحيٰ کان ٻہ ڏينهن بعد جوابدارن ابران سهيل ۽ بلال جکراڻي وارن منهنجي ڀاءُ سجاد جکراڻي کي گهران

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

جامشورو لڳ قتل ٿيل امتياز ٽيوڻو جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف وارثن جو احتجاج

مقتول جي ماءُ خورشيد ۽ ٻين پريس ڪلب آڏو جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو

پوليس کي سڀ خبر هجڻ باوجود جوابدارن کي گرفتار نٿي ڪري، انصاف ڪيو وڃي

جامشورو (ڊ ر) شهر جي ڳوٺ الهرکيو ڪوسو ۾ 10 ڏينهن قتل ٿيل نوجوان جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف مقتول جي فريادڻ امڙ ڀاءُ جو ٻارڙن سميت جامشورو ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪندي فريادڻ خورشيد ٽيوڻو ۽ مقتول جي ڀاءُ مجيب ٽيوڻو چيو آهي جي پورهيت امتياز ٽيوڻو کي 10 ڏينهن اڳ جوابدار بيدردي سان ڪهاڙين ڪاتين هڻي قتل

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ سيپڪو پاران رينجرز جي مدد سان بجلي چورن خلاف آپريشن، ڊائريڪٽ ڪنڊا لاٿا ويا

موڪل واري ڏهاڙي مراد واهڻ علي گوهر آباد، ايمپائر روڊ ۽ ٻين علائقن ۾ گرينڊ آپريشن ڪيو ويو

آپريشن دوران 4 هزار کان وڌيڪ ڊائريڪٽ ڪنڊا لاهي تارون ضبط ڪيون ويون آهن: سپرنٽينڊنٽ انجنيئر

ملتان: هارياڻيون فصل ڪٽي رهيون آهن

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ سيپڪو طرفان رينجرز جي مدد سان بجلي چوري خلاف موڪل واري ڏهاڙي تي شهر جي مراد واهڻ علي گوهر آباد، ايمپائر روڊ، بندر روڊ، سچل ڪالوني، شيخ زيد ڪالوني سستي

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

دادو ۾ پنجاب پوليس جي مبينا ڪارروائي، منير ملاح جي گرفتاري تي احتجاج

دادو(ڊ ر) پنجاب پوليس پنجاب مان عورتن کي مبينا اغوا ڪري دادو ۾ وڪرو ڪرڻ جي الزام هيٺ منير ملاح گرفتار ڪري گرفتار ڪري واپس پنجاب هلي رواني ٿي

بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي، تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي، جاري ڪئي.